

سنڌي شاگرد سياست
عبدالحئي پليجو

# سنڌي شاگرد سياست

## عبدالحئي پليجو

چپائيندڙ
مومل پبليڪيشن – ڀنون

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | **سنڌي شاگرد سياست** |
| ليکڪ: | عبدالحئي پليجو |
| ڇاپو پهريون: | 1989ع |
| ڇاپو ٻيو: | 2016ع |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ: | جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ: | مومل پبليڪيشن – ڀنون |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650 |
| قيمت: | 300 روپيا |

| | |
|---|---|
| Book Name: | Sindhi Shagird Seyasat |
| Author: | Abdul Hai Palijo |
| Edition Frist: | 1989 |
| Edition Second: | 2016 |
| Copmputer Leyout: | Jahanzeb Ali Junejo |
| Title: | More Sagar |
| Printed at: | Sahil Printers Hyd. |
| | 0333 2634650 |
| Published By: | Momal Publication |
| Price: | Rs. 300/= |

# ارپنا

سنڌي شاگرد سياست جي سنگ ميل 4 مارچ جي سينڌي نامور ۽
گمنام سورهيه شاگردن جي نالي جن پنهنجي پشم جهڙن پُٽن تي
لٺيون سَٺيون، جيل ڪاٽيا، عذاب سَٺا ۽ قومي سياسي وايو منڊل کي نئون جذبو ۽ اُمنگ عطا
ڪئي.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(289)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سنڌي شاگرد سياست“** نامياري ليکڪ ۽ سفرناما نگار **عبد الحئي پليجي** صاحب جو لکيل آهي.

سنڌي شاگرد سياست جي 4 مارچ واري جدوجهد جي تاريخي حيثيت آهي. عبدالحئي پليجي صاحب جو هيءُ ڪتاب جيڪو هڪ لحاظ کان سندس سياسي سرگرمين جي ڊائري به آهي، ان ڪري به هڪ اهم دستاويز آهي، جو ان ۾ ڏنل مواد منجهان اسان کي پنهنجو هڪ زبردست ۽ تاريخي، سياسي تجربو سامهون اچي ٿو، جنهن حوصلي ترتيب ۽ تنظيم سان شاگرد تحريڪ هلي ۽ ان اڳتي هلي جهڙيءَ طرح سنڌ جي ماڻهو کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪئي، جو خود حڪمرانن کي اصل ۾ نه، ته به اُصولي طرح ون يونٽ کي هڪ سياسي بداخلاقي سمجهي ٽوڙڻ جو اعلان ڪرڻو پيو.

ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1989ع ۾ ڇپيو هو، جڏهن ته ٻيو ڇاپو **مومل پبليڪيشن _ ٻنون** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مور ساگر جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي. ٿورا سائين عبد الحئي پليجي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


1. مهاڳ — ف. م. لاشاري — 07
2. ورهاڱي ۾ سنڌي شاگرد — 12
3. سنڌي شاگردن ۾ تنظيمي عمل — 22
4. 4 مارچ — 27
5. سنڌ ۾ سجاڳي جي نئين لهر — 34
6. سنڌ ۾ نيون شاگرد تنظيمون — 46
7. 4 مارچ - پٺتي ۾ بعد جي حالات — 53
8. ڊاڪٽر افغان ڪيس ۾ ردعمل — 55
9. جيل کان رهائي — 68
10. شاگرد (4 مارچ جي ياد ۾) — 75
11. 4 مارچ — 76
12. 4 مارچ جي جوڌن دودن جي شان ۾ — 77
13. اڄ مارچ مهينو آيو آ — 78
14. اپريل 1985ع — 79
15. ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، ميرپور بٺورو — 80
16. انهي دؤر جا ڪجهه خط — 83

# مهاڳ

سنڌ جي شاگرد هلچل تي هيءَ ڪتاب هڪ اهڙي ڪردار جي قلم جو ڪم آهي، جيڪو اُن هلچل جو حِصو ٿي رهيو ۽ جنهن ۾ اجا بہ انهن ئي مقصدن جو اونو سلامت آهي. لکڻ، ڪو اهڙو ڪم ناهي جو ايئن ويٺي ويٺي ڪري ڇڏجي، هي زندگيءَ ڏانهن ذميداري جي احساس مان ڦُٽي نڪتل، ڦاٽ ڪائي نڪرندڙ پر هڪ ضابطي پريو عمل آهي. جذبي جي ان سچائي کان خالي لکيتون بہ عام جام نظر اينديون. پر انهن کي، نہ جتاءُ رهي ٿو ۽ نہ وري ڪم جي ڳالهہ ٿي ٿئي.

محترم عبدالحيءَ پليجي جو سنڌ جي ڪنهن وقت جي هر اول سياسي دستي سان عملي ۽ احساساتي رشتو هيو ۽ ان رشتي جي معصوميت کي بہ هن نهايت سچائيءَ سان سنڀالي رکيو آهي. ان معصوميت ۽ سچائيءَ جو ٻيو نالو گهڻين حالتن ۾ رومانيت بہ هوندو آهي. جيڪا پاڻ سنڌي ماڻهن جي سَنَدَ سَنَدَ ۾ پيريل آهي. ان ڪري هن ڪتاب ۾ بہ واضع ۽ نمايان پاسا آهن. هِڪڙو شاگرد سياست، اُن جو تنظيمي ڪم ڪار ۽ انڌ جي قوتن هٿان ان تي پوندڙ گهات، ٻيو پاسو سياسي تجزئي جو آهي. رومانس ۽ تجزئي جو جتي بہ ميلاپ ٿئي ٿو. اتي مزيدار منظر نظر اچن ٿا. اُهي ئي منظر سيني سنڌي پڙهيل لکيل دانشور ۾ ليڪڪن پيدا ڪيا آهن. هيڏن سالن جي ڏاڍ ڪانپوءِ هاڻي وڃي هلڪو احساس پيدا ٿيو آهي تہ رومانس کي بہ انقلابي رومانس جو نالو ڏنو وڃي ۽ چند ڇاڻ تجزيي يا حساب ڪتاب جو شعبو ئي ڏار ڪيو وڃي. هيءَ ڳالهہ هن ڪتاب جي ليکڪ ياءَ عبدالحئي پليجي جي دردمند دل جي اوريل احوالن مان ئي اُپري آهي. جيئن هر جدوجهد کي نظرياتي بنياد مهيا ڪبا آهن. تيئن ان جدوجهد کي رومانوي بنياد بہ ڏيڻا هوندا آهن. هڪ جذباتي ۽ اجا بہ هيجاني فضا قائم ڪئي ويندي آهي. اهو هيجان ان مرحلي تي غلط بہ هوندو آهي. پَل مناسب رٿابندي سبب ٿيندڙ جدوجهد ۾ ان جذباتي فضا تي نظر بہ رکبي آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو بندوبست نہ هوندو تہ پوءِ اهڙي جدوجهد هڪڙن هٿن مان نڪري ٻين جي ۽ ٻين کان ٽين جي هٿن ۾ هلي ويندي. تاريخ مرڻ مارائڻ جي جنون سان پري پيئي آهي ۽ جيڪڏهن جذباتيت تي ضابطي جو انتظام ٿيل نہ هوندو تہ پوءِ مرندا هڪڙا ۽ ڪٽيو ڪائيندا ٻيا. سادو مثال ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي هاري هلچل ۾ پيدا ڪيل سجاڳيءَ جو فائدو 1970ع وارين چونڊن ۾ سنڌ ۾ پيپلزپارٽي، سوشلزم جو نعرو هڻي ورتو. البت پنجاب ۾ سندس ڪنڻ لاءِ ٻيا ڪارڻ وڏيڪ اهم آهن. هي ڪم آهي نهايت ڏکيو جذباتيت پيدا بہ ضرور ڪرڻي آهي. سِر ڏيڻ، مرڻ، مارائڻ، قرباني لاءِ تيار هجڻ ڪنهن جذباتيت ۽ عشق کانسواءِ ممڪن نہ آهي.

اهو ضروري ان ڪري آهي جو ظلم ۽ انڌ سان ويڙهہ ڪائڻ لاءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪهڙو محرڪ جذبو ٿي سگهي ٿو. ظلم جي خلاف ڇڙو دليل ۽ منطق ڪم نٿو ڏئي ان لاءِ طاقت جي ٽيڪ کپي، جنهن سان

اهو اڳتي وڌندو ۽ طاقت جذبن جي درياهي وهڪرن ۾ مانڌاڻ ۽ طوفان پيدا ڪرڻ سان اچي ٿي. ڏهه متحرڪ جذباتي قرباني لاءِ تيار ماڻهو هڪ لک ماٺ ڪري ويٺل اشراف ماڻهن کان وڌيڪ نتيجا ۽ اثر پيدا ڪري سگهن ٿا. پر ماڻهن کي تحرڪ ۾ آڻڻ لاءِ طوفان جا رُخ موڙي ڇڏيندڙ طاقت کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏيڻ سان تباهي پکڙبي آهي. اُن طاقت کي ضابطي ۾ رکڻ مان گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ان کي گهڻي زيان کان بچائڻ ٿوري طاقت مان وڌيڪ فائدو وٺڻ جهڙو ڳڻ ڳوت اسان نہ ڪري سگهيا آهيون. اسان پنهنجي اُن اٿاهہ طاقت کي جنهن کي سنڌي شاگرد هلچل جو نالو ڏجي ٿو تي ڪي بہ ريگيوليٽر نہ هڻي سگهيا آهيون. نہ رڳو ايترو پر ان عمل جي ٿيڻ سان جيڪي نقصان ٿيا آهن. تن جي ڳڻ ڳوت بہ نہ ڪئي اٿئون، اسان تہ اجان اهيو بہ نہ سمجهي سگهيا آهيون، تہ قوم رڳو هڪ سياسي اظهار نہ هوندو آهي، قوم معاشي، ثقافتي، علمي ۽ ترقياتي اظهار بہ هوندي آهي. ”قوم کي پنهنجو مضبوط واپاري ۽ وچولو طبقو بہ هئڻ گهرجي. قوم کي تاريخ جي سفر ۾ تيار ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪندڙ دانشورن جا ادارا بہ هجن. قوم کي دنيا سان گڏوگڏ هلائڻ جا نقيب بہ هئڻ گهرجن.“ اهي سڀ نہ ڪجهہ ٿيڻ جو نتيجو هي نڪتو آهي جو معاشي، ثقافتي، ٽيڪنالاجي، علمي ۽ سياسي، سيني پاسن ۾ پاڻ صفا ڇڇي، ڪتجي ۽ اڻ لاڳاپيل رهجي ويا آهيون. هڪ نہ گذريل ويهن ٽيهن سالن ۾ تبديلي جو جيڪو مقدار آيو آهي. سو گذريل ويهن ٽيهن سالن ۾ تبديلي جو جيڪو مقدار آيو آهي. سو گذريل ڏهہ لک سالن ۾ بہ نہ هو. ان تبديليءَ سان گڏ هلڻ هڪ تہ خود سڄي دنيا لاءِ مسئلو ٿي ويو آهي ۽ مٿان وري پاڻ صدين جي گهيرن ۾ آهيون، توڪلي رومانٽڪ عاشق مزاج جڏهن محسوس ڪيوسين تڏهين ڏنبا اُيا نڪري پئبو. خبر پوندي تہ جيڪي ڏندا ويهہ سال اڳ اُيا ڪرڻ ڪپندا هئا، سي هاڻي ٿا ٿين. يعني مهل هٿن مان نڪريو ٿي وڃي. هر شڪست کائڻ کان پوءِ غدار ڳوليون ٿا، وري بہ رومانس ۾، ”سنڌ ڪو تباهہ ٿيڻي آهي ڇا، ڪئين آيا ڪئين ويا، سڀ برباد ٿي ويا پر سنڌ موجود آهي.“ هن ڳالهہ ۾ ڪٿي سچائي بہ هجي پر ڇا هاڻي بہ دنيا ان رفتار سان هلي ٿي، جنهن سان پاڻ سوچڻ ۾ پورا آهيون.

جيستائين قومن جون سوچڻ لاءِ ذميوار قوتون پنهنجي دور سان گڏ دور جي گهڙيءَ گهڙيءَ ڏانهن لمحي لمحي ڏانهن ذميوار نٿيون ٿين، تيسان فناه جي ڦوڪ واريون هوائون هلنديون رهنديون. ان ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي. اسان جي جدوجهد، اسان جو رومانس ۽ اسان جي سياسي هلچل جي راهہ جو هڪڙو نشان وارو پٿر 4 مارچ 1967ع بہ آهي. سڄي سنڌ ماٺ هئي. هرڪو پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ هو اجان سنڌ جي عام ماڻهوءَ ۾ پنهنجا سياسي رويا ناهڻ جي طاقت ۽ ڏانءُ بہ نہ هو. تڏهن هن ڌرتيءَ جي بي خبر لکين ماڻهن جي نمائندگي ڪجهہ سئو شاگردن ڪئي. هو چرپر ۾ هئا، هنن ۾ جوش هو.

هنن تاريخ ۾ ڪا سيڙپ ڪرڻ پئي گهري، ڪو مقصد هو جيڪو حاصل ڪرڻو هو. اهڙو اُتم ۽ اعليٰ مقصد جيڪو سنڌ ۾ ان وقت ٻئي ڪنهن وٽ ٻه نه هو. رياستي ادارن سنڌي شاگردن جي چرپر کي خطري جو نشان سمجهي پنهنجي ننگي ڏاڍ جو مظاهرو ڪيو جيل ڀرجي ويا. لکين ڪاغذ ڪارا ٿيا. شاعريون ڪيون ويون، ڪهاڻيون لکيون، مضمونن جا سلسلا هليا ۽ چوٿين مارچ جو ڏينهن جدوجهد جي علامت بنجي ويو. پر شاگرد هلچل جو ليکو سنڀاليو ته معيار جي لحاظ کان اها چوٿين مارچ کان به ٻه وِکون پوئتي آهي. شاگرد هلچل خلاف رياستي ادارن ڏاڍ سان گڏ اٽڪل بازي به شروع ڪري ڇڏي هئي. هنن جنهن شئي کي خطرو سمجهيو ته نهايت، ايمانداريءَ سان سمجهيو. پوءِ هر ڪنهن ڏٺو ته سنڌ جي شاگرد هلچل تباهه ٿي ويئي سرڪار پنهنجا ”مڇرائيندڙ ڇاڙتا“ شاگرد تنظيمن ۾ داخل ڪري سنڌ جي تعليم کي برباد ڪري ڇڏيو. خبر تڏهين پئي ته سياست اهي شاگرد ڪن ٿا، جيڪي پڙهڻ ۾ جڏا آهن.

ڪنهن وقت جڏهن ڪنهن خيال کان ٻڌَي جي اڳهه تي تعليمي معيار ڏسڻ ڪانسواءِ ۽ نقل جو سهارو وٺندڙ انجنيئرن جا لشڪر پيدا ڪيا ويا، سي ٻين قوميتن جي انجنيئرن سان ڪنهن به طرح چٽا ڀيٽي ۾ اٽڻ جهڙا نه رهيا.

نوڪريون ملڻ ڪانسواءِ رشوتون ڪاٽڻ جي هنن جو ٻيو ڪو ڪم ئي نه رهيو. شاگرد هلچل جيڪڏهن سنا روشن خيال ۽ وطن پرست شهري پيدا نٿي ڪري سگهي ته اها هلچل بدران هڪ ڇڙواڳ سياسي سرگرمي هوندي. جنهن جو فائدو وطن ۽ وطن جي ماڻهن بدران وطن جي دشمنن، ڌارين ۽ قبضو ڪندڙن کي ٿئي ٿو. محترم عبدالحئي پليجي پنهنجي هن ڪتاب ۾ شاگرد هلچل کي سنڌ مٿان خطرن جي يلغار کي منهن ڏيڻ جو عمل ڪري ڏيکاريو آهي ۽ آهي به ايئن. ان مان خود سنڌي قوم جي سياسي بيوسي ظاهر ٿئي ٿي. قومن مٿان آيل بار رڳو اسڪولي شاگردن مٿان وجهبا ته گهربل نتيجا ڪڏهن به حاصل نه ٿيندا. سنڌ فقط شاگرد نه آهي. سنڌ هاري به آهي ته واپاري ۽ دڪاندار به آهي، پر اسان جي سياسي تعليم جو حشر اهو آهي جو ستر واري سڄي ڏهاڪي تائين سياسي ڪارڪن ان مونجهاري ۾ رهيو ته ڪجي ته ڇا ڪجي، ڪيئن ڪجي ۽ ڪٿان شروع ڪجي؟ شاگرد پاڻ سڪڻ جي عمل ۾ هوندو آهي، سندس ان عمل کي نقصان پهچائڻ واري سياست جا نتيجا پاڻ پوڳيون پيا، سڀ ڪم رلي ويا آهن سنڌي عوام جي سياسي شعور کي جيڪي پر لڳل آهن، سي رياستي ادارن جي ڏاڍاين جي نتيجي طور آهن.

سنڌ جو عوام ورهاڱي ڪانپوءِ سڌي ظلم جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. انهن ئي ظلمن خلاف نڪري پوڻ جا ڏيک 1983ع واري هلچل ۾ سامهون اچن ٿا. ماڻهو اڳتي ۽ سياسي اڳواڻ پوئيتان. سياستدان ڳالهه ڪري اچي ڦاٿا. هنن کي عوام جي شعور جو اندازو ئي نه هو. هنن ڳالهين جو مطلب هي آهي ته

هتي سياست کي سماجي سائنس تسليم ڪرڻ بدران ذاتي ۽ گروهي راين ۽ روين جي آڌار تي هلايو ويو آهي. ورهاڱي کان پوءِ ڪوڙن ڪليمن ۽ رشوت بازين جا جيڪي طائفا لڳا. جن ۾ پناهگيرن نڱن سان گڏ اسان جو ڪامورو ۽ وڏيرو ٻڌ هئا. ان حالت جي خلاف سنڌ ۾ ڪابہ سياسي هلچل نہ ٿي ملي. اسان جو هيءَ ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ، "ورهاڱي کان پوءِ ترت، سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف ڪابہ مزاحمت نہ ٿي سگهي، سنڌ مٿان تاريخ جو هي نهايت وڏو بار آهي. جن منزل گاهہ مسجد واري واقعي تي سنڌ ۾ تباهيون پکيڙيون جن سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرائڻ جي هلچل هلائي، تن کي ڪهڙي نانگ ڪاڌو هو جو ايئن سنڌ کي لُٽ جو مال بنجڻ ڏنائون ۽ ان لُٽ ۾ رياستي ڪارندن سان سنڌ کي شڪار بنائڻ واسطي شينهن ۽ گدڙ وارو رشتو رکڻ ۾ بہ ڪين ڪو شرم ڪونہ ٿيو. انهيءَ زوال پرست طبقي سنڌ ۾ سنڌي وچولي طبقي جي اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ ۾ پنهنجي بربادي‌ءَ کي تيز ٿيندو ڏٺو. اهو ئي طبقو صاف سٿريءَ چٽا ڀيٽيءَ کان گُسائي سازشن ۾ جنبي ويو. انهيءَ ئي طبقي هلندڙ صدي ۾ سنڌ سان جيڪي غداريون ڪيون آهن تن جهڙو هاجو پنجابي، پناهگير ناجائز مفاد بہ نہ پهچائي سگهيو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جو وچولو طبقو هڪالي ڪڍيو ويو. جڏهن ڪنهن قوم کان ان جو واپاري پڙهيل لکيل ۽ سڌريل ڪلاس کسجي وڃي تہ پوءِ اها جديد ساڃهہ جي ليکي سان قوم ڪٿي ٿي رهي. بيحد سرگرم معاشي گروهہ کانسواءِ قوم جو تصور ئي نہ ڪري سگهبو ۽ جيڪڏهن ڪبو تہ اها اهڙي خوش فهمي هوندي جنهن جا نقصان ايئن ڀوڳبا جيئن پاڻ ڀوڳيون پيا. سنڌ مٿان جيڪي للڪارون آيون آهن تن جو ذڪر اسان جي ليکڪ ڀاءُ عبدالحئي ڪيو آهي. ورهاڱي کان ترت پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ڪليمن جو ڪاروبار ۽ ون يونٽ جهڙيون ويڌنون ٿيون. اسان وٽ ٻي ڪا طاقت ميدان تي نہ هئي. جن اهي سڀ پسڻ ڪرايا، سي پنهنجي عياشين ۽ قوم کي تباهہ ڪرڻ ۾ رُڌل هئا. سنڌ وٽ شاگرد ئي هڪ منظم قوت هئا تن کي ڪٺي حالتن جي آڙاهہ ۾ اڳيان ڌڪيو ويو. پنهنجي تاريخ سو ٺاهيون باقي ٻيو گهڻو ڪجهہ آويءَ ۾ هڄي ويو. سنڌ جي شاگرد هلچل کي پهتل هاجي جو هڪ اهم ڪارڻ سنڌ جي سياسي ٽوڙي سماجي اڏاوت لاءِ سوچيندڙ تي اچي ٿي. هنن سماج جي غير منظم حصن کي منظم ڪرڻ بدران سولائي ان ۾ ڏٺي تہ شاگردن کي چر پر ۾ آڻڻ وڏيڪ سولو آهي، هڪ تہ ايئن ڪيو ويو ۽ ٻيو تہ شاگرد جن دٻائن هيٺ اچٹو هو. آيو ۽ اجا بہ آيل آهي، تن کان سندس بچاءُ جو ڪوبہ بندوبست نہ ڪيو ويو. پنهنجي طاقت کي دولت وانگر خرچ ڪري ڇڏڻ ڪنهن طرح بہ ڪارنامو نہ آهي. 1967ع کان ون يونٽ ٽٽڻ تائين شاگرد هلچل جي ڪردار ۽ ان جي ڪاميابيءَ کان انڪار نہ آهي، هڪ نئون باب ضرور لکيو ويو. پر اها عقلمندي نہ آهي تہ ٻن چئن ڪوڪلن اعلانن ڪرائڻ لاءِ پنهنجيون بہ ٽي چار پيڙهيون زيان ڪري ڇڏيون.

انهن اڻ رٿيل قدمن کڻڻ جو هڪ ٻيو اهم ترين سبب اها مايوسي آهي، جيڪا سنڌي ماڻهوءَ کي،

پاڪستان جي اندر ٿيڻ لڳي. مايوسيءَ جو اهو اڳتي ڏوڪيندڙ دوزخ پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهوءَ جي روح کي لاڳيتو ڳڙڪائيندو رهيو آهي. هي ڪتاب ان جو هڪ ثبوت آهي. پاڻ جنهن بيدرديءَ جو شڪار رهيا آهيون ان جو اظهار ياءُ عبدالحئي پليجي نهايت پرپور طريقي سان ڪيو آهي. پر اها ڳالهه خود هڪ غلط قدم آهي, اهو سنڌي ماڻهوءَ جو پنتي هٽي وڃڻ (Whith Drawlist) جو رويو به غير حقيقي آهي, نظرياتي طرح پاڪستان جي اندر پاڪستان کان ماڻهن کي مايوس ڪرڻ ڪابه معنيٰ نه ٿو رکي, ڪابه حقيقت جيڪڏهن پاڻ کي پانءُ نه پوي ته ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اها حقيقت وجود ئي نه ٿي رکي, جيڪا راند هلي ان جا اصول ۽ قاعدا ڄاڻڻ ضروري آهن, ڪاوڙجي منهن ڦيرائي ويهڻ سان ڪشالا گهٽ ٿيڻ بدران پاڻ وڌن ٿا. ان ۾ ڪوبه شڪ نه هئڻ گهرجي ته هن ملڪ کي اصل هاڃو رسائيندڙ قوتون حڪمران آهن. پاڪستان ۾ رهندڙ قومن تي ظلم جي بازار آمر حاڪمن گرم رکي. آمرن وٽ جنهن پاڪستان جو تصور رهيو آهي, پاڻ ان سان بنهه متفق نه ٿينداسين, پر ان ۾ ڪابه معقوليت نه آهي ته ملڪ کي ٽوڙين هڪڙا ۽ تڪر پچي شيخ مجيب, جي.ايم.سيد يا غفار خان تي.

ادا عبدالحئيءَ جو هيءُ ڪتاب جيڪو هڪ لحاظ کان سندس سياسي سرگرمين جي ڊائري به آهي, ان ڪري به هڪ اهم دستاويز آهي, جو ان ۾ ڏنل مواد منجهان اسان کي پنهنجو هڪ زبردست ۽ تاريخي, سياسي تجربو سامهون اچي ٿو جنهن حوصلي ترتيب ۽ تنظيم سان شاگرد تحريڪ هلي ۽ ان اڳتي هلي جهڙيءَ طرح سنڌ جي ماڻهو کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪئي, جو خود حڪمرانن کي اصل ۾ نه, ته به اُصولي طرح ون يونٽ کي هڪ سياسي بداخلاقي سمجهي ٽوڙڻ جو اعلان ڪرڻو پيو. هن ئي چوٿين مارچ جي ڏينهن کي اسان هينئر به پيمانو بڻائي ڳالهين کي پرکيون ٿا. 4 مارچ جي هلچل ۾ شامل سورهيه ڪردارن جي اڪثريت ان صورتحال کي وساري چڪي آهي. هن موضوع کي قومي سجاڳيءَ جو ازار سمجهڻ بدران ماضيءَ جو هڪ وسريل باب ڪري ڇڏيو آهي. هن کان اڳ طارق اشرف, مسعود نوراني يا هڪ اڌ ٻين همراهن 4 مارچ يا شاگرد هلچل تي ڪجهه لکيو آهي پر اُهو ڪافي نه آهي. سوويت يونين جي هڪ دانشور حمزه رسول جي هيءَ ڳالهه درست آهي ته ”جيڪڏهن توهان ماضيءَ کي پستول جو نشانو بڻايو ته مستقبل توهان کي توب جو نشانو بڻائيندو.“ اسان جي ليک محترم عبدالحئي پليجي نه رڳو اهو درد سانڍي رکيو پر پاڻ اهو حال اوري ڇڏيو اٿس, جنهن کي آڌار بڻائڻ سان پنهنجي وجود متعلق ڪيترن سوالن جا رستا کُلي پون ٿا.

ف. م. لاشاري
10 مارچ 1989ع

# ورهاڱي ۽ سنڌي شاگرد

سَرها سورهيہ سچ جا، اَرهي اوک نہ تن،
دکّ ڏيڻ کان پنڌّ ۾، ورچي واٽ وٺن،
جهاڳيا جهونجهارن، مرڪي پنڌ پهاڙ جا.

(اياز)

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي شاگرد قيادت گهڻو ڪري هندن جي حوالي هئي، پُوري هندستان جي صورتحال اِها هُئي جو اُن ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا گريجويٽ مسلمان مس هئا. هندن انگريزي تعليم جي حصول ۾ شروع کان وٺي ئي دلچسپي ورتي جنهن ڪري اُهي تعليمي ميدان ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا. مسلمانن انگريزي تعليم کي ڪافرن جي تعليم سڏي پاڻ کي پريرو رکيو. انهي پسماندگيءَ جي ذميداري ٻن گروهن جي سر تي آهي.

هڪ مُلان، جنهن پنهنجي تدريسي هڪ هٽي کي ٽٽندي ڏٺو ۽ عام ماڻهن کي انگريزي تعليم کان ڇرڪائي متنفر ڪري پري رکيو. ٻيو هو جاگيردار ۽ وڏيرو. جنهن تعليم کي عام ٿيڻ نہ پئي ڏنو ڇاڪاڻ تہ هُو عوام جي ذهني ۽ سياسي شعور جي واڌ کان نهايت ڊنل ۽ هراسيل هو.

نئين تعليم نوان لاڙا ۽ قدرَ پيدا ڪري رهي هئي ۽ پراڻن قدرن جي پسپائي ٿي رهي هئي. اهڙي ريت گروهہ انهي پسپائي ۾ پنهنجي سياسي اقتدار جي پسپائي جو عڪس ڏسي رهيو هو. بهرحال انهن ٻنهي گروهن جي مفاد پرستانہ عمل ڪري هندستان / سنڌ جو مسلمان هر شعبہ زندگي ۾ هندن کان پٺتي رهجي ويو. هندن جو صرف وڏو طبقو ئي تعليم ڏانهن مائل نہ بلڪ وچئين طبقي ۾ بہ تعليم عام هُئي. انهي ڪري مُلڪي سياست ۾ اهي شاگرد مختلف سياسي تنظيمن ۾ بطور ميمبر يا گارڊ حصو وٺندا هئا. مسلمانن جي صرف مٿاهين طبقي جو اولاد تعليم حاصل ڪندو هو. انهيءَ ڪري سياسي ميدان ۾ سندن ڪارگذاري نہ هئڻ جي برابر هوندي هئي. جڏهين ورهاڱو ٿيو تہ مُلڪ جي نون حاڪمن اهڙن نازڪ صورتحال پيدا ڪئي جو هتان جا قديم رهواسي جيڪي هن ئي مٽيءَ جا ماڻهو هئا ۽ جن جي رڳن ۾ سنڌوءَ جو پاڻي رت بڻجي ڊوڙي رهيو هو. جن جي ساهہ پساهہ ۾ سنڌ جي هزارها سالہ پراڻي سيپتا جو رنگ رچيل هو. جن جي ذهنن ۽ ضميرن ۾ لطيف، سچل، سامي ۽ شاهہ عنايت جو رس ڀريل هو. موهن جو دڙو جن جي ميراث هُئي، سنڌي ٻولي جن جي جيجل

جي لولي هئي، سي آليون اکيون ڪٽيو رت روئندا صدين جا رشتا ناتا ٽوڙيو پنهنجي ديس ڇڏي هليا ويا. هيءُ عظيم سانحو تاريخ جو هڪ المناڪ باب آهي. سنڌي ادب ۾ هن المناڪ باب تي ڪئين ڪهاڻيون ۽ شعر لکيا ويا آهن. جن کي پڙهندي چاڪ چڪيو پون ۽ اسان پاڻ کي ٻانهن وڍيل ٻبري قوم سمجهڻ لڳون ٿا.

اُڏري ويا وهلور وڳر

ڪا ڪونج نہ موٽي آئي آ.

(اياز)

اجا سينگ سر ۾ سڳيل ڪونجڙين تي،

وڳر کي وطن کان ويڳاڻا ڏسان ٿو.

(رنگريز)

انهيءَ لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ سنڌ اندر پڙهيل ڪڙهيل، نوڪري پيشي، واپاري ۽ شاگردن جو هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو جنهن خال کي اسان فوري طور تي پرڻ جي لائق نہ هئاسين. انهي ڪري موقعي جو فائدو وٺي نئين آيل خلقت اها جڳهہ والارڻ شروع ڪئي. اسان جي سياسي صورتحال هيءَ هئي جو اسان جا مسلمان سنڌي وڏيرا، مير پير ۽ جاگيردار قومي شعور ۽ محبت کان خالي ۽ نون حاڪمن جا پُڇ لٽڪائو هئا. جنهن ڪري سنڌين جي لٽجندڙ قافلي جي ڪوبہ نگهباني نہ ڪري سگهيو. هيڏانهن وري عوام جي صورتحال هيءَ هئي تہ هو جاگيرداري نظام جي شڪنجي ۾ هٿين پيرين سوگهو هو. سياست تي چند خاندانن جي اجاره داري هئي. انهيءَ ڪري عوام سياسي شعور کان وانجهيل هو. وچيون طبقو اسان وٽ اُنهن ڏينهن تقريباً نالي ماتر هو. اهي ئي اسباب هئا جن جي ڪري ورهاڱي کان پوءِ ترت سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف ڪابہ مزاحمت نہ ٿي سگهي. مثلاً جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو تہ انهي فيصلي تي ڪوبہ ڀرپور ۽ اثرائتو ردعمل نہ ٿي سگهيو. ڪراچيءَ ۾ چند سنڌي شاگردن احتجاج ڪيو پر اهو احتجاج گورنمينٽ هائوس جي ٻوڙن پٿرائن ڪنن جي توجہ ئي نہ ڇڪائي سگهيو.

سنڌ جي سياست تي پير، مير، جاگيردار ڇانيل هئا ۽ آهن. جن انگريزن کان خلعتون، انعام، سندون، خان بهادريون، سر وغيره جا القاب ۽ جاگيرون وٺي پنهنجا ضمير وڪرو ڪري ڇڏيا هئا. اُهي انگريز بهادر جا نمڪ خوار، وفادار، ٽوڊي، جي حضوري ۽ دلال هئا. سندن زمينن ۽ جاگيرن تي پورهيو ڪندڙ هاري ماني ڳيپي ۽ اٽي لپ لاءِ پريشان هوندا هئا پر اهي جاگيردار هڪ انگريز آفيسر

جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ هزارها ۽ لکين روپيا شڪار ۽ دعوتن جي رسائين تي لٽائي ڇڏيندا هئا، صاحبلوڪ تہ صاحبلوڪ پر صاحبلوڪن جي ميڊمن جي جُتين کي صاف ڪرڻ بہ سعادت سمجهندا هئا. انگريزن اهڙن ماڻهن کي اشراف طبقو سڏي سندن پٺي ٺپري خوب جاوا ڪيا، اهي اشراف طبقي جا نمڪ حلال، خوشامدڙيا، چاپلوس ۽ جي حضوري انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ بہ پڪا اشراف رهيا ۽ نون حاڪمن کان ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ ڪيايائون. وطن سان ڪيڏا ويل وَهيا، ڌرتيءَ کي ڪيئن ڪالونائيز ڪيو ويو، ٻوليءَ سان ڪهڙِون ٺٺوليون ڪيون ويون، قومي حقن کي ڪيئن پامال ڪيو ويو... اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي وائسندي اهي اشراف چُون بہ ڪونہ ڪڇيا، پر مرڳوئي چورن جا ساٿاري بنجي ببيهي رهيا. جيڪڏهن ڪنهن قومي غيرت ۽ محبت وچان قومي مفاد جي ڳالهہ ڪئي تہ باهوڙجي ڪٽي ڪِٽر ۾ جهليندا. پاڙي اوڙي، هم قوم، هم زبان ۽ هم وطن هجڻ جون سڀ حيا حقيقتون وساري ڌارين جا جاسوس بنجي پيا نوس نوس ڪندا. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي پست حال هئڻ جي ذميدار اها وڏيراڻي قيادت آهي.

سنڌي ماڻهوءَ جي لاءِ سواءِ انهي جي ٻيو ڪوبہ چاڙهو ڪونهي تہ هو انهي وڏيراڻي سياست تي پاڙڻ ڇڏي پنهنجي پوکي ۽ پنهنجي موکي. ماضيءَ ۾ سنڌ جي عوام جي ذهن ۾ اها ڳالهہ پڪيءَ طرح ويهاري ويئي هئي تہ سياست صرف وڏن ماڻهن کي سونهي ٿي، غريب ۽ مسڪين کي تہ انهي پاسي سوچڻ بہ نہ گهرجي. جيئن تہ پيداوار جي مڙني وسيلن تي انهن وڏن ماڻهن جو قبضو هو انهيءَ ڪري سرڪار ۾ بہ سندن لئي هئي. ٿاڻي يا آفيس ۾ غريب ماڻهو ويندو هو تہ ڪيس پٽ تي ويهاريندا هئا ۽ ڪو وڏو ماڻهو آيو تہ پليڪارون بہ ڏيندس ۽ ڪرسيءَ تي ويهاري خبرون چارون ونندس. ڪاموري شاهي ۽ وڏيرا شاهي جو پاڻ ۾ هميشہ گهاٽو ياراڻو رهيو آهي. ڪامورا تر جي وڏيري سان رس رهائي باقي خدا جي خلق کي پيا پٽيندا ۽ ڪائيندا. هوڏانهن وري وڏيرو پنهنجي سياسي سگهہ کي قائم رکڻ لاءِ پيو پنج چوڙائيندو ۽ ڏهہ ٻڏائيندو. اهڙي وايو منڊل ۾ سنڌي عوام جي سياسي شعور جي خاطر خواهہ واڌ نہ ٿي سگهي. اڄ بہ اسانجو اهو وڏو طبقو ساڳئي ڪار ۾ رڌل آهي رڳو ظلم ۽ ڏاڍ جو ڍنگ بدلايو اٿس.

پنهنجي ديس ۽ ديس واسين تي ڌارين کي آڻي مڙهيو اٿس. انهن جو پيچ لٽڪائو ٿي پنهنجي قوم جي محب وطن ماڻهن تي چغلخور بنيو بيٺو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان ہ سال پوءِ سنڌ جي سسي يعني ڪراچيءَ کي ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو، انهي ’ڪار خير‘ کي هڪڙِ سنڌي سياستدان رات ڏينهن جا ڪوڙ ڪري مڪمل ڪيو.

مُون پَڪ سُڄاتا پنهنجا هئا ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
ٿي واٽ ڏسيائون ويرين کي ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.
(ابراهيم منشي)

انهيءَ فيصلي جي خلاف ڪراچي جي سنڌي شاگردن احتجاج ڪيو پر انهيءَ احتجاجي آواز کي دبڙ دونس سان دٻايو ويو. سنڌي عوام ٻڙڪ بہ نہ ٻاقي. مٿن اسلامي نظريہ قوميت جو ايڏو ڀُوت سوار هو جو وطن وڃائڻ ۾ عار نٿي محسوس ڪيائون. پر ايڏي پيينگ بہ نہ هئي. ڪي محب وطن درونديش انسان بہ موجود هئا جن اسيمبلي جي ايوان ۾ احتجاجي آواز بلند ڪيو.

روزنامہ جنگ ڪراچي جي 16_17 سيپٽمبر 1953ع واري اشاعت ۾ ڇپيل هيءَ خبر اُنهيءَ احتجاج جو هڪ مثال آهي.

”ڪراچي 15 سيپٽمبر سنڌي هڪ الڳ قوم آهن. جي . ايم . سيد جو شرانگيز نعرو. مرڪز سنڌ سان ماٽي جي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهيو آهي. سنڌ کي ڪراچي واپس ڏياري وڃي يا اُنجو معاوضو ادا ڪيو وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ سياڻي غير سرڪاري تحريڪن جو ڏينهن آهي. ايجنڊا ۾ نوَ غير سرڪاري قراردادون شامل آهن. انهي موقعي تي حزب اختلاف جو ليڊر سنڌ اسيمبلي جي نالي هڪ عرضداشت پيش ڪندو جنهن ۾ ميمبر ان سنڌ کي سنڌ جي قديم ثقافت، تمدن ۽ تاريخ ياد ڏياري ويئي آهي ۽ چيو ويو آهي تہ آرين جو اصل وطن سنڌ جي اولهہ ۾ هو ۽ اُهي ايشيا کان نہ آيا هئا. لهذا تاريخي، جاگرافيائي، لساني ۽ معاشي ۽ ثقافتي لحاظ کان سنڌ الڳ قوميت رکي ٿي. انهيءَ ڪري انسانيت اسان تي هي فرض عائد ڪري ٿي تہ اسان پنهنجي ثقافت کي ترقي ڏيون ۽ اُن جو واحد ذريعو زبان آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ سنڌيءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان تسليم ڪيو وڃي. مسٽر جي . ايم . سيد هڪ ٻي قرارداد ۾ چيو آهي تہ سنڌ سڀ کان اول تحريڪ پاڪستان جي حمايت ڪئي ۽ پاڪستان حڪومت کي مٿي لڪائڻ جي جڳهہ ڏني. لکين مهاجرن کي پناهہ ڏني، پر سنڌ کي جاگرافيائي، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي طرح اپاهج ڪيو ويو ۽ ڪراچي اُن کان کسي ويئي. سنڌ جي سرڪاري عمارتن تي حڪومت پاڪستان قبضو ڪري ورتو. سنڌ کي ڪراچي واپس ڏني وڃي يا اُن جو معاوضو ادا ڪيو وڃي.“

جڏهن اُن دور جي حالت جي جائزي وٺڻ لاءِ 1948ع جي الوحيد اخبار جا پرچا ڏٺم تہ معلوم ٿيو تہ الوحيد وڏي ايمانداري ۽ همت کان ڪم وٺندي ڪراچي جي سوال تي اداريا لکيا ۽ مضمون ڇاپيا. الوحيد جو اِهو ڪردار قومي جدوجهد جي تاريخ جو بهترين باب آهي. الوحيد سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري تحريڪ ۾ بہ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. اڄ جي صحافت جو معيار اڳئين جي ڀيٽ ۾

ڪافي ڪِريل آهي. اڄ جي صحافت سرڪاري اشتهارن ۽ مراعات تي راضي رهي حق گوئي کان پاسو ڪري عيش آرام جا ڏينهن گهاري رهي آهي. صحافت قومي زندگي جي تربيت، اوسر ۽ تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. صحافيءَ جو قلم حق جو علم هوندو آهي. ايمانداري، حق گوئي، جُرئت ۽ بيباڪي اُن جو اهم ترين خصوصيتون هونديون آهن. جيڪڏهن ڪُوڙ بدوڙ بليڪ ميلنگ، ذاتي فائدا، ذاتي ضد، خوشامد ۽ چاپلوسي مذڪور بالا خصوصيتن جي جڳهه والاري وڃن ته پوءِ صحافت جي ڏيوالپڻي جو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي.

بهرحال ذڪر هو الوحيد جو ته الوحيد ڪراچي جي علحدگي جي ڀرپور مخالفت ڪئي ۽ عوام جي آواز کي پنهنجن صفحن ۾ جڳهه ڏني. هيٺ ڪُجهه ٽُڪرا نموني طور پيش ڪجن ٿا.

**(1) ”ڪراچيءَ جو سوال“، ”جمهوريت يا فئشزم ؟“**

هن عنوان هيٺ ڪراچي جي سنڌ کان علحدگي جي سوال جو تجزيو ڪندي انهي قدم کي غير دانشمندانه ۽ غير جمهوري قدم سڏيو.

(الوحيد ڪراچي 16 مارچ 1948ع)

**(2) ”ڪراچي کي سنڌ کان جدا نه ڪريو.“**

رتوديرو 21 (خاص تار)

مسٽر عبدالفتاح (لاڙڪاڻه) جي آمد تي هتي مقامي مسلم ليگ ورڪرز سيّد وريل شاهه جي اوطاق تي ڪٺا ٿيا. جتي ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي تحريڪ کي سخت لفظن ۾ ننديو ويو.

(الوحيد 22 فيبروري 1948ع)

**(3) ”نه ڏينداسين ڪراچي“**

اڄ صبح 11 وڳي مهل سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس سيّدصالح محمد شاهه صاحب جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ هال ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سنڌ جي وزيرن مان آنريبل پير الاهي بخش، قاضي فضل الله ۽ ڪيپٽن ايم . ايل . اي حضرات شرڪت ڪئي. ميٽنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي مسلم اسٽوڊنٽس ڪڏه ۽ نو آباد محلن جا ڇاموٽ، چڱا مڙس ۽ ڪيترائي مڪراني بلوچ لوڪلبورڊ هال جي حدن ۾ اچي جمع ٿيا ۽ سارو وقت هينين قسمن جا نعرا هڻندا رهيا. ”نه ڏينداسون ڪراچي“، ”ڪراچي ڪين ڏينداسين.“

(الوحيد 10 فيبروري 1948ع)

## سنڌ جي هر محرومي ۾ پيڙا پنهنجي زبانان پاڻ ٻولي ويئي:

تي سئو سَٿ سنڌڻ، سئو ڏهوتر هڏيون،
سڀئي سُورَ ڪَڙهن، ڪهڙي آڇيان وڄ کي.

(لطيف)

سنڌ ۾ سنڌي شاگرد هلچل کي سمجهڻ لاءِ انهن سُورن صدمن جي لاڳيتي سلسلي کي سمجهڻ ضروري آهي. لهذا انهن جو مختصر وستار/بيان پڙهندڙن جي صحيح ڏس ۾ رهنمائي ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجندو.

(1) ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگي، جنهن جو تفصيلي ذڪر اڳين صفحن ۾ اچي چڪو آهي.

(2) نئين رياست ٺهڻ کانپوءِ ٻيو فوري مسئلو هندن جي ڇڏيل ملڪيتن جو هو. سن 1947ع ۾ سنڌ اسيمبلي هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو هو ته سنڌ ۾ هندن وٽ جيڪي مسلمانن جون زمينون گروي رکيل هيون سي اصل مالڪن کي موٽايون وينديون. پر مرڪزي حڪومت انهي ٺهراءُ کي رد ڪري ڇڏيو جيتوڻيڪ پنجاب ۾ انهي تي مڪمل نموني عمل ڪندي گروي ٿيل زمينون اصل مالڪن کي موٽايون ويون. سنڌ ۾ آيل ٻاهرين ماڻهن کي ورسائڻ لاءِ سيٽلمينٽ جا اهڙا قاعدا قانون ٺاهيا ويا جو مقامي جائيدادون ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ٿي ويون. هن قانون ۾ هڪ فقرو هيءُ به رکيو ويو ته اُها جاءِ جنهن جي ماليت / اگهه ڏهن هزارن کان مٿي هوندو سا ڪنهن به مقامي ماڻهوءَ کي نه ڏني ويندي. انهيءَ سلسلي ۾ ٻاهران آيل ماڻهن کي ڪليم داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي ۽ اُنهي ڪليم جي ثبوت ۾ ڪنهن به دستاويزي ثبوت جي گُهر بدران صرف قسم نامي کي ڪافي قرار ڏيئي پَڪل ميوي جيئن ملڪيتن کي ڪليمنٽس جي جهولين ۾ اُڇلايو ويو. ڳن ماڻهن ۽ گروهن، جن کي اُن وقت جي سرڪار جي سرپرستي حاصل هئي، ڪُوڙن ڪليمن جو ڪاروبار ڪري راتو رات ڪروڙين ڪمائي ورتا. سنڌ ۾ ڪوڙن ڪليمن خلاف شاگردن ۽ سياستدانن طرفان گهڻي ئي واويلا مچائي ويئي، پر پلئه ڪجهه به نه پيو. جيتري قدر ياد ٿو پوي ته سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچر آرگنائيزيشن ۽ ٻين تنظيمن طرفان ٻُک هڙتالون به ڪرايون ويون. پر اختياري وارن جي ڪن تي جُونءَ به نه سُري. ايوب خان جي دور جي وزير آبادڪاري ليفٽيننٽ جنرل اعظم خان به اعتراف ڪيو ته:

”ڪليم وارن جو اهڙو گروهه به موجود آهي جيڪو پنهنجا ڪُوڙا ڪليم واپس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي.“

هن بيان مان سرڪار جي بي وسي يا ڪوڙن ڪليمنٽس جي وسيع پهچ جو اندازو لڳائي

سگهجي ٿو. حڪومت طرفان بار بار اعلان ڪيا ويا ته ڪوٽڙن ڪليمن کي رد ڪيو ويندو ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، پر ٿيو ڪجهه به ڪونه. سنڌ جي ماڻهن خلاف قانون جي ذيلي تنظيم هئي، انهيءَ ڪري اُن مستقل طرح انقلابي يا قومي پاليسي تي هلڻ جي اُميد رکڻ اجائي هُئي. ڪراچي جي مسئلي تي هن فيڊريشن جي پاليسي ۽ تحريڪ جي پويان اُنهن مسلم ليگي ميمبرن جو به هٿ هو جيڪي ڪراچي جي علحدگي جا مخالف هئا. هن سلسلي ۾ سندن قومي جذبي کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن وقت ته اها تنظيم غير سنڌي شاگردن جو ڳڙهه آهي ۽ سندس پروگرام ۾ ترقي پسندانه انقلابي ۽ قوميتي مسئلي جو ڪوبه نقطو نه آهي.

## ون يونٽ ۽ سنڌ

انهي ڪانپوءِ ون يونٽ جو مرحلو آيو ڪلهه جو آهني انسان ۽ سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جو چئمپين مرحوم محمد ايوب کهڙو اقتدار جي هَوَس ۾ پگهري پاٽي تي ويو. کهڙي ۽ مرحوم پر علي محمد راشدي سنڌ جي سوداگري ڪري اولهه پاڪستان ۾ ’ون يونٽ‘ قائم ڪرايو. اُن وقت جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن مان صرف ٽن چئن ميمبرن ’ون يونٽ جي ٺهراءُ‘ خلاف ووٽ ڪيو باقي سڀ سدورا پُٽ هاڪاري ووٽ ڏيئي سنڌ جي ڳچيءَ ۾ محڪوميءَ جو ڳٽ وجهي ويٺا. اهڙيءَ ريت سنڌ جي صديون پُراڻي حيثيت ”خودمختيار رياست“ گهٽجي ’صوبو‘ بني ۽ پوءِ ’صوبو‘ مٽجي اولهه پاڪسان يا پنجاب جو هڪ انتظامي زون بنجي ويئي. جيتوڻيڪ 19 سيپٽمبر 1957ع تي اولهه پاڪستان جي اسيمبلي ون يونٽ ختم ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. پر انهي جو ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪتو. هيءُ ٺهراءُ سنڌ جي هڪ سياستدان محترم غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي اسيمبلي ۾ پيس ڪيو. جنهن کي 300 ميمبرن جي ايوان مان 296 ميمبرن ووٽ ڪيو. هن مُلڪ جي سياست ۾ سياسي فيصلا سياسي ماڻهن جي بدران ’خفيه هٿن‘ طرفان ٿيندا رهيا آهن. انهي ڪري ئي سياسي عمل هميشه رنڊڪن ۽ رڪاوٽن جو شڪار رهيو آهي. انهي ڳالهه جو اهڃاڻ سابق صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي ڪتاب ”فرينڊس ناٽ ماسٽرس“ مان به ملي ٿو جنهن ۾ هُن صاحب پاڻ کي ون يونٽ جي خالقن ۾ شمار ڪيو آهي. انهي بيان کي نظر ۾ رکندي 1958ع جي مارشل لا جو ڪارڻ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو. مُلڪي سياست ۾ فوج جي مداخلت جو تفصيلي چِٽو سابق ايئر مارشل اصغر خان (حال صدر تحريڪ استقلال) پنهنجي ڪتاب ”جنرلس ان پالٽڪس“ ۾ پڌرو ڪيو آهي.

جيتري قدر سنڌ جي ڏکن دردن ۽ محرومين جو تعلق آهي ته اُهي ڳاڻاٽي کان ٻاهر آهن. ڪهڙي ڪهڙي ڏک جو روئڻو روئجي. ’لطيف‘ چواڻي:

سرجيس تہ سُورَ، ساماڻيس تہ سُک ويا،
اهي ٻئي پُور، مون نماڻيءَ نصيب ٿا.

انگريزيءَ جي ڪلاسيڪي شاعر شيڪسپيئر پنهنجي هڪ ڊرامي ۾ پنهنجي هڪ ڪردار واتان چوائي ٿو:

”منهنجي جان تي جيڪي بہ زخم آهن،
اُنهن مان هر زخم کي زبان آهي.“

(3) ”ڪراچي نہ ڏينداسين“ صوبہ سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صداءِ احتجاج، هن احتجاج ۾ وڏن خدشن جو اظهار ڪيو ويو هو، مثلاً جڏهن ڪراچي جي علحدگي جي مخالفت ڪئي ويئي تہ پاڪستان حڪومت جي هڪ وزير سنڌين کي ڌمڪايو تہ ”صبر ڪريو ورنہ 15 لک پناهہ گير آٺي سنڌين کي بيڪار بنايو ويندو.“ انکي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اسپيشل گاڏيون ڏڄا ڏڄ پناهہ گيرن جا جٿا آڻي رهيون آهن. جڏهن پناهہ گيرن جو انداز ٽر، سانگهڙ، نواب شاهہ، حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ اصل سنڌين کان وڌيڪ ٿي ويندو تہ ممڪن آهي تہ پوءِ اسان کان اهي ضلعا بہ ڇڏائي جدا علائقا بنائي سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪيو وڃي. شايد اسان سنڌين کي اُتان لڏائي ٻين ضلعن ۾ وسايو وڃي. اهڙو علائقو پوءِ تہ هميشہ ڪوٺ ۾ رهندو. انهيءَ عذر تي سنڌ کي پنجاب سان گڏائي اسان جي وجود کي مٽايو ويندو. اسان هميشہ پنجاب جي غلاميءَ هيٺ رهنداسين. ڪراچي اسان جو جگر آهي. ڪراچي سنڌ جي ڪنجي آهي، ان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪنڌ ڪٽڄ مان نعرو لڳايو تہ ”ڪراچي نہ ڏينداسون“، ”سنڌ زنده باد“، ”سنڌي زنده باد“، ”ڪراچي نہ ڏينداسون“.
(الوحيد 8 فيبروري 1948ع)

هن احتجاجي آواز ۾ جن خدشن جو ذڪر ڪيو ويو تن مان پنجاب جي قبضي يا ون يونٽ وارو خدشو تہ صحيح ثابت ٿيو. باقي سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ واري ڳالهہ سا بہ اڄ ٽيٽي نٽي پيائنجي. ڪن حلقن پاران ڪراچي صوبي ٺاهڻ جو مطالبو اڳتي هلي رنگ لائي سگهي ٿو.

(4) 20 فيبروري 1948ع تي جمع ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ”يوم ڪراچي“ وڏي پئماني تي ملهايو ويو جنهن ۾ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو، مظاهرا ڪيا ۽ قراردادون پاس ڪيون.

(5) 29 جنوري 1948ع تي سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن وزيراعليٰ، گورنر سنڌ ۽ قائداعظم اڳيان احتجاجي مظاهرا ڪيا. جڏهن شاگردن سر غلام حسين هدايت الله گورنر سنڌ سان ملاقات جي

گهر ڪئي ته هن ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. قائداعظم شاگردن جي 7 رڪني وفد سان ملاقات ڪئي ۽ ڏيڍ ڪلاڪ بحث ڪيو.

(الوحيد 30 جنوري 1948ع)

اُها مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جيڪا ڪراچي جي مسئلي تي سنڌ جي شاگردن جي نمائنده تنظيم جي حيثيت سان حڪومت سان ويڙهه ڪائي رهي هئي، سا اڳتي هلي هڪ بدترين رجعت پرست ۽ مرڪزي حاڪمن جي ايجنٽ جماعت بنجي ويئي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا تڏا ويڙهجي ويا. هوئن به مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن مسلم ليگ هميشه سخت گير رهيون، پر ٻاهران آيل ڪوڙن ڪليمنٽس خلاف اُن جي پڪڙ ڍاڍي ڪمزور رهي. اهڙي ريت اربها روپين جون ملڪيتون يعني جايون، زمينون ۽ پلاٽ جيڪي هندو سيٺين مقامي ماڻهن کان وياجن ۾ قرضن عيوض گروي ورتيون هيون، اصل مالڪن کي ملڻ بجاءِ اوپرن آيل ماڻهن جي حوالي ٿي ويون.

(6) ون يونٽ: سن 1955ع ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ پيرزاده عبدالستار کي زوري وزارت تان هٽائي هٿ ٺوڪي وزارت قائم ڪري ون يونٽ تي ووٽ ورتو ويو. ون يونٽ جو قيام پنجاب جي پُراڻي خواب جو تعبير هو. انهي ڪانپوءِ سنڌ جي زمين، نوڪرين ۽ ملڪيتن کي مال غنيمت طور لٽيو ويو. انهي سلسلي ۾ به اسان اڳين صفحن ۾ ڪجهه ذڪر ڪيو آهي. بهرحال ون يونٽ خلاف فوري طرح سنڌ ۾ ردعمل جو اظهار ڪيو ويو. سنڌ جي سياستدانن سائين جي. ايم. سيد ۽ ٻين ون يونٽ خلاف متحده محاذ قائم ڪيو.

## متحده محاذ جو مقصد هو:

(الف) سنڌي ماڻهن جي سيني طبقن کي متحده ڪري ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

(ب) سنڌ جي قُريل ۽ ڦٻايل حقن کي حاصل ڪرڻ.

(ٻ) سنڌ لاءِ وڌ ۾ وڌ خود مختياري وٺڻ.

(پ) سنڌي زبان جي قومي حيثيت مڃرائڻ.

هن محاذ طرفان اها به ڪوشش ڪئي ويئي ته بلوچستان ۽ سرحد سان اهڙن محاذن تي عظيم اتحاد ڪري حڪومت تي دٻا وجهجي. انهي سلسلي ۾ ڪي عملي قدم به کنيا ويا. پاڪستان نئشنل عوامي پارٽي، جنهن تي بعد ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي سرڪار طرفان پابندي عائد ڪئي ويئي، ون يونٽ ٽوڙڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌي شاگردن هن جدوجهد ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ائين چوڻ ۾

ڪوبہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ ون يونٽ ٽوڙڻ جي جدوجهد ۾ شاگردن هر اول دستي طور بهادري سان ڪردار ادا ڪيو. سنڌي شاگردن جي قومي جوش، ولولي ۽ اتحاد سنڌي ميرن، پيرن ۽ وڏيرن تي ايترو دٻاءُ وڌو جو اُهي سڀ مڙيِ اچي ون يونٽ ٽوڙ محاذ ۾ گڏ ٿيا. مونکي ياد آهي تہ مخدوم محمد زمان طالب المولئ جي حيدرآباد واري بنگلي تي هن محاذ جو وڏو اجتماع ٿيو هو. جنهن ۾ انهن سيني وڏيرن پنهنجي گذريل غلطين جي معافي گُهري ۽ سنڌ جي حقن لاءِ وڙهڻ جو عهد ڪيو. پر پوءِ ترت ئي اُهي وڏيرا ۽ رئيس آهستي آهستي ٿي کسڪندا ويا ۽ وڃي پيپلزپارٽي جي پناري پيا. انهن ڏينهن ذوالفقار علي ڀٽي صاحب ايوب خان جي ڪئبنٽ کان علحدگي اختيار ڪري هندستان ۽ پاڪستان درميان تاشقند معاهدي جو شوشو ڪڙو ڪري پنجاب ۾ چڱي موچاري همدردي ۽ مقبوليت حاصل ڪري ورتي هئي. ڀٽو صاحب هڪ زيرڪ قسم جو سياستدان هو ۽ عوام جي جذبات سان کيڏڻ ۾ ڪمال مهارت رکندو هو. هن هڪ طرف هندستان سان هزار سال جنگ ڪرڻ جو اعلان ڪري پنجاب جي وڏي آبادي ۽ ٻين رجعت پسندن کي موهي وڌو هو ۽ انهن کي هن جي ذات ۾ نئون محمود غزنوي ۽ اورنگزيب نظر اچڻ لڳو هو. جيڪو هڪ ڏينهن دهليءَ جي لال قلعي تي سنڌن جهنڊو جُهلائي سنڌن مرتبو مٿاهون ڪندو. هن صاحب ٻي طرف اقتصادي برابري جا وڏا واڪ ڏيئي محروم ماڻهن جون دليون موهي ورتيون ۽ هنن واقعي سمجهڻ لڳو هو تہ ڀٽي صاحب جي اقتدار ماڻڻ ڪانپوءِ اُهي ذلت جي زندگيءَ کان نجات پائي وٺندا ۽ دنيا جون سڀ آسائشون سندن اڳڻ تي اچي پيڙهون ٿينديون. انهي صورتحال کي تاڙيندي اسانجي وڏيرن ۽ رئيسن بہ سمجهيو تہ عوام جي وهڪ تہ ڀٽو صاحب وٺيو پيو وڃي، انهي ڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اوڏانهن لڙي پئجي. اهڙيءَ ريت استحصالي طبقو ۽ ڦريل لُٽيل طبقو ٻئي ڀٽي صاحب جي هنج ۾ وينا هئا ۽ هو ٻنهي جي ڳلن تي ٿڦڪيون ڏيندي ٻنهي کي ڪڏائيندو رهيو. انهي ريت عوام جي ووٽ سان اقتدار بہ ماڻي ويو ۽ پنهنجي طبقي جي اميري بہ برقرار رکي ويو.

❷

# سنڌي شاگردن ۾ تنظيمي عمل

ون يونٽ ٺهڻ وقت ۽ اُن کان پوءِ يعني 1955ع ۾ اُن بعد واري دور ۾ سنڌ ۾ ڪراچي اندر شاگردن جون ڪجهه تنظيمون سرگرم عمل هيون، جيئن ته مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن، انڊس اسٽوڊنٽس فيڊريشن، نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (NSF) ۽ جمعيت طلبا وغيره. انهن جماعتن جي اڳواٽيءَ تي مهاجر شاگردن جو قبضو هو. سنڌي شاگرد جيڪي هاٽي يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ اچي رهيا هئا، تن کي انهن تنظيمن سان ڪا به دلچسپي نه هئي، البت ڪي سنڌي شاگرد، شاگرد سياست ۾ دلچسپي رکڻ ڪري ڪنهن نه ڪنهن تنظيم سان سلهاڙجي ويندا هئا. اهڙي وايومنڊل ۾ سنڌي شاگردن کي پنهنجي تنظيم جي ضرورت شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي هئي. انهيءَ ضرورت جي پورائي لاءِ "سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جي نالي سان هڪ شاگرد جماعت ناهي ويئي، جنهن جو صدر قاضي فضل حق بڻيو. (جيڪو موجوده وقت نيشنل بينڪ آف پاڪستان ۾ آفيسر آهي.) قاضي فضل حق هڪ ٽئلينٽڊ شاگرد هئو ۽ انگريزي به سٺي ڳالهائي سگهندو هئو. انهي ڪري چڱا موچارا شاگرد هن جي چوڌاري مڙي آيا هئا، پر جيئن ته هن جي ڪا به نظرياتي وابستگي نه هئي ۽ نه ئي جماعت جي پروگرام ۾ عوامي گهرجن کي پوري ڪرڻ جو عنصر شامل هئو انهي ڪري اها جماعت مٿئين طبقي جي چند شاگردن جي سرگرمين تائين محدود رهجي ويئي ۽ سنڌ اندر پنهنجون پاڙون ڦهلائي نه سگهي ۽ آخرڪار پنهنجو وجود به وڃائي ويٺي.

انهي دور کان اٽڪل ٻه ٽي سال پوءِ (غالباً 1964ع ڌاري) يوسف لغاري، منير سنڌي (ماڻڪ جي نالي سان ڪهاڻيڪار مشهور ٿيو، چام ساقي، مهر حسين شاهه، ارباب سنڌي، عنايت ڪشميري ۽ چند ٻين دوستن هڪ جماعت ناهڻ جو پروگرام رٿيو. فيصلو ڪيو ويو ته في الوقت انهي جماعت کي حيدرآباد تائين محدود رکيو وڃي ۽ پوءِ آهستي آهستي ان جي تنظيمي جوڙجڪ ۾ ۽ دائره ڪار ۾ وسعت پيدا ڪئي وڃي. رٿيل پروگرام کي عملي جامو پهرائيندي انهي شاگرد جماعت جو نالو "حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن" رکيو ويو. هن جماعت جي قيام ۽ تنظيمي ڪم جي وڏي ذميداري چام ساقي جي سر هئي ۽ هِن ڏس ۾ ڪافي پورهيو به ڪيو. (اڳتي هلي ڪن سببن ڪري يوسف لغاري، ارباب سنڌي (ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ)، غلام قادر پليجو ۽ ٻيا ڪيترا ڪارڪن جماعت کان

علحدگي اختيار ڪري ويا.)

جماعت جي پروگرام رٿجي وڃڻ بعد فيصلو ڪيو ويو تہ جماعت جي چونڊڻ لاءِ ڪنوينشن ڪوٺايو وڃي. سنڌ اها رکي ويئي تہ صبح جي وقت ڪنوينشن ٿئي ۽ شام هڪ جلسو ڪجي، جنهن ۾ محترم ذوالفقار علي ڀٽي (مرحوم) کي گهرايو وڃي، جيڪو تازو وزارت کان علحده ٿيو هئو. پروگرام مطابق چونڊون ٿيون. پهريائين تہ ڳچ همراهہ عهدن ماڻڻ لاءِ ڪمرون ڪشي بيٺا. منهنجي اندازي مطابق هڪ هڪ پوسٽ لاءِ ڏهہ ڏهہ پندرهن پندرهن همراهہ اميداوار هئا، پر پوءِ ڪافي سمجهائڻ ۽ ڏي وٺ بعد هيٺيان عهديار چونڊيا ويا.

1. صدر: يوسف لغاري (هاڻ وڪيل)
2. نائب صدر: منير سنڌي ۽ عبدالحئي پليجو
3. جنرل سيڪريٽري: جام ساقي
4. پريس سيڪريٽري: مير ٿيبو (جيڪو هينئر آمريڪا ۾ رهي ٿو.)

پروگرام مطابق شام جو جامعيہ عربيہ هاءِ اسڪول ۾ عام جلسو ٿيو جنهن جو خاص مهمان ذوالفقار علي ڀٽو هئو. فيڊريشن جي سيڪريٽري جنرل جام ساقيءَ اردو ۾ لکيل سپاسنامون پڙهيو. اها ڳالهہ آيل سيني ماڻهن کي ڏاڍي ڏکي لڳي ڇو تہ جلسي جي اڪثريت سنڌي ماڻهن جي هئي. هن سپاسنامي ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ جون ڳالهيون بہ هيون، پر ڀٽي صاحب انهن مسئلن کي ڇهيو ئي ڪونہ. هڪ تہ انگريزي ۾ تقرير ڪيائين ۽ ٻيو تہ رڳو پاڪستان جي پرڏيهي معاملن تي ڳالهايائين. اسان واريون توقعات ۽ اميدون تہ ڀٽو ون يونٽ خلاف هن اسٽيج کان زوردار بيان ڏيئي اسان جون دليون ٺاري ڇڏيندو. سڀ اجايون ويون. ائين سمجهجي تہ ساري جاکوڙ اجائي ويئي. جڏهن ڪنهن مجمع مان ڇيو تہ "ون يونٽ تي ڳالهايو" تہ چيائين، "هيءُ وقت ون يونٽ تي ڳالهائڻ جو ڪونهي، پرڏيهي حالتن تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي." ڀٽي صاحب کي پنجاب کان اڳتي هلي جا مليو سو پاڪستان جي تاريخ جو اڻ وسرندڙ باب آهي، افسوس تہ اهو آهي تہ ڀٽي صاحب جا پونير تاريخ جي هن خوني واردات مان اجان بہ ڪو سبق نہ پرائي رهيا آهن. سنڌ جي سياست جي قابل افسوس صورتحال اها بہ آهي تہ سنڌ جا اهي سياستڪار جيڪي بندوق جي نالي مان آزادي ۽ انقلاب اپارڻ جا دعويدار ۽ هٿيار بند جدوجهد کان گهٽ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا، سي بہ پنجاب جي عشري ۽ ناز و ادا تي موهجي پيا ۽ پاڻ تان "سنڌي" جو لقب لاهي "پاڪستاني" بنجي پيا آهن.

ها، سو ڳالهه پي هلي حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي. اِنهي دور ۾ ڪا به وڏي سنڌ گير شاگرد جماعت اجا پيدا نه ٿي سگهي هئي، البته مختلف شهرن ۾ مقامي شاگرد جماعتون ڪم ڪري رهيون هيون. جيئن ته نواب شاهه اسٽوڊنٽس فيڊريشن، دادو اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جنهن ۾ اعجاز قريشي جيڪو هينئر سنڌ يونيورسٽي جي شعبه اقتصاديات ۾ استاد آهي، صلاح الدين پنهور، منوهر لعل ۽ حئي قريشي وغيره شامل هئا.) هالا اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جنهن ۾ رفيق، معين، ڪرم علي، عاقل، عبدالرزاق، ميگهو مل، عزيز الله وغيره شامل هئا.)

هنن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽي، ميڊيڪل ڪاليج، انجنيئرنگ ڪاليج، زرعي ڪاليج، سنڌ لا ڪاليج، جناح لا ڪاليج، مسلم ڪاليج، سچل سرمست ڪاليج ۽ حيدرآباد جي ٻين ڪاليجن ۾ شاگرد يونين جون چونڊون ٿيون جن ۾ سنڌ يونيورسٽي يونين جو صدر يوسف لغاري ۽ نائب صدر علي نواز پٽو چونڊيا. (يوسف لغاري قوم پرست خيالن جو پرجوش حامي رهيو آهي. چوٿين مارچ واري واقعي ۾ اهم ڪردار رکي ٿو ۽ موجوده وقت ميرپورخاص ۾ وڪيل آهي. علي نواز پٽو موجوده وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهم عهدي تي فائز آهي.)

انجنيئرنگ ڪاليج جو صدر مجيب پيرزادو ۽ جنرل سيڪريٽري مسعود نوراني چونڊيا. (مجيب پيرزادو پيرزادي عبدالستار جو فرزند عبدالحفيظ پيرزادي جو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هيئنر وڪالت ڪري رهيو آهي. مسعود نوراني انجنيئرنگ گريجوئيٽ آهي. پر هن وقت وڪيل آهي ۽ رسالو نئون نياپو ۽ ڪچهري ڪيندو آهي. سندس وڌيڪ ذڪر SSCO جي سلسلي ۾ ڏنو ويندو.)

سچل سرمست ڪاليج جو صدر غلام نبي مغل (صحافي) ۽ جنرل سيڪريٽري مهر حسين شاهه ٿيا.

(مهر حسين شاهه هينئر سرڪاري ملازم آهي.)

سنڌ لاڪاليج جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي مغل (غلام نبي مغل سنڌي ٻولي جو سٺو ڪهاڻيڪار ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهي.) منتخب ٿيو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو صدر پرڳڙي (نالو ياد نه رهيو اٿم.)

مسلم ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري علي محمد ساريجو جناح لا ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان پيرزادو. اهو دور سال 1966ع جي پوين مهينن وارو دور هئو ۽ اهو پهريون ڀيرو هئو جو حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ ايڏي وڏي پيماني تي سنڌي شاگرد نمائندا چونڊجي آيا. انهي شاندار ڪاميابي جي پويان وطن پرستيءَ جو اهو جذبو هو جيڪو ون يونٽ توڙ تحريڪ جي صورت ۾ ڪم ڪري رهيو هو ۽ سنڌ جو سڄاڻ طبقو يعني استاد، اديب ۽ دانشور پس پرده انهيءَ عمل کي منطقي نتيجي تائين پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو هو. جدوجهد ۽ قومي جاڳرتا جي

تحريڪن ۾ اسم صرف اُهي ڳڻيا ويندا آهن جيڪي يا تہ اڳواڻ هوندا آهن يا ڪنهن پر نمايان ۽ پڌرا هوندا آهن. سمجهيو اهو ويندو آهي تہ سڀ ڪجهہ انهن جي طفيل ٿي رهيو آهي، پر حقيقت اها آهي تہ نهايت خاموشي سان پس پرده رهندڙ سچاڻ انسانن جو ڪيل پورهيو ڪنهن بہ ريت وسارڻ لائق نہ آهي. اهي ماڻهو جدوجهدن جي تاريخ جا گمنام سپاهي بنجيو رهجيو وڃن ۽ پنهنجن همعصرن جي لاڏاڻي کان پوءِ تہ سندن نالي ۽ پورهئي کي ياد ڪرڻ وارو بہ ڪونہ ٿو رهي. ٿيڻ تہ ائين کپي تہ انهن گمنام انسانن جي يادن کي تاريخ جي دستاويز تي محفوظ ڪري ڇڏڻ گهرجي، انهن ورڪرن ۽ عام ڪارڪنن جي سچاين ۽ پورهين جي ميڄتا طور انهن جي وسريل ورقن کي سهيڙي رڪارڊ تي آڻي ڇڏڻ گهرجي. جدوجهدون، پوءِ اهي شاگردن جون هجن يا سياستڪارن جون فقط اڳواڻن جي فڪر ۽ عمل جو نتيجو نہ هونديون آهن، پر انهي ۾ هزارها گمنام ورڪرن جي سوچ، لوڇ، پتوڙ ۽ پيار بہ شامل هوندو آهي. اها ورڪرن/ڪارڪنن جي سگهہ، سچائي ۽ صلاحيت هوندي آهي جيڪا جدوجهدن کي اڳيان وڌائيندي آهي.

انهن چوندن بعد ترت ئي انهن سيني شاگردن نمائندن طرفان ”انٽر ڪاليجئٽ باڊي“ ٺاهي ويئي، جنهن جو مقصد هو شاگردن جي مسئلن کي نبيرڻ ۽ قومي حقن جي حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ. هن باڊي جو چيئرمين مسعود نوراني، وائيس چيئرمين مهر حسين شاهہ ۽ جنرل سيڪريٽري يوسف لغاري چونڊيا ويا. اهو پهريون موقعو هو جو سنڌي شاگردن جي اڳواٽي مڪمل طور تي سنڌي شاگردن جي هٿ ۾ آئي. جيئن تہ هيءَ ”انٽر ڪالجئٽ باڊي“ فقط حيدرآباد تائين محدود هئي پر همراهن جو خيال هو تہ هُن کي سنڌ ليول تي آڻجي، انهي ڪري ”آل سنڌ اسٽوڊنٽس ڪنوينشن“ گهرائڻ جي رٿ رٿي ويئي. انهي سلسلي ۾ زور شور سان تياريون بہ شروع ڪيون ويون ۽ تاريخ جو اعلان بہ ٿي ويو پر انهي دوران سنڌ يونيورسٽي جي تڏهوڪي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان کي اوچتو ئي اوچتو برطرف ڪيو ويو. هن جو ڏوهہ فقط اهو هو تہ هُن ذوالفقار علي ڀٽي کي (جيڪو ايوب خان جو وزير هو)، ڊاڪٽر آف لاجي اعزازي ڊگري ڏني هئي. ۽ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ضلع وار ڪوٽا سسٽم جو طريقو رائج ڪيو هو. ڀٽي صاحب کي ڊاڪٽر آف لا جي اعزازي ڊگري ڏيڻ واري ڳالهہ تي ملڪ امير محمد خان نواب آف ڪالا باغ گورنر حڪومت اولهہ پاڪستان (جيڪو چانسيلر سنڌ يونيورسٽي بہ هو.) کي سخت ڪاوڙ لڳي هئي ۽ ڇاڪاڻ تہ نواب صاحب (مرحوم) ڀٽي سان بنهہ نہ ٺهندو هو. جيتوڻيڪ ٻئي ڄڻا ايوبي آمريت جا اهم ٿنڀا شمار ٿيندا هئا. انهن ٻنهي جي ڇڪتاڻ واري حالت اهڙي هئي جو اليڪشن ۾ بيهاريل حڪومت جي اميدوار کي جيڪڏهن ڀٽو مدد ڪندو هو يا هو ڀٽي سان لڳ لاڳاپي ۾ رهندو هو تہ نواب صاحب بيورو ڪريسي جي سهڪار سان اُن اميدوار کي هارائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

جناب حسن علي عبدالرحمان (مرحوم) جي برطرفي تي شاگردن ۾ گهڻو تاءُ پيدا ٿيو ۽ هنن گُهر ڪئي تہ ”وائيس چانسلر کي واپس آندو وڃي.“ ۽ ڪمشنر مسرور حسن کي بدلي ڪيو وڃي.

اِهي مطالبا ڏسندي ئي ڏسندي هڪ باقاعده تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ويا ۽ اڳتي هلي اها تحريڪ سنڌي شاگردن جي قومي سجاڳي جو بنياد بڻي.

سنڌ يونيورسٽي جي پراڻي ۽ نئين ڪئمپس ۾ شاگردن جون باقاعده گڏجاڻيون ٿين لڳيون. انهن گڏجاڻين ۾ جيڪي پرجوش تقريرون ٿينديون هيون، تن ۾ ڳالهہ کي واضح ڪيو ويندو هو تہ سنڌي شاگردن سان ٿيندڙ اهي سڀ زيادتيون ون يونٽ جو ئي نتيجو آهن.

❷

# 4 مـارچ

4 مارچ 1967ع وارو واقعو سنڌي شاگردن جي جدوجهد جي يادگار ڏينهن هئڻ سان گڏ اڳتي هلي سنڌيت جي تحريڪ جو يادگار ڏينهن بہ بنجي ويو. سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز هن ڏينهن جي سلسلي ۾ لکيو:

”چوٿين مارچ سنڌ جو مئي ڊي (May Day) آهي. اڄوڪي ڏينهن حيدرآباد ۾ سنڌ جي شاگردن انهيءَ ظلم خلاف پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو اُڀو ڪيو هو جنهن سنڌ جي صوبي، ان جي قوميت، زبان، ثقافت، سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي برابريءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش رچي هئي. مون کي چيو ويو تہ اڄوڪي ڏينهن، مان حيدرآباد ۾هجان، ڇو تہ حيدرآباد سنڌ جي سياست ۽ ثقافت جو مرڪز آهي ۽ اتي ئي سنڌ تي ٿيندڙ ظلم خلاف پهريون موثر آواز اٿيو هو ۽ سنڌي شاگردن پنهنجو ريٽو رت ڏيئي، جيئي سنڌ جي نعري سان ڪوڙ جي قلعي کي ڏوڏي ڇڏيو.“

(ماهوار سهڻي 4 مارچ نمبر) صبح 9 ۽ 10.

**هن سلسلي ۾ مسٽر رسول بخش پليجي لکيو:**

”4 مارچ 1967ع نہ رڳو سنڌي شاگردن جي تحريڪ جي شروعات جو ڏينهن آهي، پر اهو سنڌ جي قومي جدوجهد جو بہ هڪ وڏو حد نشان آهي. ان ڏينهن سنڌي قوم جي هڪ مجاهد دستي اڳتي وڌي سنڌ دشمن قوتن سان آمهون سامهون ٽڪر کاڌو ۽ رت ڏنو. ان ڏينهن سنڌي شاگردن قومي جدوجهد جي واڳ پنهنجي هٿن ۾ ورتي ۽ ڪيترا سال مضبوطيءَ سان اها پنهنجي هٿن ۾ جهليو آيا. سنڌي شاگردن جي اها جدوجهد پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي قومي جدوجهد جي پنجين لهر هئي. ان کان اڳ چار لهرون هي هيون. (1)محترم جي.ا يم. سيد جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪن ٿورڙن محب وطن پارليامينٽري طريقن سان سنڌ دشمنن سان مقابلو. (2)محترم جي.ايم.سيد طرفان شخصي، علمي ۽ نظرياتي جدوجهد (3) ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ۽ عبدالقادر جي اڳواڻيءَ هيٺ هاري ۽ قومي جدوجهد (4) محترم ابراهيم جوئي ۽ شيخ اياز جي اڳواڻي هيٺ علمي ۽ ادبي جدوجهد.“ (ايضاً ص 27)

هن ڏس ۾ 4 مارچ جي هيرن محترم يوسف لغاري لکيو.

”4 مارچ اسان جي قومي تحريڪ جو اهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جي ڪٽ چڙهيل زنجيرون هڪ نڪاءُ سان پڃي پور پور ٿي ويون هيون. ڌرتيءَ ماءُ کي رت جو ريج مليو

هو. اپ سچي کي لاڪ لڳي هئي.

مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون نڪور، نج سچ اُڀريو هو. جنهن جي جوت سموري سنڌ کي جرڪافي وئي هئي. هر ڪنهن من ۾ هڪ نئون جذبو، هڪ نئين اُمنگ جاڳي هئي.“ (ايضاً ص 31)

هن مضمون ۾ محترم يوسف لغاري 4 مارچ واري واقعي جي پسمنظر ۽ بعد جي حالتن تي تفصيلي روشني وڌي آهي.

هن سلسلي ۾ انهي دور جي هڪ ٻي شاگرد اڳواڻ جنهن جو تعلق انجنيئرنگ ڪاليج سان هئو يعني محترم مسعود نوراني لکيو آهي:

”4 مارچ جي تحريڪ ئي درحقيقت ٻين تحريڪن کي جنم ڏنو ۽ سنڌ ۾ سجاڳيءَ جو ٻج ڇٽيو. 4 مارچ تي جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي، انهيءَ پوءِ ون يونٽ کي ٽوڙائڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو ۽ اها تحريڪ ئي هئي، جنهن سنڌ ۾ شاگرد ليڊرن جو پايو وڌو. اها تحريڪ اڃان ختم نہ ٿي آهي ۽ تيستائين ختم ٿي نٿي سگهي، جيستائين سنڌين کي ۽ سنڌ کي سندس سيئي حق نہ ملندا.“ (ايضاً ص 210)

محترم مسعود نوراني بہ هن واقعي جي تفصيل ۾ اُن ۾ مختلف ماڻهن جي ڪردار کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. انهي دور جي شاگرد هلچل ۾ مکيہ طرح تہ چند ڪردار ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا، پر ٻيا بہ ڪيترا ڪردار آهن. جن پنهنجي پورهئي ۽ سچائي سان اِنهي تحريڪ کي مضبوط بنايو ۽ اڳتي وڌايو. اِنهن ۾ مکيہ اڳواڻن سميت هيٺيان شاگرد شامل آهن.

يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، مجيب پيرزادو، مسعود نوراني، رفيق صفي، ڄام ساقي، سليم سنجراڻي، ڪامل راڄپر، لالا قادر، عبدالڪريم انصاري، رحيم سهتو، علي احمد نظاماڻي، سيف الله صديقي، آغا زاهد، رفيق صديقي، مير امداد، غلام نبي مغل، سڪندر پانڊياڻي، منور ميمڻ، شفقت شاهہ ڄاموٽ، اصغر شاهہ، اڪبر شاهہ، سڪندر عباسي، عمر ڀٽي، رشيد ميمڻ، تاج محمد سولنگي، مسعود پيرزادو، نذير عرساڻي، عبدالحئي پليجو، رحيم سمون، نور محمد کهڙو، خليل ٻڇاڻي، قربان پنهور، اشفاق ميمڻ، يوسف علي مرزا، محبوب انصاري، جميل آفتاب، ظفر، چانگو مل، انور ميمڻ، رياض خميساڻي، لالا شير خان، حسين ابڙيجو، قادر سومرو، شڪور ميمڻ، قاضي محمد حيات، نانڪ، احمد شيخ، غلام حسين چانڊيو، ربڏنو ساريجو، اقبال ترين وغيره.

4 مارچ جي محرڪ اسباب جي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي هن واقعي جي هڪ اهم ڪردار محترم مجيب پيرزادي هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي:

”1967ع ۾ جڏهن اهو واقعو ٿيو ان وقت ون يونٽ قائم هو ۽ 1956ع ۾ 1962ع جي آئين

موجب سنڌ جي ڪابہ حيثيت ڪانہ هئي. ان وقت سنڌ جي ماڻهن ۾ احساس محرومي هو ۽ ان جو سنڌ جي شاگردن تي جيڪو اثر پيو اُن جي نتيجي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ان سان ملحق ٻن وڏن ڪاليجن ايل.ايم.سي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جي يونين ۾ قومپرست شاگرد اڳواڻ کٽي آيا.

سنڌ يونيورسٽي ۾ يوسف لغاري صدر ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ مان پريزيڊنٽ چونڊجي آياسين. ان وقت اسان سوچيو تہ سنڌ جيڪا هڪ حقيقت آهي ۽ هزارها سالن کان قائم آهي ۽ موهن جي دڙي کان وٺي جنهن جو وجود رهيو آهي ۽ جنهن کي نہ ايراني، افغاني ۽ نہ عرب مٽائي سگهيا، ۽ نہ ئي هندستان جون حڪومتون ان کي مٽائي سگهيون. اُن کي زنده ڪرڻ لاءِ ڪا تحريڪ هلائي وڃي. ان سلسلي ۾ هڪ سياسي پروگرام شروع ڪيو ويو جنهن تي جيئي سنڌ موومينٽ جو نالو رکيو ويو. اها هارين، مزدورن ۽ شاگردن جي مومينٽ هئي ۽ سڀ ترقي پسند قوتون ان سان لاڳاپيل هيون. ان تحريڪ حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ زور ورتو. ان سان ون يونٽ قائم ڪندڙن قوتن کي خطرو محسوس ٿيو. ان ڪري انهن سوچيو تہ ان تحريڪ کي ڪنهن نموني سان ڪچلجي. هاڻي ان ۾ هيءَ ڳالهہ واضح هئي تہ ان تحريڪ جو زور سنڌ يونيورسٽي ۽ ان سان لاڳاپيل انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ايل . ايم . سي ۾ وڌيڪ هو. ان ڪري استحصالي قوتن جي نمائندن اهو سوچيو تہ V.C حسن علي کي جيڪڏهن اسان ڪيڊنداسين تہ هيءَ تحريڪ پوءِ زور نہ وٺي سگهندي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي خيال ۾ V.C اسان جي مدد ڪري رهيو هو. ان ڪري هنن حسن علي V.C کي زوري استعيفيٰ ڏياري يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. ان جي Reaction ۾ شاگردن جلوس ڪڍيا ۽ اسٽرائيڪ ڪئي. ان سلسلي ۾ هڪ وڏو جلسو 4 مارچ تي حيدرآباد ۾ ٿيڻو هو. اسان سڀ ان جلسي جي انتظام لاءِ حيدرآباد ۾ هئاسين. سنڌ يونيورسٽي، انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ايل.ايم.سي جي شاگردن کي هن جلسي ۾ شريڪ ٿيڻو هو. ان لاءِ جڏهن پنجن ڇهن بسن ۾ شاگرد چڙهي روانا ٿيا تہ ڪمشنر مسرور سوچيو تہ شاگردن کي ڪچلڻ لاءِ اهو موقعو آهي، اتي هُنن کي سيڪٽ ڏجي. هوڏانهن شاگرد پنجن ڇهن بسن ۾ چڙهي اچي رهيا هئا ۽ هيڏانهن جتي هاڻي راجپوتانہ اسپتال نهيل آهي، اتي پوليس گهيرو ڪري اچي ويهي رهي. روڊ جي ٻنهي پاسن کان رائيفلون، بندوقون، لٺيون ۽ آنسو گئس جو سامان کنيو روڊ بند ڪري ويهي رهيا. جڏهن بسون پهتيون تہ انهن تي آنسو گئس بہ اڇلي ويئي ۽ لٺيون هڻي ماريو بہ ويو.

ان سان شڪور ميمڻ ۽ سڪندر علي پناڻ تہ سيريس هيا ۽ ڪيترا ڏينهن ايل.ايم.سي ۾ داخل هئا ۽ 207 شاگردن کي گرفتار ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو تہ 4 مارچ لاءِ مان اهو چوندس تہ اها جيئي سنڌ تحريڪ جي مٿاهين اسٽيج هئي.

”ان جو سڄي سنڌ تي ايترو اثر ٿيو جو ايوب خان کان پوءِ يحييٰ خان مجبور ٿيو ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ سنڌ وري هڪ صوبي جي حيثيت سان نقشي تي اُڀري“

(شعور پبليڪيشن چوٿين ڪڙي 4 مارچ 1988ع صفحہ 25)

4 مارچ جي سلسلي ۾ محترم يوسف ٽالپر هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي.

”4 مارچ جي جدوجهد صرف شاگردن جي ئي جدوجهد هئي ۽ اُن ۾ ڪنهن پارٽيءَ جو ڪو هٿ ڪونہ هيو. البتہ شاگردن ۾ سياسي شعور آڻڻ ۾ ان وقت سائين جي . ايم . سيد جو وڏو ڪردار هيو. باقي اها جدوجهد صرف تعليمي في وغيره ختم ڪرائڻ يا صرف شاگردن جي مسئلن لاءِ نہ هئي، پر اها ايوب خان خلاف جدوجهد جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي، جو پوءِ سياسي تنظيمن کي فائدو پهتو.“

(شعور نمبر 4 مارچ 1988ع)

مطلب تہ چوٿين مارچ واري وقعي کان پوءِ سنڌي شاگردن جي فڪر ۽ سوچ تي نوان آسمان کلي پيا ۽ هنن ڄاڻي ورتو تہ اُهي هڪ علحده قوم آهن، جنهن کي پنهنجي ٻولي، سڀيتا ۽ ثقافت آهي. انگريزن جڏهن 1843ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو هو. ان وقت بہ سنڌ هڪ الڳ، آزاد ۽ خودمختيار ديس هو جنهن جا پنهنجا راڄ ۽ ڀاڳ هئا ۽ پنهنجيون چيڙيون نبيريون هيون.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي مفادن کي وڏو ڪاپاري ڌڪ 1957ع ۾ ون يونٽ ٺاهي هنيو ويو. 4 مارچ واري تحريڪ جنهن جو نعرو هيو تہ ”وائيس چانسلر کي واپس آڻيو ۽ مسرور حسن کي سنڌ مان ڪڍو.“ سا اڳتي هلي ون يونٽ خلاف پيڪيدار آواز ۾ تبديل ٿي ويئي. 4مارچ وارو واقعو ڪيئن واقع ٿيو اُن جو ٿورڙو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. فيبروري ۽ مارچ دوران ”حسن علي کي واپس آڻڻ ۽ مسرور کي ڪڍڻ“ واري تحريڪ شدت اختيار ڪري ويئي هئي. 4 مارچ تي شاگردن جو نيو ڪئمپس ۾ جلسو ٿيو. جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ اڄ شام جو اولڊ ڪئمپس ۾ زبردست جلسو ڪيو ويندو. انهي ڏينهن ڪجهہ شاگرد اڳ ۾ ئي اولڊ ڪئمپس پهچي چڪا هئا ۽ ڪجهہ اچي رهيا هئا. نيو ڪئمپس مان چئن بسن ۾ سوار اٽڪل 207 شاگرد شهر ڏانهن روانا ٿيا. اهو پُرجوش قافلو جڏهن نعرن سان هوا ۾ گونج ڦهلائيندو موجوده راجپوتانہ اسپتال واري هنڌ وٽ پهتو تہ اُنهي قافلي کي پوليس ۽ رينجرز جا سپاهي اوچتو گهيرو ڪري ويا. رستي جي اُڀرندي ۽ الهندي پاسن پاڻي بيٺل هو ۽ باقي ٻن پاسن کان هٿيار بند سپاهي راهہ روڪيو بيٺا هئا. ڏسندي ئي ڏسندي بنا ڪنهن چتاءُ جي ڳوڙها گيس جا شيل اُڇلايا ويا. بس ۾ ويٺل شاگرد جڏهن بسن مان لهڻ لڳا تہ مسرور جا اهي ٻڇيل ٻکيا ڪتا شاگردن تي ڪاهي پيا. بندوقن جي قنداقن ۽ لٺين سان شاگردن کي ماري ماري اڌ مئو ڪيو ويو.

ڪيترن ئي شاگردن کي جيڪي زخمي بہ هئا گهيلي سينٽرل جيل آندو ويو. اُها ڌرتي اُهو هنڌ

سچو رتو رت هئو. ڌرتي ماءُ پنهنجي ٻچڙن جي رڪ کي پنهنجي سيني سان لائي ويٺي هئي. اهو رت اُجايل ڌرتيءَ کي ريج هئو جنهن ۾ آزاديءَ جا گلاب ڦٽڻا هئا. هيءُ هڪ معمولي واقعو نہ پر سنڌي شاگردن جي قومي شعور جو اُڀار هو. هيءَ هڪ انقلاب هو جنهن ستل ذهنن کي جهنجهوڙي ڇڏيو ۽ هيٺن هڏن ۾ سگهہ پيدا ڪري ڇڏي. اهڙِي ريت چوٿين مارچ سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب بڻجي پئي.

چوٿين مارچ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جو اهڃاڻ بنجي پئي.

چوٿين مارچ، سنڌي شاگردن کي اُهو اُتساهہ عطا ڪيو جو سڄي سنڌ جي شاگرد برادري سنڌ جي قومي سياست جو هر اول دستور بنجي پئي.

جيل جو ڀئو، ڏنڊا ٻيڙين جا سراپ، سوريءَ چڙهڻ جا خوف سڀ پٺي تي ڇٽي ڪري ڀيا. سنڌ جي قوم سياست کي سگهہ ڏيڻ ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ جيترو جوڪم سنڌي شاگدن ڪنيو ۽ جيتري قرباني انهن ڏني آهي اوتري هيستائين ڪو ٻيو گروهہ نہ ڏيئي سگهيو آهي. جيڪڏهن سنڌي سماج جا ٻيا طبقا ۽ گروهہ ايتري جوش ۽ ولولي ۽ ايتري قرباني جو اظهار ڪن ها تہ شايد اسان پنهنجي منزل کي ماٽي ونون ها يا بنهہ قريب هجون ها. بلاشبہ سنڌ ۾ قومي رجحان کي چوٽ تي چاڙهڻ جو سهرو شاگردن جي ئي سِر آهي. 4 مارچ کان وٺي اڄ تائين ڪو مهينو ڪو سال اهڙو نہ لنگهيو هوندو، جنهن ۾ سنڌ وطن جي انهن سورهيہ سپوتن سان جيل نہ ڀريل هوندا. سنڌ جا جيل تہ ٺهيو پر سنڌي شاگردن کي سنڌ کان ٻاهر جي جيل ۾ بہ بند رکيو ويو. اڃا تائين سنڌ جو علي حيدر شاهہ ڪوٽ لکپت ۾ قابو آهي ۽ ٺوڙي جا اسير گل محمد جکراڻي، ستار موريو ۽ دودو مهيري، گهنشام پرڪاش ۽ ٻيا شاگرد حيدرآباد، سکر، نارا جيلن ۾ قيد و بند جي زندگي ڪاٽي رهيا آهن. اهي ڏاڍايون ۽ اُرهہ زورايون هنن جي هانوَ ۾ تر جيتري هلڪاڻ ۽ همتن ۾ ذري برابر بہ جنبش نہ پيدا ڪري سگهيون آهن.

سکر سي ئي ڏينهن مون جي گهاريا بند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا متي ماڙين مينهن،
نير منهنجو نيهن اُجاري اڇو ڪيو.

يا اياز جي چواڻي:

ڪو ڪيئن نہ ڊورڙي مقتل ڏي آ رت ۾ خوشبو مهندي جي،
ڪو ڪيئن نہ ڊوڙي زندان ڏي ٿا زلف ڇڪين زنجيرن جا.

وطن جي محبت ۾ اهو بہ هڪ سرمستيءَ جو عالم آهي جو زنجيرن سان پيار ٿيڻ لڳندو آهي. ماڙيون ڪونہ ماريندون آهن، پر ماروئڙن جو مُنجهہ اُباڻڪو ڪندي آهي. پنهنجي ڪيئي تي

پڇتاءُ نہ هوندو آهي، پر هڪ قدم اڳتي وڌڻ جو عزم هوندو آهي.

**واڄهہ نہ وڄهہ وَڍِ ڏي، رَتَ وَهي تہ بہ رِڙهہ،**

**پوئين وير بہ وِڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.**

(اياز)

شاگردن جي انهيءَ بهادرانہ ويڙهہ جتي سياسي فڪر جا نوان گس گهڙيا اُتي سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي بہ دعوتِ فڪر ڏني ۽ موٽ ۾ وطن دوست سنڌي اديبن ۽ شاعرن بہ پاڻ ملهايو. اياز جي شاعريءَ ذهنن کي جهنجهوڙيندي ۽ جذبن ۾ آڳ ۽ آلاءُ پريندي رهي. نياز همايوني جي نظمن ”سنڌ جاڳي پئي“ ۽ ”مڪلي“ نئون ولولو ۽ ولوڙ پيدا ڪري ڇڏيو. استاد بخاري، سرويچ، منشي، گدائي، تنوير عباسي ۽ محمد خان مجيدي ٽر ٻر باهہ پڙڪائي ڇڏي. حيدربخش جتوئي جو نظم ”جيئي سنڌ“ تہ قومي تحريڪ جو مستقل ۽ عام مقبول نعرو بنجي ويو. گهر گهر ۽ ڳلي ڳلي ”جيئي سنڌ“ جي گونج گُونجڻ لڳي.

سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو،

سهندو ڪير ميار اويار.

جا ٻولَ تَن کي تڙپائڻ ۽ روح کي گرمائڻ لڳا. سنڌي شاعري سنڌي سپوتن تي فڪري غذا بنجڻ لڳي ۽ ان مان هنن پورو پورو اُتساهہ حاصل ڪيو. شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻي جي کيتر ۾ ڪهاڻيڪارن بہ پاڻ ملهايو. امر جليل، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو، آغا سليم، حميد سنڌي، طارق اشرف، ابن حيات پنهور، رسول بخش پليجو، شوڪت ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن قومي جذبي کي نوان اُفق عطا ڪيا. اهڙي ريت سنڌ جو تخليقي ۽ تحقيقي سنڌي ادب سنڌي پڙهندڙن جي ذهنن لاءِ نوان چارا ڳاهيندو نوان سج اُڀاريندو رهيو. انهيءَ دور ۾ رسالو ’روح رهاڻ‘ فقط هڪ مخزن نہ پر هڪ تحريڪ جو ڪردار ادا ڪري سنڌي ادب ۽ قومي جدوجهد تي وڏو احسان ڪري ويو.

هن دؤر ۾ سياسي پليٽ فارم تي رسول بخش پليجي، حفيظ قريشي، قاضي فيض محمد ۽ حيدربخش جتوئي بہ پاڻ ملهايو.

چوٿين مارچ جي واقعي ۾ گرفتار ٿيل شاگرد جڏهن آزاد ٿيا تہ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ نون خيالن، جذبن ۽ اُمنگن جا سفير بنجي ويا. اهڙيءَ ريت اها چڻنگ هڪ شعلو بنجي پئي ۽ اهو شعلو غاصبن ۽ ڦورونئن لاءِ عذاب جان بنجي پيو. تاريخ جا ننڍڙا ننڍڙا واقعا تمام وڏن ۽ عظيم انقلابن جي راهہ روشن ڪندا آهن. استاد بخاري پنهنجي هڪ گيت ۾ اهڙي صورتحال جو چٽ ڪجهہ هِن ريت

چٽيو آهي، جنهن مان ننڍڙين شين جي وڏي اهميت جي سُڌ پوي ٿي.

لُڏندي لُڏي

سچ جي ٻيڙي – پار اُڪاري وڃهندي آ

ڊِرندي ڊِرندي

رات ستم جي – سِج اُڀاري وڃهندي آ

ڏُڪندي ڏُڪندي

سَر جي تيلي – ٻيلا ٻاري وڃهندي آ

ڇُهندي ڇُهندي

سنهڙي ڇيٽي – ڏونگر ڏاري وڃهندي آ

❷

# سنڌ ۾ سجاڳي جي نئين لهر

جيئن تہ ايوب جي فاشي حڪومت پنهنجي اقتدار جي مضبوطي ۽ ون يونٽ جي سلامتي لاءِ جبر جو هر هٿيار استعمال ڪيو. انهي دور جي دٻاءَ واري صورتحال جا گواهہ اياز جا هي شعر آهن.

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو
چڙهہ ڪاريهر تي پير پيو

يا

هن ديس سڄي ڪي سائي آ
هر شام اُفق تي، ليمي جئن
ڇا هيڊي هيڊي آئي آ!
۽ اُن جي ڪاريءَ ڪان ڪان ۾،
ڇا وحشت! ڇا تنهائي آ!

ڪو ديوَ ڦري ٿو ڌرتيءَ تي،
جنهن مُنهن ۾ پاتي ڇائي آ،
۽ ڪنڌ ڪرنگهو ماٺوءَ جو
تنهن رڙڪي راڙ مچائي آ.

جو پُٺڪو آهہ ڀيانڪ آ،
هر جاٺوءَ جيءَ ڪپائي آ،
ڪا جهاتي ناهہ جهروڪي ۾،
ڇا هيبت هن ڦهلائي آ.

آ مڙَهہ جي ماٺ هوائن ۾،
هر شام هِتان جي ڪائي آ،
پر توسان ڳالهہ اجائي آ.

اهڙي گُهٽ ٻوسٽ واري ڀيانڪ ماحول ۾ سائين جي.ايم.سيد سنڌي قوم کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ

ثقافتي ڪم جي واٽ ورتي. اِنهي واٽ تي هلندي هيٺيان مقصد حاصل ڪرڻ هئا.

الف: سنڌي ماڻهن کي پنهنجي الڳ قومي وجود جي احساس ڏيارجي.

ب: سنڌي عوام کي سندن شاندار ماضي کان واقف ڪجي.

ج: سنڌي عوام کي پنهنجن سورهين ۽ شهيدن جي ياد ڏياري منجهن قرباني جو جذبو پيدا ڪجي.

د: سنڌي قوم جو پنهنجي تاريخ سان ٽُٽل رشتو ڳنڍجي.

اِنهي پروگرام کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ سنڌ وطن جي هن اورچ، اڻ ٿڪ ۽ اڏول انسان "بزم صوفياءِ سنڌ" جي نالي سان تنظيم قائم ڪئي. هتي هن تنظيم جو ٿورو تفصيلي ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ڇاڪاڻ ته هن تنظيم سنڌي شاگردن ۽ عام ماڻهن ۾ قومي شعور جي بيداري لاءِ وقتائتو ۽ مُلهائتو ڪم ڪيو.

23 مارچ 1966ع تي سائين جي.ايم.سيد جي نظر بنديءَ جي بندش ختم ٿيڻ تي پاڻ عملي سياست کان پاسيرو ٿي ثقافتي محاذ تي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون. انهي سلسلي ۾ پهريائين پاڻ ساريءَ سنڌ جي مکيه درويشن جي درگاهن جي زيارت ڪري حالتون معلوم ڪيائون ۽ انهيءَ بعد فيصلو ڪيائون ته انهن درگاهن ۽ مزارن تي لڳندڙ ميلا عوامي رابطي جو بهترين ذريعو آهن. انهي ڪري انهن ميلن جي موقعن تي ڪانفرنسون ڪري عوام کي سنڌ جو قديم پيغام، اتحاد، امن ۽ انساني ترقيءَ جي اهميت کان آشنا ڪجي ته جيئن سنڌين مان هيٺيون ڪمزوريون ۽ نقص دُور ٿين.

(1) سنڌي ماڻهن مان خود مطلبي جي پاڙ پٽجي.

(2) قومي شعور جي اڻ موجودگي ختم ڪجي.

(3) سنڌي ماڻهن ۾ پاڻ ۾ موجود نفاق ۽ نفرت ختم ٿئي.

(4) سنڌي ماڻهن خاص طرح وڏن طبقن مان بزدلي ۽ بي همتي نڪري وڃي.

انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بزم صوفياءِ سنڌ جي نالي سان ڪانفرنسن ڪوٺائڻ جو سلسلو شروع ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي مکيه اديبن، شاعرن، شاگردن ۽ ٻين قومي ڪارڪنن به پاڻ ملهايو.

هن بزم طرفان ڇهه وڏيون ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون ٿيون.

پهرين ڪانفرنس نئي ۾ سيّد علي شيرازي عليه رحمت جي عرس جي موقعي تي 23 جون 1966ع ۾ ٿي.

ٻي ڪانفرنس ٻڍاپور اسٽيشن ضلع دادو ۾ حضرت داد شهيد جي درگاهه تي پهرين آگسٽ

1966ع ۾ ٿي.

ٽين ڪانفرنس ميرپور بٺوري ۾ 23 سيپٽمبر 1966ع تي شيخ اياز جي صدارت هيٺ ٿي.

چوٿين ڪانفرنس 29 سيپٽمبر 1966ع تي پٽ شاهه ۾ ٿي.

پنجين ڪانفرنس 23 آگسٽ آڪٽومبر 1966ع جو ڊنڙيءَ ۾ ٿي.

ڇهين ڪانفرنس سن ۾ شاهه حيدر عليه رحمت جي عرس جي موقعي تي 18_19 نومبر 1966ع جو ٿي.

جيتوڻيڪ نيچر/انداز جي لحاظ کان اِهي ڪانفرنسون خالص علمي، ادبي ۽ ثقافتي هُيون، پر انهن ڪانفرنسن فڪري واڌ جي سلسلي ۾ بنيادي ڪم سرانجام ڏنو. اُهو ڪم جيڪو سياسي پليٽ فارم تي وقت جي جابر حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ واسطي تيار نه هئي، سو ڪم بنهه سنجيده ۽ ماٺ ميٺ واري نموني هن پليٽ فارم تان تمام اثرائتي نموني ٿي ويو. هن ڪم ڪي اجان به اڳتي وڌائڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته اُن جا مختلف محاذ کوليا وڃن. انهي فيصلي پٽاندڙ ابتدا شاگرد برادري کان ڪئي ويئي ڇاڪاڻ ته اهو محسوس ڪيو ويو هو ته شاگرد طبقو حساس به آهي ۽ اُنهن ۾ قربانيءَ جو مادو به آهي. انهي ڪري هڪ نهراءُ پاس ڪري شاگردن جي هڪ تنظيم "سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن" وجود ۾ آندي ويئي. (انهي نهراءُ جي ڪاپي ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل آهي.)

محترم ڄام ساقي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي شاگرد جدوجهد"، جي صفحه 62 تي ايس.ايس.ڪو (SSCO) جي نهڻ جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي سو ڪُجهه هن ريت آهي، پر اهو بيان اصل حقيقت کي ۽ واضح ڪرڻ کان قاصر آهي. ڄام لکيٿو:

"1967ع جي وچ ڌاري حيدرآباد ۾ هڪ ٻي به شاگرد جماعت نهي جنهن جي ناهڻ ۾ مسعود نوراني ۽ يوسف لغاري، پيش پيش هئا، اُها هئي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن. ان وقت بظاهر حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن (H.S.F) ۽ سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن (ايس.ايس.ڪو) جو فرق ليڊرن جا ذاتي اختلاف يا ايس.ايس.ڪو جو رڳو پراڻن سنڌين کي ميمبرن ڪرڻ ۽ حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو پروگرام سان متفق ٿيندڙ هر شاگرد ميمبر ٿي سگهيو ٿي."

پر جيئن ته آءٌ مٿي ذڪر ڪري آهيو آهيان ته SSCO جو نهڻ در حقيقت بزم صوفياءِ سنڌ جي پروگرام کي تعليمي ادارن ۾ اڳيان وڌائڻ جي سوچيل سمجهيل رٿا بندي تحت هو ته جيئن سنڌي شاگردن ۾ پنهنجي قومي وجود جي شناس پيدا ٿئي ۽ کين پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب سان اُنس پيدا ٿئي. منشور جي اعتبار کان ايس.ايس.ڪو هڪ قوم پرست تنظيم هئي، انهي ڪري ئي هن کي

سڄي سنڌ ۾ پکڙجڻ جو موقعو ملي ويو.

هن تنظيم جو پهريون چيئرمين يوسف لغاري منتخب ٿيو. وائيس چيئرمين عبدالحئي پليجو ۽ جنرل سيڪريٽري مسعود نوراني ٿيو.

هن تنظيم کي فعال بنائڻ ۾ سيني شاگردن ساٿين جو هٿ هو پر مجيب پيرزادي ۽ مسعود نوراني گهڻي محنت ڪئي.

هن تنظيم طرفان ترت ئي سکر ۾ هڪ "سنڌي شام" ملهائي ويئي جنهن ۾ باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي، محترم حفيظ قريشي، سيد شمس الدين شاهه، شيخ اياز، نياز همايوني، ڄام ساقي، مجيب پرزادي، مسعود نوراني، خليل بڇاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ شاگردن حصو ورتو. سکر ۾ اهو ميڙ SSCO سکر شاخ طرفان منعقد ڪرايو ويو هئو. نبي بخش کوسي، مجيب پيرزادي، عابد شاهه موسوي ۽ ارشاد پارس جي ڏينهن رات جي پگهر پورهئي هن جلسي کي ڪامياب بنايو. اهڙي ريت ڏسندي ڏسندي هن تنظيم جون شاخون ساري سنڌ ۾ قائم ٿي ويون ۽ انهن طرفان ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون. اهڙي نموني انهن سمورين سرگرمين دوران هڪ سال جو عرصو گذري ويو ۽ چوٿين مارچ جو يادگار ڏينهن بہ اچي سهڙيو يعني 4 مارچ 1968ع. شاگردن ٿورڙي تعداد ۾ هئڻ باوجود بہ هڪ جلوس ڪڍيو. انهي ڏينهن اتفاق سان اولهہ پاڪستان جو گورنر بہ حيدرآباد آيل هئو. شاگردن جو اهو جلوس جڏهن شهر جي شاهراهن تان ٿيندو تلڪ چاڙهيءَ جي هينان پهتو تہ پوليس جي هڪ ٽرڪ اچي آڏو بيني ۽ جلوس کي ڇڙو ڇڙ ٿيڻ جي تلقين ڪرڻ لڳي، پر "اسان ڪاهيندا پيا اچون" جي مصداق شاگردن جلوس کي برقرار رکيو ۽ اڳتي وڌندا رهيا. اهو جلوس شهر جي شاهراهن تي مارچ ڪندو نعرا هڻندو، ڏاڍ جا ڪوٽ ڪنبائيندو اچي اولڊ ڪئمپس ۾ پُڄاڻي تي پهتو.

انهن ڏينهن ترت ئي سنڌ جي عظيم قومي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ميلو لڳو. ڀٽائي جي دربار ۾ هر سال جيان هن ڀيري بہ لکين سنڌي سڄاڳ اچي ڀيڙا ٿيا هئا. اهو موقعو غنيمت هئو تہ سنڌ جي انهن سٽل سورمن کي جهنجهوڙي جاڳائجي ۽ انهن کي ڌرتيءَ جي عظيم محب وطن شاعر جي پڙ ۾ پنهنجي وجود جي بقا جو پيغام ڏجي، نعرو ڏجي ۽ اُتساهہ ڏجي. جڏهن اهي لوڪ ڳوٺن ۽ واهڻن ڏانهن ورندا تہ اهي نوان نعرا، نوان خيال کڻي ڳوٺاڻن تائين پهچائيندا. اهڙي ريت هڪ ئي ڌڪ ۾ اهو پيغام ڳوٺ ڳوٺ ۽ وستي وستي پهچي ويندو. ڪنهن ڏاهي سچ چيو آهي تہ:

"غلام سڄاڳ ٿيڻ لڳندو آهي تہ غلامي منجهڻ لڳندي آهي."

اها حقيقت آهي تہ اونداهي ڪيتري بہ ڪاري ۽ ڪيڏي بہ ڀيانڪ ڇو نہ هجي، پر روشنين جو هڪ ڪرڻو بہ اُن جي ڇاتيءَ کي ڀَرڻ ڪري ڇڏيندو آهي.

شاگردن هن موقعي کي غنيمت ڄاڻندي ئي بسون پيري اچي مرشد جي پڙ ۾ پير پاتو. سڄي واٽ تي ”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“، ”جيئي سنڌ سدا جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻندا ”سنڌڙي تي سِر ڪير نہ ڏيندو، سهندو ڪير ميار او يار“ کي وڏي واڪ ڪورس جي انداز ۾ ڳائيندا ڳوٺن وٽ ترسندا، تقريرون ڪندا، پمفليٽ ورهائيندا رهيا. انهي نموني بہ هزارها سنڌين تائين رستي هلندي وطن جي حفاظت ۽ حقن جي حاصلات جو پيغام پهچايو ويو.

جڏهن شاگردن جا جٿا لطيف سائين جي حضور ۾ حاضر ٿيا تہ هر زبان تي هئو.

جاڳ ڀٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏڙا ڪري،

مَرن پيون ماريون قابو آهن ڪوٽ،

اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وڃون.

(اياز)

لطيف سائين جي مزار تي حاضري ڏيئي ڪراڙ جي ڪپ تي آيا. ڪراڙ جيڪا لطيف سائين جي تخيل جيئن شفاف سانتيڪي هئي. انهي ڪراڙ جي ڪپ تي بہ جيئي سنڌ جا اُپ ڏاريندڙ نعرا گونجيا، ڄڻ تہ پن پن مان پڙلاءُ اچي رهيو هئو ۽ لطيف جي سنڌ ڪر موڙي جاڳي رهي هئي.

حيدرآباد مان آيل شاگردن جو تعداد تہ ٻہ يا ٽي سئو هوندو تہ هنن جي جوش ۽ ولولي هزارن جا هشام ڪٺي گڏ ڪيا هئا، پوءِ شاگرد ٽولن ٽولن ۾ ورهچجي سڄي ميلي ۾ پکڙجي ويا. هَر چونڪ، هر اسٽال ۽ هر هوٽل جتي ماڻهن جو چڱو چوکو ميڙ هئو اُتي پيپڪيدار تقريرون ڪري ٻڌندڙن جي خيالن ۽ جذبن ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيائون. ڳوناڻن ماڻهن کي پنهنجن نوجوانن جي همت، جذبي ۽ سياسي فڪر تي فخر ٿيڻ لڳو. جيتوڻيڪ اها سوچ اڃا وڏي پئماني تي وسيع ۽ پختي نہ ٿي هئي، تڏهن بہ اوساڻ چڱا هئا.

سنڌ جي حقن جي جدوجهد لاءِ لطيف سائين جي درگاهہ يا ميلو سڀ کان سنو اظهار جو هنڌ هئو ڇاڪاڻ تہ لطيف سائين جا هر سنڌيءَ جي دل ۾ ديرا هئا. لطيف ۽ سنڌ ڌرتي پاڻ ۾ سلهاڙيل هئا. لطيف سائين جي شاعري نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي بقا جي ضامن هئي، پر سنڌي قوم جي شناخت جو ذريعو بہ. انهي ڪري جڏهن هن هنڌ تي جيئي سنڌ جا نعرا گونجيا تہ لطيف سائين جي سُر مارئي جي عملي تشڪيل ٿيڻ لڳي ۽.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

واري سپني جي ساپيان ٿيڻ لڳي. جيتوڻيڪ سنڌ جي سڪار لاءِ اڄ تائين لطيف جو روح رڙي رهيو آهي ۽ ڏڪاريا ڏيهہ مان موذي ڪونہ مُئا آهن، پر ايترو ضرور ٿيو آهي تہ انهي سڪار لاءِ سنڌ جا سورهيہ سپوت پنهنجي اُملهہ حياتين جي قرباني ڏيئي منزل کي قريب ٿي رهيا آهن. جيڪي

نعرا فقط يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جي ايوانن ۾ گونجندا هئا، سي هاڻ ڳوٺ ڳوٺ پڙاڏا پائي رهيا آهن. سنڌي ماڻهن پنهنجي قومي حقن کي بہ چاڻي ورتو آهي تہ اُنهن جي پائمال ڪندڙن کي بہ سُڃاڻي ورتو آهي. هاڻي سنڌي ماڻهو مذهبي برادري ۽ اسلامي نظام جي پُر فريب ڄار ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ هنن اِنهي ڳالهہ جو شعور حاصل ڪري ورتو آهي تہ سنڌ کي محڪوم ۽ مظلوم رکڻ وارا نيتن جا نيڪ نہ آهن. هنن جو مقصد اسلام جي خدمت نہ پر پنهنجن مخصوص مفادن جي حاصلات ۽ حفاظت لاءِ اسلام جو استعمال آهي، جيڪا ڳالهہ خود اسلامي تعليمات جي لحاظ کان ظالماڻي ۽ غير شرعي آهي.

ميلي جي چڪر لڳائڻ کان پوءِ شاگردن جو ميڙ جلوس جي شڪل ۾ ڪانفرنس هال ڏانهن وڌڻ لڳو جتي هڪ مرڪزي وزير خزانہ مسٽر اين.ايم عقيلي اچڻو هئو. جلوس جڏهن ڪانفرنس جي دروازي وٽ پهتو تہ پوليس طرفان مداخلت ڪئي ويئي ۽ شاگردن کي هال اندر وڃڻ نہ ڏنو ويو. پوليس اِهلڪارن سان شاگردن جي زباني ڏي وٺ ٿي ۽ شايد انهي جو چو ٻول اندر هال تائين بہ پهچي ويو هو. ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد محترم عثمان علي عيساڻي ۽ وائيس چانسلر سنڌيونيورسٽي محترم محمد صالح قريشي ٻاهر نڪري آيا. شاگردن کي ٿورڙي دير انتظار ڪرڻ لاءِ چيائون. اُن تي شاگردن وراڻيو تہ جڏهن هال ۾ داخل ٿيڻ جي عام اجازت آهي تہ پوءِ پوليس هنن کي ڪهڙي سبب ڪري روڪيو ۽ جيڪڏهن شاگرد دروازي تي ڪجهہ دير انتظار ڪن تہ پوءِ فنڪشن ختم ٿيڻ کانپوءِ اندر وڃي ڇا ڪبو. اُنهي احتجاج تي شاگردن کان ناپر ۾ آڻڻ لاءِ کين ٻاراڻو دلاسو ڏنو ويو تہ "توهان لاءِ موسيقي وغيره جو خاص پروگرام پيش ڪيو ويندو." ڪافي دير سرڪاري اهلڪارن سان منهن ماري ۽ بحث مباحثو ٿيو. ڪجهہ دير بعد هن فنڪشن جو خاص مهمان مسٽر عقيلي پنهنجي ساٿين ۽ ڪامورن جي جهرمٽ ۾ اچي اسان وٽان لنگهيو. پتو پيو تہ عقيلي صاحب پنهنجي تقرير پوري ڪري وڃي رهيو هئو. انهي بعد شاگردن کي اندر وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي. اصل ماجرا جو علم پوءِ ٿيو تہ عقيلي صاحب جي تقرير ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سڌي نشر ٿي رهي هئي. انتظاميہ سمجهيو تہ جيڪڏهن شاگرد اندر اچي ويا تہ اُهي 'جيئي سنڌ' ۽ ٻين نعرن سان هال کي گونجائي ڇڏيندا ۽ اهي آواز ريڊيائي لهرن تي سوار ٿي جهر جهنگ پکڙي ويندا. شاگردن جي اندر داخل ٿيڻ بعد ميلي جي رننگ ڪامينٽري بہ نشر ڪرڻ بند ڪئي ويئي. واقعي 'مائوري تنگ' سچ چيو هو تہ: "سامراج ڪاغذي شينهن آهي." 'اياز' بہ اِنهي خيال جي سهڻي انداز ۾ اُپٽار ڪئي آهي.:

مون ڏات انوکي آندي آ،
ٿي تند وڙهي تلوارن سان.
ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن،

ٿو آءٌ سنڌءِ ديوارن سان.
ٿا تنهنجا ڀاري ٻُرج لُڏن،
تون هيٺُو آن هٿيارن سان.

سچي هال تي شاگرد ڇانئجي ويا ۽ ائين لڳو تہ هيءُ لطيف سائين جي ميلي جو سرڪاري فنڪشن نہ پر يونيورسٽيءَ جو ڪو فنڪشن آهي. شاگردن جي اهڙي همت، بهادري ۽ ٻڏي ڏسندي ماڻهن جي ذهنن جا دروازا ضرور تکايا هوندا ۽ هنن بہ سوچيو هوندو تہ هن ڀُونءِ کي ڀيل کان بچائڻ لاءِ جوان جاڳيا آهن. شاگردن جي انهي دليرانہ جدوجهد سنڌي ماڻهن ۾ اهو عالم تاثر پيدا ڪري ڇڏيو هو تہ ختابي (شاگرد) ڊينگن کي بہ ڍير ڪري ڇڏيندا. سنڌي قوم جي نجات لاءِ ماڻهن جون نگاهون شاگردن تي ڪتل هيون، گويا اهو پڇي فرض ڪيو ويو تہ شاگرد ئي قومي معاملن ۾ فيصلہ ڪن عنصر آهن. ماڻهن جي انهي تاثر پويان صدين جي غلامين جا عذاب ۽ عقوبتون هيون، جيڪي سهندي سهندي سنڌي ماڻهو ساڻا تي پيا هئا ۽ هاڻي ڪنهن ازغيبي اُٿل پٿل يا جوانڻ رت جي ڪرشمہ سازي جا آسائتا هئا. جڏهن هنن باوجود پنهنجي ماڻ جي نوجوانن کي پرجوش انداز ۾ وڙهندو ڏٺو تہ هنن کي انهي ۾ پنهنجي نجات، سرهائي ۽ سوڀَ ڏسڻ ۾ آئي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڪ دور ۾ قومي جدوجهد ۾ قائدانہ ڪردار ادا ڪندڙ اهو نوجوان شاگرد طبقو اڳتي هلي سياسي گروه بندين، مفاد پرستين ۽ انا پرستيءَ جو ڪاڄ بنجي ويو. ڪيترا شاگرد چڱيون موچاريون نوڪريون وٺي چپن کي چُنو لائي ويهي رهيا ۽ وري ڪيترا تہ وقت جي جابر حاڪمن جا ڪارندا، دلال، مُڇ جا وار ٿي ويا. اها قبيح ۽ ڪڙي صورتحال اهڙي ماجرا هئي، جنهن سنڌ جي قومي جدوجهد کي بريءَ طرح متاثر ڪيو. ائين ڇو ٿيو؟ ڇا ائين ٿيڻ اڻ ٽر هو؟ اهي سوال ذهنن کي جهنجهوڙين ٿا ۽ جواب طلب ڪن ٿا.

اسان جيڪڏهن صورتحال جو ناقدانہ تجزيو ڪريون تہ هينيون ڳالهيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون.

1. هڪ تہ شاگرد سماج جي هڪ ئي پَرت سان تعلق رکندڙ نہ هئا. اُنهن ۾ شاهوڪار بہ هئا تہ وچين طبقي جا بہ، تہ غريب طبقي جا بہ، انهن سڀني جا طبقاتي طرح لاڳاپا، سماجي معيار ۽ مفادات هڪ جهڙا نہ هئا، جنهن ڪري انهن ۾ ويڙهہ ٿيڻ سڀاويڪ هئي.
2. شاگردي هڪ مختصر مُدي وارو دور آهي، جيڪو پوري ڪرڻ کان پوءِ هر شاگرد کي پنهنجي پيشي اختيار ڪرڻ جي لازمي ضرورت پيش اچي ٿي. اها توقع رکڻ بہ اجائي آهي تہ سڀ شاگرد پڙهائي پوري ڪرڻ کانپوءِ سياسي ورڪر بنجي رهن ۽ ڪابہ ڪرت اختيار نہ ڪن. انهي ڪري ضرورت جي پورائيءَ واسطي ڪن عزت ڀريو ڌنڌو اختيار ڪيو تہ ڪن اجائي هَوَس خاطر حڪمرانن جا بُوٽ پالش ڪيا.

3. سنڌي عوام جو شاگردن کي ئي پنهنجي نجات جو محور بنائڻ هڪ غير دانشمندانہ فيصلو يا رايو هو. جنهن مان پاڻ هرڪائي جي ڪوٺ ۽ خود اعتمادي جو ڪال ٻکيو ٿي. ٽيڻ ائين کپندو هو تہ شاگردن جي انهي بهادرانہ جدوجهد کي سنڀالڻ لاءِ عوام اڳتي وڌي ها، اُنهن سان ٻانهن ٻيلي بہ ٿئي ها ۽ اُنهن جي ڪمزورين کي ڏيڏ ڏي ها.

اڄ جي دور ۾ ڪافي سياسي تنظيم ڪاري وڌي آهي ۽ شاگرد جيتوڻيڪ اڄ بہ اڳيرو آهي، پر اُنجو ٻين طبقن سان تعلق قائم ٿي رهيو آهي ۽ هاڻي هن کي اڪيلائي جو ڏنڀيندڙ احساس نہ آهي.

بهرحال اسان وري بہ پنهنجي ساڳئي بيان ڏانهن موٽون ٿا تہ لطيف سائين جي ميلي واري واقعي کان پوءِ ٽُرت ئي سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻين ڪاليجن ۾ شاگرد يونين جي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو ۽ هڙ شاگرد اليڪشن ورڪ ۾ جنبي ويا. ڪاليجن جون چونڊون بہ مزيدار نمونی ٿينديون آهن. ڇو تہ انهن جو مزاج قومي اسيمبلي جي سيٽن لاءِ وڙيرڪي انداز جي چونڊن کان نيارو هوندو آهي. ڪاليجن جا شاگرد پڙهيل لکيل ۽ باشعور هئڻ ڪري اُميدوار جي پوري پرک وٺي پوءِ پنهنجو ووٽ استعمال ڪندا آهن. هاڻوڪي اليڪشن ۾ تہ ووٽرن اُميدوارن کي انهي ڪسوٽي تي پي پرکيو تہ ان اُميدوار جو قومي جدوجهد ۾ ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار رهيو آهي. ڇا هو سنڌين جي قومي حقن لاءِ وڙهڻ جو جذبو ۽ شعور رکي ٿو يا نہ؟ سنڌ يونيورسٽي ۾ هن ڀيري جيڪي شاگرد اليڪشن ۾ بيٺا تن ۾ سنڌين طرفان صدارت لاءِ يوسف ٽالپر کي نامزد ڪيو ويو. گويا صدارت لاءِ هو اڪيلو سنڌي اميدوار هو. اُنجي اُبتڙ جنرل سيڪريٽري جي عهدي لاءِ بہ شاگرد يعني ڄام ساقي ۽ يوسف علي مرزا ۽ هڪ غير سنڌي شاگرد پرويز اُميدوار بيٺا. ڄام ساقي کي شاگردن طرفان ڀيهاريو پي ويو. پر يوسف علي مرزا ڪنهن لڪل ٽيڪ جي سهاري تي بيٺو. هوڏانهن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ سڀني عهدن لاءِ فقط سنڌي شاگرد بيٺا هئا، جنهن ڪري اهو خطرو نہ هو تہ ڪاليج جي قيادت غير سنڌين جي حوالي ٿي ويندي. نتيجن سڀني جي توجهہ جو مرڪز سنڌ يونيورسٽي جي اليڪشن بنيل هئي، نتيجا ظاهر ٿيا تہ يوسف ٽالپر صدر چونڊجي آيو. پر ڄام ساقيءَ کي شڪست آئي. سندس غير سنڌي حريف کٽي ويو. ائين ڇو ٿيو؟ ان جا اسان جي اندازي مطابق هيٺيان ڪارڻ هئا.

1. جنرل سيڪريٽري لاءِ بہ سنڌي اميدوار بيٺا جنهن ڪري ووٽ ورهائجي ويا.
2. يونيورسٽيءَ جي ڪن اهم شخصيتن جن جي شاگردن جي سياست سان گهاٽي دلچسپي هئي، تن لاءِ ڄام قابل قبول نہ هئو. اهڙي گروپ جي ٻنهہ هڪ مکيہ ماڻهوءَ کي نجي محفل ۾ اهو چوندي ٻڌو ويو تہ: اهو ٺيڪ ٿيو. جيڪڏهن ڄام کٽي ها تہ يوسف ۽ ڄام جو ميل نہ ٿي سگهي ها ڇاڪاڻ تہ هڪ نواب هو تہ ٻيو مسڪين.
3. ڄام پروڪميونسٽ هئو. جنهن ۾ قومي سوچ جا عناصر نہ ٿي مليا، جڏهن تہ سنڌي

شاگردن ۾ قومي شعور ۽ جذبو وڌندڙ هو.

هوڏانهن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ سيني عهدن تي سنڌي شاگرد کٽي آيا هئا. يعني صدر مسعود نوراني جنهن کي شاگرد پيار وچان سنڌ جو جاني سڏيندا هئا ۽ جيڪو اڳتي هلي پيپلزپارٽي جي دور ۾ سنڌ جي وڏي وزير ممتاز ڀٽي، غلام مصطفيٰ جتوئي جو پوليٽيڪل سيڪريٽري ٿي رهيو. جنرل سيڪريٽري محمود لاڙڪ، جوائنٽ سيڪريٽري اقبال ترين جنهن جي شعلہ بياني جا هوڪرا هئا ۽ جيڪو بعد ۾ ريڊيو تي . وي ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪرڻ لڳو. يوسف ٽالپر ۽ اقبال ترين جو جوڙو ڪافي سالن تائين شاگرد سياست ۾ نمايان رهيو. مسعود نوراني جيان هنجي ابتدا بہ قوم پرستي سان ٿي ۽ اڳتي هلي مارڪسزم جي زير اثر رهيو. اقبال ترين جي ذهن ۾ ڪي قدر نراجيت Anarchism جا اهڃاڻ بہ هئا. سوشل سڪريٽري غلام نبي پليجو منتخب ٿيو. جيڪو اڳتي هلي سنڌي شاگرد تحريڪ جو رڪن/اڳواڻ ٿيو پر پوءِ جلدئي نوڪري جي لوڻ ڪاڻ ۾ رلي ملي لوڻ ٿي ويو.

اڳوڻي سال وانگر هن ڀيري پڻ حيدرآباد جي سيني ڪاليجن ۾ سنڌي نمائيندا اڪثريت سان چونڊجي آيا، جنهن ڪري قومي تحريڪ کي ٽيڪ ملي. سنڌي شاگردن جي فڪري اوسر ۾ ڪاليجن جي ساليانن ۽ وقت بوقت ٿيندڙ ادبي ۽ علمي تقريبن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو. اهي علمي فنڪشن پوءِ چاهي اهي ’سنڌي شام‘ جي نالي ۾ هجن يا ’جشن لطيف‘ جي چاهي اهي ادبي ڪانفرنس جي نالي ۾ هجن يا مشاعرن جي صورت ۾. هر حال ۾ انهن جو رنگ روپ قومي ڪاچ جو لڳندو هو جتي سنڌي نوجوان پنهنجي قومي لباس شلوار قميص ۽ اجرڪ ڪلهن ۾ وجهي پنهنجي قومي ۽ ثقافتي تسلسل جو اظهار ڪندا هئا. انهي ڪان پوءِ ئي سنڌ ۾ اجرڪ کي هڪ قومي لباس جي سڃاڻپ ۽ مقبوليت نصيب ٿي ۽ اجرڪ سازي جو متجندڙ ۽ مرٽينگ پيشو ٻيهر زندهہ ٿي پيو. يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ هاڻي سنڌي شاگرد نمائيندا ئي اڪثر چونڊجي ايندا هئا ۽ انهن ۾ اڪثريت قومي سوچ ۽ جذبي رکندڙن جي هوندي هئي، انهي ڪري هنن جي سياسي هلچل قومي تحريڪ ۾ جدوجهد سان سلهاڙجندي ويئي. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ جيڪي فنڪشن ٿيندا هئا، انهن ۾ سنڌ جا ترقي پسندن وطن دوست اديب ۽ شاعر گهرايا ويندا هئا، راڳ رنگ جي محفل ۾ شيخ اياز ۽ نياز همايوني جا قومي گيت ڳايا ويندا هئا، جن مان نئين ٿهي کي قومي پرستيءَ جو جذبو ۽ اُتساهہ حاصل ٿيندو هو. چوندا آهن تہ لاٽ مان لاٽ ٻرندي آهي، سو اسان وٽ بہ بلڪل ائين ٿيو هڪ ڪاليج جي فنڪشن ٻي ڪاليج جي شاگردن ۾ شوق، جذبو جاڳايو. جيڪو شعور ۽ جذبو شاگردن هتي حاصل ڪيو اهو پنهنجن ڳوٺن، شهرن ۽ واهڻن تائين پهچايو. اهڙي ريت سنڌ جي ٻهراڙي وارين ايراضين ۾ بہ اهڙا قومي ڪاچ ٿيڻ لڳا ۽ قومي سجاڳي جو پيغام ڳوٺن تائين پهچڻ

لڳو. انهي صورتحال نہ رڳو سنڌ جي دشمن قوتن کي هراسان ڪيو پر انهن جي مقامي ساٿارين جي رڌڻن ۾ بہ رولو وجهي ڇڏيو. هنن محسوس ڪيو تہ اها سجاڳيءَ جي لهر جيڪي نئين سج ويتر وڌندي پٽي اچي سا سندن سگهہ ۽ زور کي هڪ ڏينهن لوڙهي ٻوڙي ويندي.

انهيءَ ڪري انهن هِن تحريڪ جي انهن نوجوانن کي مايوس ڪرڻ ۽ مونجهارن ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ نصيحتون ڪرڻ شروع ڪيون تہ:

”شاگرد ٻار آهن.. انهن کي سياست کان پاسو ڪرڻ گهرجي... هنن کي ڪهڙي خبر تہ سياست ڇا ٿيندي آهي. سياستدان ٻارن کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن.“ وغيره وغيره.

اهي ڳالهيون ڪندڙ ماڻهو سرڪاري ڌر جا سڌا طرفدار هوندا آهن ۽ پنهنجي انهي ڪردار ذريعي حاڪمن وٽ پاڻ کي مقبول بنائڻ جا جتن ڪندا آهن. انهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ شاگردن جو ڪم پڙهڻ ۽ امتحان پاس ڪرڻ آهي، پر هن قوم جي فرد جي حيثيت سان هنن جو اهو بہ فرض آهي تہ اهي پنهنجي قوم جي مظلوميت، مفلسي ۽ بدحالي تي سوچين ۽ لوچين بہ. انهي عمل کان هنن کي پري نٽوڙڪي سگهجي. هتي هن ڳالهہ جو ذڪر انهي ڪري بہ ڪيو اٿم جو اسان مان اڪثر ماڻهو انهيءَ ڳالهہ جو اندازو نٿا لڳائي سگهن تہ قومي يا طبقاتي جدوجهد کي سياسي ۽ فڪري محاذن تي پسپا ڪرڻ ۽ انهن ۾ قوت وجهڻ لاءِ مقامي سطح کان عالمي سطح تائين سازشون تيار ٿين ٿيون، جيڪي نهايت خفيہ نموني وڏي چالاڪي ۽ عياري سان اسان وٽ عمل ۾ اچن ٿيون. ڪيترائي ڏسڻا وائسڻا سفيد پوش ماڻهو جن کي الله جو ڏنو سڀ ڪجهہ هوندو آهي، ڪير بہ انهن جي شرافت ۾ شڪ بہ نہ ڪري سگهندو، سي بہ انهن سازشن جا مهرا ٿي ڪم ايندا آهن. بظاهر انهن جو ڪردار همدرد، هڏ ڏوکي، اصلاح ڪار جو هوندو آهي. اُهي عوام دوستيءَ جا سياسي جُبا بہ اوڍيندا آهن. اُهي علم ۽ ادب جي خدمت جا وڏا واڪ بہ ڏيندا آهن. اُهي صحافت جي ميدان جا چمپيئن بہ ٿيندا آهن. انهن روپن ۽ رنگن ۾ اُهي حاڪمن جي حڪومت کي ڊيگهہ ڏيارڻ لاءِ ذهني فتنا کڙا ڪندا آهن، عقيدن جو ٽڪراءُ ڪرائيندا آهن. سڌي ۽ اڻ سڌي طرح سامراجي سرواڻ آمريڪا جي جمهوريت ۽ آزاديءَ جا افسانا گهڙي پيش ڪندا آهن ۽ سوشلسٽ ملڪن جي اندروني صورتحال جا ڪوڙا خوفناڪ داستان ٺاهي عوام آڏو پيش ڪندا آهن تہ جيئن ماڻهو سماجوادي سوچ کان ڇرڪيل رهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي اِنهي سوچ جي سگهاري ٿيڻ سان سندن ڦهر جا ڪوٽ ڪري پوندا. آمريڪا جي نو آبادياتي نظام جو تاجي پيٽو پرزا پرزا ٿي ويندو ۽ اهڙي طرح اصل مالڪ، اُنهن جا مقامي دلال سڀ متاثر ٿيندا. اهڙو ئي هڪ همراهہ تازو آمريڪا ۾ ست اٺ سال گذارڻ بعد اونهاري جي موڪلن ملهائڻ لاءِ وطن واپس وريو آهي. سندس علمي فضيلت جو ڪمال

اهو آهي جو ستن اٺن سالن تائين آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي باوجود به ڪا ڊگري حاصل نه ڪري سگهيو آهي. هو صاحب سنڌ جي موجوده صورتحال تي ڏاڍو برهم ۽ ڏمريل آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جو نوجوان آمريڪا جي آقائين کي ميجتا ڏيڻ کان سرڪش ٿي بيٺو آهي ۽ هو سماجوادي وٺ وٺڻ لڳو آهي. هن صاحب اچڻ شرط چاپيءَ جي رانديڪڙي وانگر ٻولڻ شروع ڪيو آهي ۽ آمريڪا جي ساراهه جا اُهي ڍڪ پيرڻ شروع ڪيا اٿس، جو محسوس ٿئي ٿو ته هيءُ پڙهايل طوطو ڪا خاص مشن کڻي آيو آهي. جيتوڻيڪ هيءُ ملڪ اڳ ۾ ئي اهڙن ويڪائو ۽ سامراجي ڍنڍورچين جهڙوڪ پير علي محمد راشدي (جنگ جو ڪالم نويس) ۽ الطاف قريشي (اردو ڊائجسٽ ۽ زندگي جو ايڊيٽر) پارن سان سٽيو پيو آهي. هن صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

”آمريڪي نظام حڪومت ۾ واپار جو سچو نظام عوامي ماڻهن جي هٿ ۾ آهي. مطلب ته بئنڪون، فيڪٽريون، ملون، هوائي جهاز ناهڻ ۽ هلائڻ واريون ڪمپنيون ۽ ريلوي وغيره سڀ ”عوامي ماڻهن“جي ملڪيت آهن ۽ قومي ملڪيت جي ڍونگ ۾ حڪومت ”عوام“ کان اهي معاشي ذريعا کسي ڪو نه ورتا آهن. هن قسم جي نظام ۾ جيڪڏهن ڪو محنتي ماڻهو آهي ته کيس سندس زياده محنت جو زياده عيوضو ملندو. ائين نه آهي ته سڀ هڪ جهڙا تصور ڪيا وڃن ۽ نڪمي ۽ محنتي جو پگهار هڪ جيترو هجي. وغيره. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا جي اندروني پيدائش دنيا جي ملڪن کان گهٽو مٿي آهي.

سوشلسٽ يا ڪميونسٽ نظرين ۾ اعتماد رکندڙ ماڻهو آمريڪا سان صرف انهيءَ ڪري ٿا سڙن جو آمريڪا ۾ ماڻهن کي پوري آزادي حاصل آهي ۽ انهي ڪري هو دنيا جي ٻين ملڪن بنسبت تمام آسودا آهن.

اسانجي نوجوانن ۾ به اها ”زهر افشاني“ ڪئي پئي وڃي ته هو آزاد ۽ آسودن ملڪن کي بُرو ڪري ليڪن. اگر ڪو ملڪ يا ماڻهو خوشحال آهي ته اسين ڇو هِن سان حسد رکون!“

مٿين ٽڪري مان پڙهندڙن کي پروڙ پئي ويئي هوندي ته هيءُ همراهه ڇا ٿو چاهي. ايترا سارا ساراهه جا ڍڪ پريندي صاحب موصوف ايتري به لڄ محسوس نه ڪئي ته هو جنهن ملڪ کي آزادي ۽ جمهوريت جو علمبردار قرار ڏيئي رهيو آهي تنهن ۾ اُتي اڇي چمڙي وارن ۽ ڪاري چمڙي وارن جو ڪيترو امتياز ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا جي ڪن خاص جاين تي ته بورڊ لڳل هوندا آهن ته ”ڪارن ۽ ڪتن کي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي.“ يا وري هيءَ حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي ڪونهي ته آمريڪا ۾ هيستائين ڪو به ڪارو ملڪ جو صدر، چيف جسٽس ۽ ڪمانڊر انچيف نه ٿي سگهيو آهي. ڪارن آمريڪين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي مارٽن لوٿر ڪنگ شهادت پاتي. آمريڪا ۾ اُتي جي اصل رهواسين ريڊانڊينس کي ته بنيادي حقن کان به محروم رکيو ويو آهي. ڇا اِها آهي اُها

آزادي ۽ جمهوريت، جنهن جي مثال کي پيش ڪندي سامراجي دلال ۽ ڍنڍورچي ڍاپن ئي نٿا.

اِها ته ملڪ اندر صورتحال، پر آمريڪا دنيا جي هن گولي تي جيڪي قهر ڪيا آهن سي به تاريخ جو حصو آهي. ويٽنام تي فوجي چڙهائي، اُتي جي ڳوٺن ۽ شهرن تي گولہ باريون ”مي لائي“ جو قتل عام جنهن تي دنيا جي حق پرست ماڻهن جي ضميرن کي جهنجهوڙي ڇڏيو ۽ برطانيہ جي عظيم فلاسافر برٽينڊرسل آمريڪي ظلمن جي ڇڪاس لاءِ هڪ ٽريبونل قائم ڪري آمريڪا جي درندگيءَ کي وائکو ڪيو. ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست حڪومت کي هٿيار ڪير ٿو سپلاءِ ڪري ۽ اقتصادي امداد ڪير ٿو ڏي. ڏکڻ آفريڪا جي اصل رهواسي ڪارن تي اڇن جي اقليت ڪنهن حڪمران ٻڌائي، ڪارن کي حيواني زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو آهي. وچ اوڀر ۾ اسرائيلي حڪومت جو قيام ۽يهودين جي آباد ڪاري لاءِ ڪير ذميدار آهي. ڇا اِها ڪا لڪل ڳالهہ آهي ته آمريڪا جي ڏِڍ ۽ ڏاڍِ تي ئي فلسطين مان اُتي جي اصل رهوسين کي جلاوطن ڪيو ويو آهي. سالن کان انهن جي نسل ڪشي جو ڪڌو عمل جاري آهي. سنڌ جو نوجوان پڙهي، پروڙي ۽ عالمي صورتحال جو تجربو ڪري ٿو. هنن جيڪا واٽ ورتي آهي. سا سوچي سمجهي ورتي آهي. هو جڏهن آمريڪا کي سامراج قرار ڏي ٿو ته هڪ تاريخي حقيقت جي گواهي ڏي ٿو. سنڌ جو نوجوان شعوري طور ڪافي اڳتي نڪري چڪو آهي ۽ آءُ يقين سان چوان ٿو ته پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي شاگردن ۾ ايتري فڪري بلندي ۽ گهرائي نہ آهي جيتري سنڌي شاگرد ۾ آهن.

❷

# سنڌ ۾ نيون شاگرد تنظيمون

حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي سنڌ سطح جي تنظيم بنائڻ لاءِ سنڌ اسٽوڊنس ڪنويشن ڪوٺايو جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ ڪراچيءَ جي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي. هن جماعت جو نالو-سنڌ نيشنل اسٽوڊينس فيڊريشن رکيو ويو. جنهن جا عهديدار هيٺين ريت چونڊيا ويا.

صدر-ڄام ساقي

نائب صدر- اعجاز قريشي-نديم اختر

جنرل سيڪريٽري-شاهه محمد شاهه ۽ مسعود پيرزادو

پريس سيڪريٽري-مهر حسين شاهه

سوشل سيڪريٽري-عبدالحئي پليجو

شام جو جلسو ڪرايو ويو. جنهن جو افتتاح سنڌ جي جهوني سياستدان شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪيو ۽ صدارت سائين جي. ايم. سيد جي تصوير ڪان ڪرائي ويئي ۽ مهمان خصوصي اجمل خٽڪ هو. جلسي ۾ پهريون پيرو شهيد هيمون ڪالاڻي جا فوٽو وڏي تعداد ۾ ورهايا ويا. اهڙيءَ ريت شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد کي تازو ڪري سنڌ عوام کي پنهنجن سورمن ۽ شهيد سان آشنا ڪيو ويو. شيخ اياز لکيو هو ته:

"جڏهن ڪا قوم مرده ٿيندي آهي ته ان کي ماضيءَ سان محبت نئين زندگي عطا ڪندي آهي."

شهيد هميون ڪالاڻي هجي يا شهيد هوش محمد، شهيد ڏاهر اعظم هجي يا شهيد دودو، شهيد مخدوم بلاول هجي يا شهيد دريا خان، انهن سڀني جي ياد سنڌي قوم ۽ ان جي نوجوانن کي پنهنجي وجود جي ڄاڻ ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي سُڌ ڏني. اسانجا سورما ۽ اسانجا شهيد هڪ مقدس مِشن جا امين هئا. انهي مقدس ڪم کي سرانجام ڏيندي هنن پنهنجون حياتيون قربان ڪري ڇڏيون، اُها مِشن يا اُهو ڪم هو سنڌ ڌرتي آزادي ۽ خودمختياري جو.

اسانجي حاڪمن نه رڳو اسان تي سياسي قبضو ڄمايو هو پر اسانجي ذهنن مان پنهنجي علحده قومي حيثيت جي سڃاڻپ کي ڇني وٺڻ لاءِ ثقافتي برابري جا به حربا هلايا. هنن اسانجي تهذيب کي ڪافر، هندوئن جي تهذيب قرار ڏيئي اسان کي سندن تهذيب جو شائق ۽ متوالو بڻايو. هنن اسانجي نصابي ڪتابن ۾ پنهنجن سورمن کي اسان تي مڙهيو ۽ اسان کي مجبور ڪيو ويو ته اسان انهن جي آڃ مڃون ۽ انهن جي عزت ڪريون اسان جي نصابي ڪتابن مان ڪنهن ۾ به سنڌ جي عظمت ۽ سنڌ جي سورمن جي ذڪر کي شامل نه ڪيو ويو. اسانجي ماضيءَ کي ڌڪار لائق قرار

ڏيئي اسان جي ذهنن ۾ اهو ٻُس پريو ويو تہ توهان جو ڪو ماضي ڪونهي، جيڪڏهن ڪو آهي تہ توهان جو مسلمان هئڻ جي ناتي ان ان سان ڪوبہ تعلق نہ رهيو آهي. انهي ڪري هنن سنڌ کي سنڌ سڏڻ بجاءِ ”باب الاسلام“ سڏڻ جي پروپيگنڊا ڪئي. هنن اسانجي شهرن جي روڊن، ڳلين، پارڪن، ڪاليجن، اسڪولن ۽ پاڙن کي بہ مشرف بہ اسلام ڪري انهن تي پنهنجن اڳواڻن جا نالا رکيا. اسان جي ڪن سڄاڻ ۽ وطن پرست ماڻهن جڏهن اهڙن ڪڌن ڪرتوتن خلاف آواز اٿاريو تہ انهن کي ملڪ دشمن، اسلام دشمن قرار ڏيئي بدنام ڪيو ويو. اسلام جي مقدس نالي کي هر هنڌ ۽ هر گهڙي اسانجي خلاف اهڙي ريت استعمال ڪيو ويو جو ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ شايد اسلام اصل ۾ پيدا ئي انهن وٽ ٿيو آهي. اهڙين دشوار حالتن ۾ سنڌي ماڻهوءَ کي اگهور ننڊ مان جهنجهوڙي جاڳائڻ جو جوکم پريو ڪم تن ڏرين والهانہ انداز ۾ سرانجام ڏنو. هڪ سائين جي. ايم سيد، جنهن سنڌ جي ماڻهوءَ کي پنهنجي وجايل وجود جي احساس کان آشنا ۽ آگاهہ ڪيو ۽ جيڪا مِشن هو اڄ بہ پورو ڪري رهيو آهي.

سُتي سيج هياس، مُون کي آهہ اُٿاريو،
جنين جاڳاياس، آئون نہ جيئندي اُن ري.

(لطيف)

ٻيو سنڌي شاگرد، جنهن پنهنجا سک، آرام ڦٽائي سنڌ جي سياسي دنيا ۾ وڏي ولوڙ پيدا ڪري ڇڏي. ٽيون سنڌي اديب ۽ شاعر جنهن سنڌين جي تصور کي لفظن جو سهڻو روپ ڏيئي ذهنن جا تاڪ کولي ڇڏيا ۽ اندر ۾ مٽيءَ سان محبت جا پيچ پختا ڪري ڇڏيا.

شاگردن جي هلچل کان خائف ٿي حڪومت وڏيڪ سخت گيري ڪئي، شاگردن جون گرفتاريون عمل ۾ آيون. انهن ۾ يوسف ٽالپر، مسعود نوراني، ڄام ساقي، لالا قادر، اقبال ترين، مير ٿيٻو، هدايت حسين، نديم اختر، عنايت ڪاشميري، غلام محمد ساريو ۽ شوڪت سنڌي شامل هئا. ٿوري ئي وقت ۾ حڪومت خلاف ملڪ گير تحريڪ شروع ٿي ويئي. جنهن جي نتيجي۾ ڪراچي، راولپنڊي، ڍاڪا ۽ چٽا گانگ ۾ ڪيترائي شاگرد شهيد ٿيا. انهي عوامي تحريڪ دوران جنرل اعظم خان حيدرآباد جي دوري تي آيو. حيدرآباد ۾ اچڻ وقت ريلوي اسٽيشن تي هن جو استقبال ڪيو ويو. هن جي استقبال لاءِ ٽيهہ چاليهہ سنڌي شاگرد پڻ ”جيئي سنڌ“ ”مرسون مرسون. مرسون سنڌ نہ ڏيسون“ جا بينر کڻي پليٽ فارم تي پهچي ويا. هنن پليٽ فارم تي پهچڻ شرط ”جيئي سنڌ“ ”ون يونٽ ٽوڙيو“ جا زبردست نعرا هنيا. جنهن تي ٻين غير سنڌي ماڻهن اعتراض ڪيو پر هنن اعتراض جا ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هنن سان چار پنج غير سنڌي شاگرد پڻ هئا. پليٽ فارم تي بہ ٽي هزار ماڻهو موجود هئا. ٿوري دير کان پوءِ جنرل اعظم ترين ۾ آيو ۽ ڪيس جلوس جي شڪل ۾ گاڏي کاتي

ڏانهن نيو پيو ويو.سنڌ شاگرد سڄي جلوس ۾ نعرا هڻندا جلوس سان گڏ هلندا رهيا. ٿوري دير لاءِ سنڌي ۽ مهاجر شاگردن درميان نعرن جي ڏي وٺ بہ ٿي پر جلوس جڏهن جاگيردار هوٽل وٽ پهتو تہ سنڌي شاگردن تي غير سنڌين (مهاجر) طرفان حملو ڪيو ويو. پر سنڌي شاگرد ڏڪ کائيندا, مقابلو ڪندا نعرا هڻندا اڳتي وڌندا رهيا.

هيءَ اهو دور هو جڏهن ايوب خان جي خلاف تحريڪ زورن تي هئي. انهي دوران ايئر مارشل اصغر خان جيڪو ايوب خان خلاف پيش پيش هو حيدرآباد جي دوري تي آيو. جيئن تہ اصغر خان ڪار ذريعي ڪراچي کان حيدرآباد اچي رهيو هو انهي ڪري سندس آجيان راڻي باغ وٽ ڪئي ويئي تہ جيئن ڪيس جلوس جي شڪل ۾ شهر ڏانهن آندو وڃي. سندس آجيان لاءِ اٽڪل اٺ ڏهہ هزار ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سنڌي شاگرد ٻن سئون جي تعداد ۾ بينر کڻي اُتي پهچي ويا. هنن اتي بيج بہ وڏي انداز ۾ ورهايا. جڏهن اصغر خان پهتو تہ جلوس شهر ڏانهن رخ رکيو. جلوس جي اڳيان سنڌي شاگرد ”جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻندا جلوس سان گڏ هلندارهيا. واٽ تي ٿوري ڏي وٺ پڻ ٿي, پر جلوس اڳيان وڌندو رهيو. جلوس جڏهن گاڏي کاتي ۾ سلطان وٽ پهتو تہ جلوس ۾ شريڪ ملان جن جي هٿن ۾ بينر هئا ۽ جن تي ”پاڪستان ڪا مطلب ڪيا“ ”لااله الاالله“ لکيل هو تن مان ڏانڊا ڪڍي اسان تي ڪاهي پيا. اٽڪل اڌ ڪلاڪ اهو جهڳڙو هليو ۽ ٻنهي طرفن جا ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا پر غلام نبي پليجي ۽ ايوب کي ڪافي ڌڪ لڳا. انهي جلوس ۾ اقبال ميمڻ, غلام قادر پليجي, عبدالحليم پليجي, حمزي خان پليجي ۽ پناهہ جگر سنڌي کي بہ ڌڪ لڳا. انهي کان پوءِ اصغر سنڌ جي دوري تي جتي بہ ويو اتي سندس استقبال جيئي سنڌ جي نعرن سان ڪيو ويو. دادو ۾ صلاح الدين پنهور, مهتاب شاهہ, عبدالحئي قريشي, نوابشاهہ ۾ شاهہ محمد عزيز پنگوار, سڪندر پنگوار, اسماعيل وساڻ, احمد خان جمالي ۽ عزيز ميمڻ, ٺٽي ۾ اوپائي خشڪ ۽ عقيلي انهن جلسن جلوسن ۾ ڀرپور حصو ورتو. انهي کان جلد پوءِ سيني گرفتار ٿيل شاگردن کي ”رويو بورڊ“ جي اڳيان پيش ڪيو ويو. جنهن کين آزاد ڪري ڇڏيو. حيدرآباد پهچڻ تي شاگرد اڳواڻن جو عظيم الشان استقبال ڪيو ويو. حيدرآباد جي فضا”جيئي سنڌ“ جي نعرن سان ڀُرڻ لڳي.

هاڻي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن جون نيئن سر چونڊون ٿيون جنهن ۾ مسعود نوراني کي چيئرمين, لالا قادر ۽ اقبال ترين نائب صدر, غلام قادر پليجو جنرل سيڪريٽري, گوهر شاهہ جوائنٽ سيڪريٽري منتخب ٿيا. سيئي آزاد ٿيل شاگرد عوامي رابطي مهم لاءِ سنڌ جي دوري تي نڪري پيا. هو جتي بہ ويا اتي وڏي عزت ۽ مان پاتائون ۽ سندس عاليشان آجياڻا ٿيا. اهو دورو هلندڙ ئي هئو تہ بلڙي شاهہ ڪريم ۾ مقامي شاگردن جي جلوس تي پنجابي آبادگارن فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پورهيت ”بلو پنهور“ شهيد ٿيو. بلو پنهور جيئي سنڌ تحريڪ جو شهيد

اول آهي، پر افسوس هن ڳالهہ جو آهي تہ هن شهيد جي قبر نهايت زبون حالت ۾ پنهنجي بي زباني سان اسان سنڌين جي بي پرواهي، لاتعلقي ۽ بي حسيءَ تي ماتم ڪري رهي آهي. ٻڌڻ ۾ آيو هئو تہ جڏهن مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي بنگلي تي سنڌ متحده محاذ جو جلسو ٿيو هئو جنهن ۾ سنڌ جو ذات وڏو ماڻهو شريڪ ٿيو هو تہ ڪن ماڻهن شهيد بلو پنهور جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ وڏي پئماني تي چندو ميڙيو هئو افسوس جو لائق هيءَ ڳالهہ آهي تہ شهيد جي نالي ۾ چندو اُڳاڙي ڪري نہ اُها رقم اُن جي مسڪين پونيرن کي ڏني ويئي ۽ نہ ڪو يادگار قائم ڪيو ويو. يادگار تہ ٺهيو پر رڳو قبر تي سِرن سان ڪا چوڪنڊي بہ نہ ٺهرائي ويئي ۽ نہ ڪو ڪُتبو لڳايو ويو. جيڪڏهن قومي ڪارڪن پنهنجي شهيدن جو خون بہ نيلام ڪرڻ لڳن تہ پوءِ قوم جي قسمت جو حال ۽ حشر ڪهڙو ٿيندو سو سمجهہ کان ٻاهر نہ آهي. انهي چندي جي اُڳاڙي ۾ کپت جا ڦات تڏهن ڦاٽا جڏهن SSCO جي مسعود نورانيءَ جا رسول بخش پليجي سان اختلاف ٿيا ۽ هو انهن کان الڳ ٿي ويو. علحدگي کي اجا ٿورڙا ئي ڏينهن ٿيا هئا تہ پناهہ جگر جي نالي سان مسعود نورانيءَ خلاف بيشمار الزامن تي مشتمل هڪ پمفليٽ "ڏي جواب" جي نالي سان پڌرو ٿيو. انهيءَ پمفليٽ جي جواب ۾ خليل بچاڻي جي نالي سان "وٺ جواب ۽ ڏي جواب" جي عنوان سان جوابي پمفليٽ پڌرو ٿيو. انهن پمفليٽن ٻين ڪيترن رازن کان پردا هٽائڻ سان گڏ انهيءَ راز تان بہ پردو هٽائي ڇُڏيو انهيءَ جڏهن جي ڳالهہ کي پڌرو ڪري ڇڏيو. بهرحال اهي ماضيءَ جون ڪڙيون مٺيون ڳالهيون هيون. جيڪي ماضيءَ جي مزارن ۾ دفن ٿي ويون ۽ ڏرين جا زخم بہ پرجي ويا ۽ هاڻي تہ مسعود ۽ پليجو صاحب کير کنڊ ٿي ويا آهن ۽ مسعود پليجي صاحب جي "سنڌ سُجاڻ سڀا" جو حصو آهي. جڏهن "بلو پنهور" جي شهادت جي خبر ٽنڊو محمد خان، ماتلي، حيدرآباد، ميرپور بٺورو دڙو ۽ سجاول پهتي تہ سوين شاگرد ۽ نوجوان اچي بلڙي ۾ گڏ ٿيا.

ماڻهن جي وڏي ميڙ جنازي ۾ شرڪت ڪئي. ٻي ڏينهن بہ سڄو شهر بند رهيو ۽ شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ قاتلن جي گهر تي حملو ڪيو ۽ اهي ان کان اڳ فرار ٿي چڪا هئا. مقامي ماڻهن ۾ پنجابين خلاف ڪافي تاءُ هئو، رات وچ ۾ ڪي نامعلوم شهر ۾ موجود پنجابين جي دڪانن کي ٽوڙي مال ڪٽي ويا. آسپاس جي پنجابي آبادگارن ۾ ايترو هراس پکڙيو جو ڪيترا تہ زمينون ڇڏي پنجاب هليا ويا. وري تڏهن موٽيا جڏهن ملڪ ۾ يحيٰ خان واري مارشل لا لڳي. شهيد بلو پنهور جا قاتل جيل ۾ هئا، پر پوءِ ڪيس ملٽري ڪورٽ ۾ اماڻيو ويو. جتي انهن جي ضمانت بہ ٿي ۽ ڪيس مان رهائي بہ.

ايوب خان جي آمريت ۽ ون يونٽ خلاف تحريڪ جاري هئي تہ حيدرآباد ۾ خالد سنڌي جي اڳواڻي هيٺ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن اعلان ڪيو تہ علامتي بک هڙتال جو سلسلو شروع

ڪجي ٿو ۽ اهو تيستائين جاري رهندو جيستائين ون يونٽ کي نه ٽوڙيو ويو آهي. پهريائين خالد سنڌ 67 ڪلاڪن جي بک هڙتال تي ويٺو ۽ پوءِ سڄي سنڌ ۾ بک هڙتالن جو سلسلو شروع ٿي ويو. انهي دوران راولپنڊي ۾ ڊئڪ DAC جي ميٽنگ شروع ٿيڻ واري هئي جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تقريباً پاڪستان جا سڀ مکيه سياسي اڳواڻ لاهور ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. دادو ۽ حيدرآباد کان اٽڪل ٽيهارو کن شاگرد سهي سنيري لاهور روانا ٿيا ته اتي آيل سياسي اڳواڻن تي دٻاءُ وجهجي ته اهي DAC جي گڏجاڻي ۾ ون يونٽ ٽوڙائڻ جو مطالبو به ڪن. دادو مان لاهور ويل شاگردن ۾ صلاح الدين پنهور، احمد خان ملڪاڻي، غلام محمد ملڪاڻي، عبدالحئي قريشي ۽ اعجاز قريشي شامل هئا ۽ حيدرآباد مان مسعود نوراني، اشفاق ميمڻ، غلام قادر پليجو ۽ ٻيا ويا هئا. سنڌي شاگردن جو اهو بنهه همت ڀريو تاريخي قدم هئو جو انهن اولهه پاڪستان سرڪار جي گادي واري شهر ۾ وڃي سنڌ جي حقن جو آواز بلند ڪيو. اهو آواز ”هونئن ته پارليامينٽري پليٽ فارم تي 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ بعد ترت اولهه پاڪستان اسيمبلي ۾ سنڌ سچار ۽ وطن پرست سياستدانن سائين. جي. ايم سيد ۽ رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي جي ڪوشش سان اٿاريو ويو هو ۽ سياسي حڪمت عملي جي ذريعي اولهه پاڪستان اسيمبليءَ کان ون يونٽ ٽوڙائڻ جو ٺهراءُ به پاس ڪرائي ورتو هو. اها پارليامينٽري سياست جي وڏي ڪاميابي هئي، جڏهن يحيٰ خان 1969ع ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ته انهيءَ اعلان ۾ اسيمبلي جي اُنهيءَ قرارداد جو به حوالو ڏنو هئائين. سنڌي شاگردن سياسي اڳواڻن سان ڳالهائڻ سان گڏ لاهور ۾ ون يونٽ خلاف هزارين جي تعداد ۾ پمفليٽ ورهايا. جڏهن عوامي ليگ جو صدر محترم (مرحوم) شيخ مجيب الرحمان لاهور هوائي اڏي تي پهتو ته سنڌي شاگردن ”جيئي سنڌ“ ۽ ”مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون“ جي اُپ ڏارينڌڙ نعرن سان سندس استقبال ڪيو. هتي سرڪار جي دلالن ۽ جميعت جي غنڊن مٿن حملي جي ڪوشش ڪئي ۽ هنن مڙسي سان منهن ڏيندي انهيءَ عزم جو اظهار ڪيو ته اسان ون يونٽ ٽوڙائڻ کان سواءِ واپس سنڌ نه ويندا سين. انهيءَ ساري ماجرا کي لاهور جي اخبارن خوب رنگ ڏيئي ڇاپيو ته ”جيئي سنڌ وارا لاهور پهچي ويا آهن پر پنجاب جا سياستدان خاموش ڇو آهن؟“ انهيءَ پروپيگنڊا جو تاثر ڇڻ هيءُ هئو ته جيئي سنڌ جي ڪا فوج لاهور تي چڙهائي ڪري آئي آهي ۽ پنجاب وارن کي ان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اُٿي کڙو ٿيڻ گهرجي. پروپيگنڊا جي انهيءَ مهم ۾ اخبار ”امروز“ ۽ ”نواءِ وقت“ پيش پيش هيون.

انهيءَ دوران سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن (SSCO) طرفان 4 مارچ جو ڏينهن عظيم الشان نموني ملهائڻ جي سڏ ڏنو ويو. هونئن ته سڄي سنڌ ۾ هيءَ ڏينهن ملهايو ويو، پر انهيءَ سلسلي جو عظيم الشان جلسو ۽ جلوس حيدرآباد ۾ ٿيو جتي سموري سنڌ مان ٽرڪن، بسن، موٽرن، ريلواين

۾ لکھا سنڌي اچي پيڙا ٿيا. هن اجتماع ڪٺي ڪرڻ جي سلسلي ۾ محترم حفيظ قريشي، رسول بخش پليجي، يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، مسعود نوراني ۽ ٻين سنڌ جا دورا ڪري سنڌي عوام کي هن اجتماع ۾ گڏ ٿيڻ جي اپيل ڪئي. انهيءَ ڪم ۾ محترم حفيظ قريشي جنهن کي سائين جي. ايم. سيد سنڌ جو ابوالڪلام چوندو آهي، جي شعلہ نوا تقريرن وڏو ڪردار ادا ڪيو. وطن سان وچن پاڙڻ جو اهو عظيم مظاهرو سنڌ جي قومي جدوجهد جي تاريخ جو يادگار باب آهي، جڏهن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان اٽڪل ٻہ لک پتڪي وَرَ حيدرآباد شهر پهتا تہ ساري حيدرآباد جي رونق ئي ڪجھہ ٻي ٿي ويئي. حيدرآباد ۾ رهندڙ سنڌي ايئن محسوس ڪرڻ لڳا تہ اُهي غلام شاهہ ڪلهوڙي جي هن شهر ۾ اڪيلا نہ آهن. جڏهن بہ هنن تي ڪا آفت آئي تہ سڄي سنڌ انهن لاءِ اُٿلي پوندي. انهيءَ جلسي شهري سنڌي کي ٻهراڙي جي سنڌي سان سلهاڙي ڇڏيو. اها اسانجي قومي زندگي جي ڪيڏي نہ وڏي ٽريجڊي آهي، جو اسان جي وطن جي شهرن ۾ اسان سنڌي ويچارا ۽ غير محفوظ ٿي ويا آهيون.

4 مارچ جو هيءَ تاريخي جلوس سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس وٽان نڪتو. ڪي ماڻهو گهوڙا گاڏين، ڪي ٽرڪن، ڪي پيدل جٿن جي صورت ۾ نعرا هڻندا ظلم ۽ جبر جا ڪوٽ ڪنبائيندا شهر جي مکيہ رستن تان چڪر ڪاٽيندا پڪي قلعي ۾ جنرل هوش محمد شهيد جي قبر تي سلامتي ڏيندا، وري ساڳئي ضابطي سان جلوس جي شڪل ۾ واپس اولڊ ڪئمپس پهتا. سنڌڙي جي اولاد جو جوش ۽ جنون ڏسڻ وٽان هئو. هرَ من ۾ مهراڻ جي موج ۽ سنڌ ساگر جي هيبت هئي. هي ڏسڻ ۾ ڏٻرا اباڻڙا مارو ماڻهو آهني عزم جا ڌڻي آهن. فقط هنن جي عزم ۽ حوصلي کي صحيح رخ ڏيڻ جي ضرورت آهي.

جلوس جي پڄاڻي تي جلسو ٿيو جنهن کي شعلہ بيان مقرر محترم حفيظ قريشي، رسول بخش پليجي، يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، مسعود نوراني، اقبال ترين ۽ ٻين مقرر خطاب ڪيو. سڀني جي گفتگو جو رنگ ۽ ڍنگ هڪ هئو. اُمنگ هڪ هئي، جذبو هڪ هئو ۽ مقصد کي ماڻڻ لاءِ اُتساهہ ساڳيو هئو سڀ ساهہ ڏيئي ويساهہ رکڻ جو عزم ورجائي رهيا هئا. سنڌ جي سينڌ کي سنوارڻ جا وچن ڪري رهيا هئا. سموري سنڌ کان آيل انبوهہ ماڻهن جا نوان امنگ ۽ جذبا کڻي واهڻن ۽ وستين ڏانهن وريا ۽ ڳوناڻن کي واڌايون ڏيڻ لڳا تہ ٻيلي "مُڙس ٿجو.....سنڌڙي جي وارث جاڳيا آهن. ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿبو تہ سنڌ تان ڏولاون جا ڏينهن ٽري ويندا ۽ تپي تامڻي ٿي ويل ڌرتي ٺري ويندي.

حيدرآباد کان علاوه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ 4 مارچ کي شان ۽ مان سان ملهايو ويو. لاڙڪاڻي ۾ مصطفيٰ لاهوري، امان الله شيخ، قادري ۽ وارهہ ۾ ارباب کهاوڙ، جيڪب آباد ۾ هزار خان کوسي، غالب لطيف، سکر ۾ عبدالحق چوهاڻ، ممتاز مهر، نبي بخش کوسي، رفيق صفي منشي، شڪارپور ۾ سرور مغل، طارق آغا، نذير سومري، خيرپور ۾ نبي بخش سهتي، علي محمد ڏوگر، ارشاد پارس، جاتي

۾ عبدالستار لوهار، چوهڙ ۾ محمد خان سومري، سجاول ۾ حسن تنوير، مظفر شاهه، ٻنوري ۾ غلام حسن رنگريز، عبدالفتاح عبد، قاسم پٽر، دڙي ۾ سيد عالم شاهه، وزير ميمڻ، ٻني ۾ عبدالڪريم پليجي، هارون سومري، عزيز طهراڻي، جنگشاهي ۾ عبدالعليم پليجي، حمزي خان پليجي، ٺٽي ۾ اوپائي خشڪ، عقيلي، جهرڪ ۾ غلام حسين ٻبر، نواب شاهه ۾ احمد خان جمالي، شاهه محمد شاهه، عزيز ميمڻ، نثار انصاري، سڪرنڊ ۾ سرفراز ميمڻ، مورو ۾ سڪندر زمان، هارون سومري، محراب پور ۾ قمر، دادو ۾ صلاح الدين پنهور، اعجاز قريشي، مهتاب شاهه، شوڪت سنڌي، سيوهڻ ۾ خان محمد پنهور، سن ۾ اقبال ميمڻ، ڪراچي ۾ نذير چنا، پريم جگيشيا، اقبال جتوئي، فيض بلوچ، زمان شاهه، منظور آباد ۾ دلبر حسين شاهه، ڀان ۾ مولا بخش لغاري، ابراهيم خشڪ، هالا ۾ محمد عاقل، ٽنڊوالهيار ۾ خليل ٻچاڻي، اسرار ٻچاڻي، ٽنڊو ڄام ۾ سچو ئي سون آهي، ٽنڊي محمد خان ۾ لياقت سولنگي، محسن شاهه، صادق ميمڻ، ماتلي ۾ اسماعيل اڍيجو، آصف، ترائي ۾ مٺو راهو، بدين ۾ محمد خان آريجي، باگراڻي ۾ عمر شوري، ڪنڊڙ ۾ زمان شاهه، ڪور واهه ۾ محمد خان، سانگهڙ ۾ انور نظاماڻي، ڪڏڙو ۽ شاهه پور چاڪر ۾ اسماعيل وساڻ، علي نواز ٽالپر، احمد خان شر، ٽنڊي آدم ۾ غلام قادر خاصخيلي، شهدادپور ۾ رحيم بخش ميمڻ، ميرپورخاص ۾ يوسف لغاري، مشتاق رضا، عزيز مهراڻوي، ڇاڇري ۾ گهنشام مهتا، 4 مارچ کي ڪامياب ٻڌائڻ ۾ حصو ورتو. انهن کان علاوه اُهي اڻ ڳڻيا محب وطن شاگرد، هاري استاد ۽ پورهيت بہ اِنهي ڪم جي سرانجامي ۾ پنهنجو حصو ادا ڪري ويا، جن جي نالن جي سڃاڻ مونکي نہ پئجي سگهي.

❷

# 4 مارچ- پٺوءِ بعد جي حالات

4 مارچ واري جلوس ۽ جلسي کان پوءِ 5 مارچ تي سنڌ يونيورسٽي شاگرد يونين طرفان مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي دعوت ڏني ويئي. جيڪو ايوب وزارت کان الڳ ٿيڻ بعد ايوب خلاف عوامي هلچل هلائي رهيو هو ۽ پنجاب کيس وڏي اهميت ڏيئي رهيو هئو. سنڌ جو ماڻهو جيڪو صدين کان پيڙهيل پنهنجي راڳ ياڳ کان محروم هئو سو ڀٽي ڏانهن اميد ڀريل نگاهن سان نهاري رهيو هئو. اِها دعوت سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي ميدان تي ٿي. هن جلسي ۾ شاگردن ۽ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي. جيڪي اڄ به حيات آهن ۽ پرئي مجمعي ۾ ڀٽي صاحب جي ڳالهايل گفتن جي گواهي ڏيئي سگهن ٿا. هتي هيءَ ڳالهه لکڻ به ضروري ٿو سمجهان ته انهن ڏينهن پاڪستان ۾ صوبن جي حقن جي بحاليءَ لاءِ ون يونٽ ٽوڙ تحرڪ هلي رهي هئي. جنهن ڪري سنڌ ۾ قومي جدوجهد مضبوط ٿي رهي هئي. سنڌ دشمن قوتون ايتريون ته سراپيل هيون جو جماعت اسلامي جي امير مولانا مودودي فتويٰ صادر ڪئي ته ”جيئي سنڌ معنيٰ مري پاڪستان“.

مودودي جي انهيءَ بيان جماعت اسلامي جي مذموم ۽ سنڌ دشمن ارادن ۽ پروگرامن جو پردو چاڪ ڪري ڇڏيو ۽ هيءَ جماعت وائکي ٿي پئي. اڳتي هلي انهيءَ جماعت جي ڪڌي ڪردار بنگال ۾ 30 لک مظلوم بنگالين جو قتل عام ڪرايو. پر جماعت اسلامي جي الشمس ۽ البدر تنظيمن جِن پاڪستاني فوج سان گڏ معصوم ۽ مظلوم بنگالين جو بندوقن سان شڪار ڪيڏيو ڪافي رسوا ۽ بدنام ٿي.

مون کي ڪِن دوستن کان معلوم ٿيو ته شاگرد يونين جي عهديدارن يعني يوسف ٽالپر وارن ڀٽي صاحب کي دعوت ڏيڻ وقت اهو به چيو هئو ته هو ون يونٽ بابت ڳالهائي ۽ هن خاطري به ڏني هئي، پر جلسي ۾ تقرير دوران هو رٿيل پٽيل ڳالهين يعني تاشقند، ايوبي آمريت وغيره بابت ڳالهائيندو رهيو پر ون يونٽ تي نه ڳالهائين. نيٺ هڪ شاگرد (شايد ڄام ساقي) رڙ ڪري چيو ته ”ون يونٽ ٽوڙڻ بابت ڳالهايو“. جنهن تي ڀٽي صاحب چيو ته هو پنجاب خلاف ڪنهن به سازش ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار نه آهي. اهي لفظ حاضرين تي وڄ بڻجي ڪڙيا ۽ شاگردن ۾ ڪافي تاءُ پيدا ٿيو پر مهمانداري جا آداب لحاظ ۾ رکندي خاموش رهيا ۽ پوءِ شاگرد يونين جي عهديدارن سان ڪافي جٽ ٿي، پر هنن چيو ته اسان سان ڏوڪو ٿيو آهي. اِها بي ڳالهه آهي ته ڀٽي صاحب ون يونٽ ٽوڙڻ جو مطالبو تڏهن ڪيو جڏهن کانئس اڳ جماعت اسلامي به اهڙو مطالبو ڪري چڪي هئي ۽ پنجابي فوجي نوڪر شاهي به اهڙو فيصلو ڪري چڪي هئي.

سنڌ ۾ سياسي حالتون تڪڙي تبديلي اختيار ڪري رهيون هيون. پٺتي جي سياسي قوت ۾ اضافو ٿي رهيو هئو سنڌ متحده محاذ کي گرهڻ لڳي رهي هئي ۽ شاگرد تنظيمن ۾ ٽوٽ ڦوٽ ٿي رهي هئي. انهي ٽوٽ ڦوٽ جي عمل SSCO يعني سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن انتشار جو شڪار ٿي ويئي. SSCO کان الڳ ٿيل همراهن يوسف ٽالپر جي سڏ تي ”جيئي سنڌ نوجوان محاذ“ ناهيو جنهن جي ابتدائي گڏجاڻي هوٽل فارول حيدرآباد جي لان تي ٿي. هن محاذ جو ڪنوينر يوسف ٽالپر کي چونڊيو ويو ۽ ڪنوينڱ باڊي تي هيٺيان ميمبر کنيا ويا.

يوسف لغاري، اقبال ترين، ربڏنو ساريجو، عبدالفتاح عبد، هزار خان کوسو، شوڪت سنڌي، عبدالڪريم انصاري، غلام محمد ساريو، اشفاق ميمڻ، روشن پنهور، جاويد جيلاني، سهتو ۽ ايوب ڏامراهه. جيئي سنڌ نوجوان محاذ ناهڻ جو مطلب هئو شاگردن ۽ ٻين نوجوانن کي گڏ ڪري هڪ پليٽ فارم تي آڻجي ته جيئن هڪ منظم وقت جي حيثيت سان سنڌ جي قومي جدوجهد کي اڳتي وڌائي سگهجي.

ڪو زمانو اهڙو هو جو سنڌي شاگردن جي ڪا ٻه جماعت ڪانه هوندي هئي، پر هاڻي اهڙيون ٽي جماعتون سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن، ايس ايس ڪو ۽ جيئي سنڌ نوجوان محاذ. اهي ٽيئي تنظيمون اڳتي هلي ٽٽي ڦٽي ختم ٿي ويون. ۽ انهن ٽٽل ڀيڙن جي خلاصي هٿوراڙيون هڻندا وچي ٻين ڀيڙن ڀيڙا ٿيا. غرض ته انهن تنظيمن مان ڪا ٻه اُسري نسري سگهاري ۽ پائيدار تنظيم نه بڻجي سگهي.

❖

# ڊاڪٽر افغان ڪيس ۽ ردعمل

بيورو ڪريسي ۾ ورلي ڪي اهڙا موتين جهڙا ماڻهو ٿيندا آهن جيڪي ڳچيءَ جو هار بڻائي سگهجن. نوڪر شاهي جي سوچ جو رڱو اهو رجحان هوندو آهي تہ سرڪار سان هر حال ۾ حامي رهڻو آهي ۽ پگهار جو حق ادا ڪرڻو آهي. جڻ اهو سمجهيو ويندو آهي تہ سرڪار پنهنجن ملازمن کي جيڪو پگهار ڏي ٿي تنهن ۾ عوام جي پگهر پورهئي جو ڪوبہ حصو نہ هوندو آهي! انهيءَ ڪري نوڪرشاهي جون وفاداريون عوام، ملڪ ۽ قوم سان نہ پر حاڪمن سان مشروط هونديون آهن. پلي اُهي حاڪم چند، سالن کان پوءِ ناڪاره ۽ نڪما قرار ڏيئي ڌڪاري ڪڍيا وڃن. ڊاڪٽر افغان اُهو ماڻهو آهي جنهن انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپال هئڻ باوجود ڪڏهن بہ اها پرواهہ نہ ڪئي تہ سرڪار يا حاڪمن جي نرڙ تي آيل گهنج ڪانئس ڪهڙي طلب ڪن ٿا. هن پاڻ کي حڪمرانن بجاءِ پنهنجي عوام سان وفادار رکيو. اهڙي ريت ڊاڪٽر افغان انهن ٿورڙن ماڻهن مان ليکجڻ لڳو جن سنڌ جي خدمت کي ترجيح ڏني ۽ ذاتي تڪليفن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. سرڪار لاءِ اهڙو ماڻهو مٿي جو سور بہ هئو تہ سندن مخصوص مفادن لاءِ هاڃيڪارن بہ. انهيءَ ڪري ان کي بدعنواني جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو تہ جيئن مٿس دباءُ وجهي ڪيس سودي بازي ڪرڻ تي آماده ڪجي يا نوڪريءَ کان الڳ ڪري اهڙي سيڪٽ ڏجي جو ٻيو ڪو بہ سنڌي ڪامورو/ڪارندو انهي واٽ وٺڻ جي ويچار ئي نہ ڪري. ڊاڪٽر افغان کي انهيءَ جڙتو ڪيس ۾ ٻين ساٿين سميت گرفتار ڪري مارشل لا ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو.

انهيءَ قدم تي سڄي سنڌ جي شاگرد برادري ۾ ڪاوڙ ۽ ڌڪار جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ شاگردن جي مڙني جماعتن ترت ئي حڪومت کان ڊاڪٽر صاحب جي آزادي جي گهر ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب جي همدرد شخصيت انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو جي شاگردن تي پدرانہ ڇپر ۽ ڇانوَ جي حيثيت رکندي هئي ۽ شاگرد کيس پنهنجي شفيق پيءُ مٽ سمجهندا هئا. ڊاڪٽر صاحب هڪ امتيازي حيثيت رکندڙ عالم آهي ۽ پاڻ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ 1965 جي پڇاڙيءَ ۾ آيو. پاڻ هڪ سال لاءِ وائيس پرنسپال ۽ پروفيسر ٿي رهيو ۽ 1966 جي آخر ڌاري کيس پرنسپال بڻايو ويو. هن جي رات ڏينهن جي والهانہ پورهئي ۽ خدمت سبب ڪاليج پنهنجي چڱي اوج تي رسيو ۽ دنيا جي نالي‌رن ڪاليجن مان هڪ ليکجڻ لڳو. ڊاڪٽر صاحب کي ڪاليج جي سڌاري ۽ ترقي جو ڏينهن رات اونو هوندو هو. کيس ناچاڪي جي حالت ۾ بہ ڪاليج جو ڪم ڪندي ڏٺو ويو. جڻ هن پنهنجي صحت کان ڪاليج کي وڌيڪ اهميت ٿي ڏني.

ڊاڪٽر صاحب شاگردن مان جيڪي غريب ۽ بي سفارشي هوندا هئا انهن جي ذاتي طرح

پرگھور لهندئو ۽ هڙان وڙان سندن مدد ڪندو هئو. انهي ساري پورهئي ۾ لگن پويان هيءُ جذبو ڪارفرما هئو تہ سنڌي ماڻهو سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ گهٽ پوئتي آهن ۽ انهن کي اڳيان وڌائڻ جي شديد ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ دور سائنس ۽ هنر جو دور آهي. هن دور ۾ اُها قوم ترقي ڪري سگهندي جيڪا سائنسي کيتر ۾ پاڻ موکيندي.

اِها ڳالهہ سنڌي ماڻهن عموماً ۽ سنڌي شاگردن لاءِ خصوصاً افسوسناڪ هئي، جو ڊاڪٽر صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي محنتن ۽ خدمتن کي وساري اُن کي جڙتو ڪيس ۾ ڦاسايو ويو. سنڌي شاگردن ڊاڪٽر صاحب جي آزاديءَ لاءِ گهٽيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون. انهيءَ هلچل هلندي هيءَ نعرو عام ٿي ويو "سنڌ جي جان، ڊاڪٽر افغان." انجنيئرنگ ڪاليج جي سيني پروفيسرن، ريڊرن ۽ ليڪچررن ڊاڪٽر صاحب جي گرفتاري خلاف احتجاجن نوڪرين تان استعيفائون ڏيئي ڇڏيون.

شاگردن جلوس ڪڍيا، نعرا هنيا، پمفليٽ ورهايا، ڇاڪنگ ڪئي ۽ اخباري بيان جاري ڪيا پر سرڪار جي ٻوڙڻ ڪنن تي جڻ تہ پڙلاءُ ئي ڪو نہ پيو. شاگردن جا ڪيترا وفد اختياري وارن سان ملڻ لاءِ ويا، پر فرعون صفت اختياريءَ وارن ڪين ڪيڪاريو بہ ڪين.

شاگردن جو هڪ وفد گورنر سان ملڻ لاءِ ڪراچي ويو پر گورنر ساڻن ملاقات ئي نہ ڪئي. نيٺ شاگردن ٻيو چارو نہ ڏسي ايڪشن ڪميٽي ناهي ۽ سموري سنڌ ۾ بک هڙتالن لاءِ اپيل ڪئي. سڄي سنڌ ۾ ڏسندي ڏسندي بک هڙتالن جو سلسلو ڦهلجي ويو ۽ وڏي پئماني تي گرفتاريون بہ ٿيون. اڳوڻن بک هڙتالن وقت بک هڙتالين کي فوري گرفتار ڪيو ويو هو پر هينئر ٽين ڏينهن گرفتار ڪيو پي ويو. اڳي شاگرد بک هڙتال دوران ڦلن جو رس پيئندا هئا، پر هن ڀيري پوليس جو پهرو بيهاريو ويو ۽ بک هڙتالين کي رس بہ پيئڻ کان روڪيو ويو. جنهن ڪري بک هڙتالين جي حالت بگڙندي ويئي ۽ کين اسپتال داخل ڪيو ويو.

بک هڙتالي شاگردن مان ٻن يعني اسماعيل شاهہ ۽ سڪندر شاهہ جي حالت تہ بنهہ خراب ٿي ويئي هئي. انهي تحريڪ هلندي فقط بک هڙتالين کي گرفتار نہ ڪيو ويو پر ٻين بہ ڪيترن ئي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي گرفتار ڪري جيل ماڪيو ويو. انهن مان ڪجهہ شاگردن جا نالا هي آهن، مس اختر بلوچ، نسيم سنڌي، لالا قادر، مسعود پيرزادو، عثمان پليجو رفيق صفي، علي اڪبر بروهي، روشن پنهور، نثار پانڌياڻي، اسماعيل اڍيجو ارباب سنڌي، يونس سومرو، عبدالڪريم انصاري، ضياءَ الدين دائود پوٽو انور الدين، غلام حسين، عبدالحفيظ، ولي احمد، غلام محي الدين، الهہ وسايو محمد عيسيٰ، محمد رفيق لغاري، محمد اعظم، عبدالفتاح چنڊ، ظهير الدين، راڻو خان پتو سليم سنجراڻي،

نثار قريشي، حضور بخش ميمڻ، قربان علي شاهه.

ياد رهي تہ هن ڀيري شاگردن کي فقط جيل ڀوڳڻ جي سزائن ڏيڻ تي بس نہ ڪئي ويئي، پر انهن تي تمام ڳرا ڏنڊ بہ وڌا ويا. جي شاگردن کي جيل ۽ ڏنڊ جون سزائون ڏنيون ويون اُهي هئا:

لالا قادر: هڪ سال ٽيپ ۽ پنج هزار رپيا ڏنڊ.

شاهنواز: هڪ سال ٽيپ ٽي هزار ڏنڊ.

اسرار احمد: هڪ سال ٽيپ ٽي هزار ڏنڊ.

عبدالنبي: هڪ سال ٽيپ چار هزار ڏنڊ.

عبدالخالق: هڪ سال ٽيپ چار هزار ڏنڊ.

محمد يوسف: هڪ سال ٽيپ بہ هزار ڏنڊ.

علي نواز شاهه: هڪ سال ٽيپ بہ هزار ڏنڊ

جاويد احمد: هڪ سال ٽيپ ٽي هزار ڏنڊ.

شبير احمد: هڪ سال ٽيپ بہ هزار ڏنڊ.

امير الدين: هڪ سال ٽيپ ٽي هزار ڏنڊ.

مظهر علي جويو: هڪ سال ٽيپ بہ هزار ڏنڊ.

راجا غلام حسين: هڪ سلا قيد هڪ هزار ڏنڊ.

عبدالرحمان: هڪ سال قيد بہ هزار ڏنڊ.

سڪندر علي: هڪ سال قيد بہ هزار ڏنڊ.

فقير علي محمد: هڪ سال قيد ٽي هزار ڏنڊ.

شيام لال: هڪ سال قيد پنج هزار ڏنڊ.

هن ڀيري سنڌي شاگردن سان گڏ ڪجهه مهاجر شاگرد بہ بک هڙتال تي ويٺا.

ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪاليج هميشہ جيان هن دفعي بہ بک هڙتالي واري معاملي ۾ سيني کان اڳڀرو هو. بُک هڙتالن سان گڏ حيدر چوڪ وٽ پُرامن مظاهرا بہ ڪيا ويا. انهن مظاهرن جي ڏوهہ ۾ ستن شاگردن، هڪ هاري ۽ هڪ مزدور اڳواڻ کي گرفتار ڪيو ويو. اِنهن جا نالا ۽ کين مليل سزائن جو ليکو هيٺ ڏجي ٿو.

مير ٽيپو: هڪ سال قيد ست هزار ڏنڊ

اميد سومرو: هڪ سال قيد چار هزار ڏنڊ

احمد خان جمالي: هڪ سال قيد ڇهہ زهار ڏنڊ.

ممتاز: هڪ سال قيد ۽ هزار ڏنڊ

علي احمد مزدور اڳواڻ: هڪ سال قيد 10 ڪوڙا

پرويز احمد ميمڻ: هڪ سال قيد ٽي هزار ڏنڊ

الجهڙيو هاري اڳواڻ: هڪ سال قيد 10 ڪوڙا

رحمت علي: هڪ سال قيد ٽي هزار ڏنڊ

عبدالحڪيم: هڪ سال قيد هڪ هزار ڏنڊ

گذريل سال وانگر هن سال به سنڌ يونيورسٽي ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد يونيورسٽي، ڪاليج ۾ پرائيويٽ بسن ذريعي پلاري، پٽ ڏٽي جي ميلي تي پهتا.

شاگردن ميلي تي آيل سنڌي ماڻهن تائين پنهنجو پيغام پهچائڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪرن تي جڳهه جڳهه تقريرون ڪيون. اِنهي ڪانسواءِ پمفليٽ، بيج ۽ ڪتابڙا تقسيم ڪيا. اِهو سلسلو ميلي وارن ڏينهن ۾ روزانه جاري رهيو. ميلي جي پڇاڙڪي ڏينهن تي پوليس شاگردن کي پمفليٽ ورهائيندي گرفتار ڪيو. دوستن جي مشوري تي صورتحال جو اندازو لڳائيندي ڄام ساقي پوليس کان کسڪي ويو ۽ باقي مهر حسين شاهه، رفيق صفي، شبير نوراني، مسعود پيرزادو، شفيق صديقي، مير ٿيبو ۽ آءُ (عبدالحئي پليجو) گرفتار ڪيا وياسين. اسان کي پهريائين پٽ شاهه ٿاڻي تي پاڇا ڳاڇا لاءِ رکيائون، جتي DSP راڄا اسان کان پڇا ڳاڇا ڪئي. اُتان کان اسان کي SHO محمد صديق شورو هالا پوليس اسٽيشن وٺي ويو جتي اسان کي لاڪپ ڪيو ويو. (SHO محمد صديق شورو پيٽي صاحب جي دور حڪومت ۾ تيرهن سئو بدعنوان عملدارن سان گڏ نوڪري مان ڪڍيو ويو. وري ڪجهه سالن بعد پيٽي صاحب جي پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تي ڪوٽڙي واري تڪ مان صوبائي اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو.)

رات جو اسان وٽ مخدوم اعجاز آيو جنهن چيو ته توهان کي جيڪا به شئي کپي ٻڌايو ته اسان اوهان کي آڻي ڏيون. اسان سندس مهرباني مڃيندي فقط هي عرض ڪيو ته هنن ٽيليفون نمبرن تي اسانجي والدين ۽ واسطيدارن کي اطلاع پهچائي ڇڏجو. اهو ڪم مخدوم اعجاز وچڻ شرط ڪيو. ڇاڪاڻ ته ڪيترن جا والدين صبح سوير پهچي ويا. هن اسان لاءِ رات جي ماني به موڪلي. لاڪپ ۾ اسان سان گڏ ٻه پيا به ماڻهو هئا، جن کي چوريءَ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. ٻي ڏينهن صبح جو مختيارڪار هالا کان اسان جي چوڏهن ڏينهن جي جسماني رمانڊ ورتو ويو. اڌ رات جو جڏهن سارو لوڪ سپنن جي سنسار ۾ ڪويل محو خواب هئو ته اسان کي هڪ بند ٽرڪ ۾ هالا کان ڪڍي حيدرآباد سٽي ٿاڻي جي هڪ سوڙهي ڪمري ۾ بند ڪيو ويو. اسان کي آڻڻ لاءِ پوليس جو وڏو اتالو موڪليو ويو هو. جنهن مان سرڪار جي سراپ جو پتو پيو ٿي. اسانجي منتقلي واري ڳالهه کي ڳجهه ڳوهه ۾

رکيو ويو هو جنهن ڪري اسانجي رشتيدار ۽ ساٿي شاگرد ملاقات لاءِ بہ ٽي ڏينهن هالا جا چڪر ڪاٽيندا رهيا، بہ ٽي ڏينهن بعد ڪين خبر پئي تہ اسان سڀني لاڪپ حيدرآباد ۾ مهمان آهيون.

اسان جي گرفتاريءَ خلاف سنڌ يونيورسٽي، انجنيئرنگ ڪاليج ۽ زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. اسان وٽ لاڪپ تي عزيزن قريبن، دوستن، شاگرد ساٿين ۽ ورڪرن جون قطارون لڳيون پيون هونديون هيون، جنهن ڪري انتظاميا لاءِ اسين اتي بہ مٿي جو سور بڻجي پياسين ۽ هنن جند ڇڏائڻ لاءِ اسان کي سينٽرل جيل موڪليو. جتي ڪجھ ڏينهن بعد ڄام ساقي بہ گرفتار ٿي اچي ملاقات ٿيو.

جيل اندر اسان جي روز جي ريت هوندي هئي تہ صبح سوير اُٿي وهنجي، سنجهي تيار ٿي ويهندا هئاسين تہ رضو پنيرو ۽ سندس ساٿي اسان لاءِ چانهہ تيار ڪري کڻي ايندا هئا. چانهہ گهاٽو ڪري کير بنا يعني سليماني هوندي هئي، پر ڏاڍي مزيدار هوندي هئي. مونکي تہ حياتيءَ ۾ وري اهڙي مزيدار چانهہ نصيب نہ ٿي.

مون مولانا ابوالڪلام آزاد جي ڪتاب ”غبار خاطر“ ۾ چانهہ جي تعريف بابت پڙهي هڪ ڀيرو سوچيو هو تہ ڇا چانهہ بہ ڪا اهڙي شئي آهي جنهن جي مولانا صاحب جهڙو ماڻهو ايتري تعريف ٿو ڪري، پر هيءَ چانهہ پي انجي چس تي آءُ بہ چريو ٿي پيس، اسان وٽ ڳوٺن ۾ اڳي چانهہ کي دوا طور استعمال ڪيو ويندو هو يعني ڪنهن کي جيڪڏهن ٿڌ ۽ تپ ٿي پيو تہ سليماني چانهہ ۾ ليمي جو رس وجهي پياربو هو تہ طبيعت بحال ٿي ويندي هئي. هڪ دفعو پوءِ مون هڪ ميڊيڪل جرنل ۾ چانهہ تي هڪ مضمون پڙهيو هو تنهن ۾ بہ لکيل هو تہ Tea is rather medicine (چانهہ تہ هڪ دوا آهي.) سنڌ اندر اپر سنڌ جي ڀيٽ ۾ لوئر سنڌ (لاڙ) ۾ چانهہ جو استعمال زياده آهي. شايد گهميل آبهوا جي ڪري پيدا ٿيندڙ جسماني ٿڪاوٽ ۽ سستي کي دور ڪري ٿي. انهيءَ کان پوءِ حجام ايندو هو ۽ اسان سڀني جو شيو (Shave) ڪندو هو.

هوئنئن گهر ۾ تہ پهريائين شيو پوءِ غسل ۽ پوءِ ماني کائبي هئي، پر هتي جيل ۾ تہ سڀ سلسلا اُلٽا ۽ اُبتڙ ٿي ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ هيءَ دنيا ئي ٻي هئي. پاڻ جهڙن ٻن ڪنن، ٻن اکين، ٻن هٿن ۽ پيرن وارن ماڻهن اڳيان بي وس ۽ لاچار هئاسين. شايد اهو ڪيتو انهي جو لوڙي رهيا آهيون جو جڏهن اسان (انسانن/عوام) ”روسو جي معاهدي عمراني تحت پنهنجي Will ٻيٽ اڳيان يا ٻين جي ناهيل نام نهاد قانون ۽ ضابطن اڳيان ڦٽي يا Surrender ڪئي هئي. اسان عوام، قانون، حڪمران ۽ آئين جي تقدس ۽ زوراوري اڳيان ذهني طرح ايترا هيٺا ۽ هيسيل ٿي ويا آهيون، جو اُٿندي ويهندي پيا ڊڄون، پر جيڪي ڏاڍا آهن تن لاءِ قانون ڪوريئڙي جي ڄار آهي. ڏاڍ سان ٽڪرائجڻ لاءِ ڏاڍو ٽيڙو پوندو. ڇاڪاڻ تہ لوهہ ئي لوهہ کي ڪٽيندو آهي. ڪامريڊ مائوزي تنگ لکيو هو تہ:

”توهان جيڪڏهن بندوقن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرو ٿا ته بندوقون کڻو.“

ملاقاتن جو سلسلو به تقريباً روزانو هوندو هو. ٻنپهرن جي ماني سيني لاءِ شفيق صديقيءَ جي گهران ايندي هئي. ماني ست رڇي ۽ بنهه لذيذ هوندي هئي. ماني کائڻ کان پوءِ ڪجهه وقت مطالعي ۾ مصروف رهندا هئاسين ۽ پوءِ ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي بحث مباحثو ڪندا هئاسين. رفيق صفي جيڪو ان وقت جو تمام سنو مقرر هو ۽ آل پاڪستان يونيورسٽي تقريري مقابلي ۾، جيڪو ڍاڪا ۾ ٿيو هو، پهريون نمبر انعام کٽي آيو هو سو ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو تيز هوندو هو (رفيق صفي تازو ڏهه سال ٽيپ ڪاٽي آزاد ٿيو ۽ پيپلزپارٽي وابسته آهي. ايمنسٽي انٽرنيشنل کيس ضمير جو قيدي قرار ڏنو هو. پاڻ هن وقت انساني حقن جي حفاظت لاءِ به سرگرم آهي.) شاگرد اڳواڻ مهر حسين شاهه به تقرير جو پلوڙ هوندو هو ۽ مطالعو به هئس. ڄام ساقيءَ جو به مطالعو سنو هو پر تقرير ۾ ايتري رواني نه هئس. سياستدانن وانگي توري تڪي ڳالهائيندو هو ۽ سندس گفتگو ۾ استدلال هوندو هو. ڪامريڊ سوڀي جي گفتگو جي انداز کان متاثر هو. ڄام جهڙو هو سياسي بحث ۾ پڙ، تهڙو ئي پهرين نمبر جو چرچائي. کِلائي کِلائي پيٽ ۾ ڳنڍيون وجهي ڇڏيندو هو. اڪثر سياسي لطيفا ڄام ٻڌائيندو هو. اسان جيل ۾ اڳ آيا هئاسين ۽ ڄام پوءِ سانگهڙ مان گرفتار ٿي آيو. اسان وينا هئاسين ته پريان ئي ٺهڪ ڏيندو آيو ملياسين، خبرون چارون کيون سين ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي گرفتاريءَ جو سربستو احوال ٻڌايائين ته انور نظاماڻي کان موڪلائي ٽانگي مان سانگهڙ جي بس اسٽاپ تي اجان پير مس رکيم ته پويان هڪڙي همراهه جيڪو سي آءِ ڊي جو سپاهي هو، تنهن پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ته: ”جام صاحب! آپ سے مل کر، بہت خوشی ہوئی!“ ڏٺم ته پريان پوليس جو وڏو اٽالو بيٺو هو. يڪدم جواب ڏنو مانس، ”جناب، مجھے تو آپ سي مل کر بلکل خوشي نہیں ہوئی.“ بهرحال اهو احوال ڪافي دير تائين جاري رهيو.

شاگرد دؤر ۾ منهنجو ڄام سان ڪافي وقت تائين واسطو رهيو. آخري وقت ۾ ذهني طور تي قومي لاڙي وڏڻ ڪري جيئن ئي سنڌ سان تعلق قائم ٿيو. منهنجي پهرين ملاقات ڄام ساقي سان مسلم هاسٽل جي ڊائننگ هال جي ٻاهران چبر تي ٿي. اُنهي وقت مون ۽ مراد جوڻيجي گڏجي يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٺاهي هئي. پاڻ اِها خبر اخبار ۾ پڙهي هئائين ۽ چيائين ته مون ٻين دوستن سان به ڳالهايو آهي. اچو ته گڏجي ڪم ڪريون. مون کيس چيو ته ٻين ساٿين سان صلاح بعد کيس جواب ڏيئي سگهندس.

ساڻس هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا منهنجي جڳهه تي يا سندس جڳهه تي ملاقات ٿيندي هئي، جتي مختلف ڪتابن تي بحث ۽ موجوده حالتن تي راءِ زني ٿيندي رهندي هئي. ڄام جي معرفت منهنجي مرحوم ڪامريڊ عنايت ڪشميري، هدايت حسين، مير ٿيبو مرحوم منير احمد ميمڻ (جيڪو ادبي

دنيا ۾ ماٽڪ جي نالي سان معروف ڪهاڻيڪار ٿيو ۽ جوڀن ۾ ئي لاڏاڻو ڪيائين) سان واسطا ٿيا جن سان بہ سياسي ۽ نظرياتي بحث مباحثا ٿيندا هئا. ڄام سان بعد ۾ قومي سوال ۽ مٿس مهاجر پنجابي ڪامريڊن جي ذهني ڇاپ جي ڪري اختلاف ٿي ويا، پر ان دور کان اڄ تائين اسان ياري جو رشتو نہ ڇنيو آهي. ملندو آهي تہ روايتي چمي ضرور وهائي ڪڍندو آهي ۽ ڏاڍي اڪير ڏيکاريندو آهي. پاڻ هينئر آزاد ٿيڻ کان اڳ جڏهن جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ زير علاج هو تہ ساڻس ملاقات ٿي. عجيب اتفاق هو تہ ساڳين ڏينهن ۾ ساڳئي اسپتال ۾ سائين جي- ايم-سيد، رسول بخش پليجو ۽ ڄام ساقي زير علاج هئا. ياد ٿو اچيم تہ جڏهن سائين جي-ايم-سيد سنڌ جي دوري تي نڪتو هو تہ ڪينجهر تي عبدالحڪيم شاهہ (مرحوم) سونڊن واري سائين جي دعوت ڪئي هئي ۽ آءُ ڄام سان گڏ آيو هئس. اسان ڪجهہ وقت سائين وٽ رهڻ بعد واپس هليا وياسين. پر بابا صاحب( ارباب نور محمد مرحوم) دوري ۾ سائين سان گڏ هو. منهنجي والد صاحب جا سائين جي ايم سيد سان تمام پراڻا نيازمندانہ ناتا هوندا هئا ۽ سائين جي ڪيترن ڪتابن جو ڇپائيندڙ بابا سائين هو. ذاتي نوعيت جا ڪم هجن يا سياسي معاملا، بابا هر وقت، هر حال ۾ سائين جي ساٿي رهيو. سائين بہ ڪيترائي ڀيرا پنهنجا پيارَ ڀلائي اسانجي تڏي تي آيو. سنڌ جي هن يڪتا بي لوث خادم ۽ محب وطن جي قرب ۽ آمد کي اسان هميشہ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهيو آهي.

اسان سياسي ميدان ۾ نوان ۽ جونيئر هئاسين. ڄام اسان ۾ نسبتاً پختو هو. مير ٿيبو قد جو ڇوٽو پر ذهين ۽ هوشيار هوندو هو ۽ نظرياتي ماڻهو هو. انهن جي پيٺ ۾ آئون، مسعود پيرزادو، شفيق صديقي ۽ شبير نوراني(ٻئي هينئر انجنيئر آهن،) بحث مباحثي ۾ گهٽ حصو وٺندا هئاسين. شبير تہ اڪثر مون سان ڪچهري ڪندو هو ۽ ڇوندو هو تہ يار هي ڪي همراهہ ڇريا آهن. سچو وقت سياست جو پوت سوار اٿن جهڙوڪر سياست کان ٻيو ڪو ڌنڌو ئي نہ هجين.

شفيق ۽ مسعود ڏاڍي سُلجهيل ۽ سلڇڻي سڀاءَ وارا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن سان تيز ٿي نہ ڳالهايائون. شفيق جو چاچو حنيف صديقي جيڪو هڪ سنو اديب آهي ۽ انگريزيءَ مان ڪيترا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا اٿس مثلاً جيمس برنس جو ڪتاب "سنڌ جي دربار". اُهو بہ شفيق سان ملاقات لاءِ آيو هو.

جيل جا اُهي ڏينهن، اُهي ڪچهريون ۽ مارڪا ۽ اُهي يار ڏاڍا ياد اچن ٿا.

سکر سي ئي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾

وسايم وڏ قڙا مٿي ماڙين مينهن

نيئر منهنجو نينهن اُجاري اڇو ڪيو.

(لطيف)

جيل سياسي ورڪر لاءِ سکيا جو گهر آهي. خصوصاً ان وقت جڏهن ٻيا سياسي ورڪر يا ساڃهه ڀريا ماڻهو گڏ هجن. جيل ۾ پڙهڻ جو موقعو ٻه موچارو ملي ٿو. بحث ته پيا هلندا هئا. رات جو ننڍ اچڻ تائين سلسلو جاري رهندو هو. رات جو اسان کي ڪوٺين ۾ بند ڪندا هئا، سو ٻه ٻڌيءَ ۾ نه پر ايڪي جي حساب ۾ يعني ٻه، چار، ڇهه، اٺ نه پر، هڪ، ٽي، پنج، ست وغيره. اهڙيءَ ريت هر رات هڪ ساٿي کي اڪيلو رهڻو پوندو هو. اڪثر همراهه اڪيلائي کان نٽائيندا هئا، بشير نوراني يا ڄام ٿي اڪثر اڪيلا بند ٿيندا هئا.

مسعود پيرزادو ٻه هڪ بامروت، يار ويس، با اخلاق ۽ يارن جو يار ۽ هٿ جو ڪليل هوندو هو. انهن ڏينهن هيسباڻي درگاهه جي چوڏهن فقيرن کي ٻه گرفتار ڪري جيل اُماڻيو ويو هئو. انهن جو ڏوهه هيءَ هئو ته اهي روزانو يحيٰ خان تي لعنت جا نعرا هڻندا هئا. هن دور ۾ ون يونٽ جي ڪري پنجاب ۽ ملٽري خلاف ماڻهن ۾ گهڻو تاءُ هئو. پنجابي حڪمرانن ڪوشش ڪري رهيا هئا ته دڙڪي داٻ ۽ اٽڪل سٽڪل سان ماڻهن جي جذبات کي مانو ڪجي. ون يونٽ اهڙو مسئلو هو جو هڪ طرف بنگال کان، جيڪو ڪثير آبادي وارو صوبو هئو دٻاءُ پئجي رهيو هو ته ٻي طرف سنڌ ۾ سڀ وڏيون بااثر سياسي ڌريون سائين جي ايم سيد سان گڏ متحده محاذ ۾ ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ اچي شامل ٿيون هيون. انهي جو مظاهرو 1969ع ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي بنگلي تي حيدرآباد ۾ ٿيل متحده محاذ جي اجلاس ۾ ٿيو جتي سنڌ جا چونڊ وڏيرا ۽ پير، سياسي ورڪر ۽ اديب اچي گڏ ٿيا. اهو ميڙ حڪمرانن لاءِ هڪ ڇرڪائيندڙ خواب هو. اهو اتحاد جيڪڏهن قائم رهي ها ته پنجاب لاءِ هتي بنگال جهڙي صورتحال پيدا ٿي پوي ها يعني قوم پرست قوتون وڏيڪ سگهاريون ٿي وڃن ها ۽ چونڊن ۾ انهن کي وڏي ڪاميابي ٿئي ها. انهي ڪري پنجابي حڪمرانن جي پاليسي سازن هن تحريڪ کي ٻن طرفن کان ڇيهو رسايو. هڪ ته ون يونٽ کي فوري طرح ٽوڙڻ جو اعلان ڪري متحده محاذ جي مشن جو انت آڻي ڇڏيو ۽ ٻيو ته ڀٽي صاحب کي اڳيان آڻي طبقاتي سياست جي پنيرائي ڪري ماڻهن کي پيٽ گذر جي فوري معاملن ۾ اُلجهائي ڇڏيو. صدين جو ستايل سنڌي ماڻهو ڀٽي صاحب جي ذات ۾ پنهنجو نجات ڏياريندڙ ڏسڻ لڳو. پيپلزپارٽي جي دلپذير نعرن ته "اسان اقتدار ۾ اچي ٽيڙ ورهائينداسين. نه غريب غريب رهندو ۽ نه امير امير مساوات قائم ٿي ويندي" ماڻهن کي ڪشش ڪئي ۽ ماڻهن جي هجومن کي پ پ ڏانهن ويندو ڏسي متحده محاذ ۾ ويٺل سڀ وڏيرا ڍنڍ جي پکين وانگي اُڏامي وڃي ٻي ڪنڌيءَ ويٺا. ايتريقدر جو متحده محاذ جو سيڪريٽري آغا غلام نبي پٺاڻ ٻه پ پ ۾ وڃي شامل ٿيو. پر پ پ جي ٽڪيٽ تي اليڪشن نه کٽي سگهيو. مولا بخش سومري هٿان شڪست کاڌائين. متحده محاذ ۾ سائينءَ سان فقط مرحوم غلام محمد ڀرڳڙي جو پُٽ محترم غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي ۽ چند ورڪر ساٿي وڃي بچيا. جن ۾ شاگردن جو تعداد وڏو هو. در

حقيقت سنڌ ۾ شاگردن ئي سيد جي قومي پروگرام کي اڳيان وڌايو آهي. اڄ بہ جيئي سنڌ تحريڪ جي وڏي قوت شاگرد آهن.

ياد رهي تہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي اڳيان وڌائڻ ۾ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو بہ وڏو هٿ آهي. خاص طرح "روح رهاڻ" جا ساليانا جشن تہ ڪنهن نمائنده هلچل کان گهٽ نہ هوندا هئا. بسنت هال (جيڪو مشهور ٿياسافسٽ ڊاڪٽر ايني بيسنت جي نالي سان منسوب آهي) ۾ هر سال ترقي پسند سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو وڏو ميڙ ٿيندو هو. سڄو ڏينهن تقريب هلندي هئي. رات جو مشاعري جي محفل ۾ سنڌ جا ناميارا ۽ نوان شاعر پنهنجو ڪلام ٻڌائيندا هئا. شيخ "اياز" ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجو تازو ڪلام بر زبان ياد ٻڌائيندو هو. سندس شعر پڙهڻ جو انداز ۾ بہ عجيب تاثر ۽ انفرادايت هوندي هئي. ٻڌندڙن تي سڪتوطاري ٿي ويندو هو. اها شاعري نوجوان نسل ۾ نئون جوش جاڳائي رهي هئي ۽ نوان گس ۽ پيچرا ڏاهي رهي هئي ۽ نوان اُفق روشن ڪري رهي هئي. "اياز" جو آواز ڪنهن از غيبي روح جيئن جوانن جي اندر ۾ سمائجي رهيو هو. هنن مشاعرن ۾ عدالڪريم گدائي، نياز همايوني، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، استاد بخاري، فتاح ملڪ، غلام حسين رنگريز، ملڪ نديم، تنوير عباسي، پروانو ڀٽي، شمشيرالحيدري وغيره بہ جذبو جاڳائيندڙ ڪلام ٻڌائيندا هئا. اهڙي طرح نئين ٽهيءَ جي نوجوان جي ذهني اوسر ۾ روح رهاڻ جي جشنن سان گڏ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۽ تقريبن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو. انهي دور ۾ سڄي سنڌ اندر "سنڌي شام" ملهائڻ جو رواج پيو. جنهن ۾ اديب، شاعر، دانشور ۽ سياستدان سيئي قومي مسئلن تي خيال آرائي ڪندا هئا. غالباً انهيءَ سلسلي جي ابتدا سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج کان ٿي جيڪا سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويئي.

انهي کان سواءِ وطن دوست اديبن، شاعرن ۽ سياستدان جن اوطاقن ۾ بہ ادبي، علمي ۽ سياسي نوعيت جون ڪچهريون ٿينديون هيون. خاص طرح حفيظ قريشي جي گهر، رسول بخش پليجي جي آفيس، جويي محمد ابراهيم جو گهر، حميد سنڌي جي روح رهاڻ واري آفيس، ليڪ جو فليٽ، ڄام ساقي ۽ يوسف لغاري جي رهائش گاهہ، مسعود نوراني، مجيب پيرزادي خليل بڇاڻي، اعجاز قريشي ۽ ملڪاڻي برادرس جا روم ۽ جمال رند جو گهر وغيره. هڪ ڀيرو محترم حفيظ قريشي جي گهر جي ڇت تي ڇگو موچارو مشاعرو بہ ٿيو. جنهن ۾ محترم شيخ اياز، تنوير عباسي، نياز همايوني، امداد حسيني، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني، آگرو، ڄام ساقي، منير احمد ميمڻ (ماڻڪ) رسول بخش پليجو، ارباب نور محمد پليجو، شاهہ محمد شاهہ ۽ مون بہ شرڪت ڪئي. اياز جي انهيءَ دور جو شاعري ۾ عجيب ولولو ۽ گرمي هئي ۽ سندس انداز بيان بہ نرالو هو. ساڳئي طرح نياز همايوني جڏهن پنهنجي مڌر ۽ مترنم آواز ۾ نظم "مڪلي" ۽ "سنڌ جاڳي پئي" ٻڌائيندو هو تہ وار ڪاندارجي ويندا هئا. اها مشاعري

جي محفل رات جي سانت ۾، حيدرآباد جي هڳاءَ ڀري هوا ۾، ستارن مان ٽپڪندڙ نُور هيٺان اڌ رات تائين هلندي رهي.

شاگردن جي انهي جاکوڙ ۽ جدوجهد ۾ محترم حفيظ قريشي، رسول بخش پليجي، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد ۽ سائين جي ايم سيد شاگردن کي اُتساهه به عطا ڪيو ته انهن جي ذهني ترتيب به ڪئي. حفيظ قريشي جون پرجوش، ولوله انگيز ۽ نصيحت ڀريون تقريرون شاگردن لاءِ تدريسي سبقن کان گهٽ نه هيون. حفيظ صاحب ڪڏهن ڪڏهن چٽٽي ڇهر خاطر ڪا ڪل آٽيندڙ ڳالهه ڪندو هو ۽ شاگردن ۾ ٺهڪڙا پئجي ويندا هئا ته هو يڪدم پنهنجي گرجدار آواز ۾ ڪڙڪو ڪري چوندو هو:" "ڇورا! اڙي کلو ٿا؟ ياد رکو اڄ کلو ٿا سڀاڻي روئندا. هي عبرت جو مقام آهي، هي سوچ! فڪر جو مقام آهي، اڙي کلو ٿا، کلو کلو ڀلي کلو." حفيظ صاحب جون اُنهي دور جون سڀ تقريرون Master Piece آهن. ڪاش ڪوئي ڪوشش وٺي ٽيپ ٿيل اهي تقريرون ڳولي هٿ ڪري ۽ انهن کي لکت ۾ آڻي شايع ڪرائي.

محترم رسول بخش پليجي جي تقريرن ۽ تحريرن به سنڌي شاگردن جي ذهني آبياري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو پهريائين نيشنل عوامي پارٽي سان لاڳاپيل هئا ۽ اُتي مهاجر ۽ پنجابي ڪامريڊن جي هڪ هٽي هئي ۽ اُهي قومي سوال کي ترجيحي طرح کڻڻ لاءِ تيار نه هئا. انهي ڪري حفيظ ۽ پليجو پنهنجن ساٿين سميت پارٽي کان الڳ ٿي ۽ سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد وڌائون. جيڪا اڳتي هلي اسي واري ڏهاڪي ۾ پاڪستان عوامي تحريڪ بڻي ۽ بعد ۾ عوامي نيشنل پارٽي ANP ۾ ضم ٿي ويئي، جنهن جو سربراهه خان عبدالولي خان آهي. حفيظ قريشي عوامي تحريڪ کان عوامي تحريڪ واري دور ۾ ئي الڳ ٿي ويو هو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي مشهور نظم "جيئي سنڌ" جي ذريعي قومي جدوجهد کي هڪ نئون نعرو ۽ نالو ڏيئي ڇڏيو. سندس ڏنل قربانيون ، ڀوڳنائون، سندس خلوص ۽سچائي، سندس همت ۽ بهادري سنڌ جي سياسي تاريخ جا نه وسرندڙ باب آهن.

ڪامريڊ غلام محمد لغاري (مرحوم) جون جوشيلون تقريرون به سڄي سنڌ ۾ پڙاڏا وجهي رهيون هيون. هيءَ هاري اڳوان قومي غيرت جو پتلو هو. ٿر جي اُجايل ڌرتيءَ جا ماڻهو ڏکن جا ڏاريل آهن، پر منجهن همت ۽ ساڃهه جو سوجهرو آهي. ڪامريڊ غلام محمد، ڄام ساقي، عبدالواحد آريسر، ڪامريڊ روچيرام، يوسف لغاري، مرحوم علي بخش ٽالپر، مرحوم رئيس غلام محمد ڀرڳڙي سڀ ٿرپارڪر ضلعي سان تعلق رکندڙ آهن.

قاضي فيض محمد مرحوم پنهنجي پيرانه ساليءَ جي باوجود نوجوانن سان هر هنڌ ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو هوندو هو. ايتريقدر جو شاگردن سان بک هڙتال تي وينو.

سائين جي ـايم ـسيد تہ پنهنجي وجود ۾ سراپا قومي تحريڪ ۾ جدوجهد آهي. سنڌ ۾ ٻہ يونيورسٽيون آهن. هڪ سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻي سن. هن يونيورسٽيءَ اڻ ڳڻيا سياسي قومي ورڪر پيدا ڪيا. اڄ جون موچاريون سياسي شخصيتون حفيظ قريشي، رسول بخش پليجو يوسف لغاري، شاهہ محمد شاهہ وغيره بہ انهي يونيورسٽي مان قوم پرستيءَ جا فارغ التحصيل آهن. انهيءَ لحاظ کان سنڌ ۾ موجوده وقت سيد جي حيثيت ۽ اهميت اُتم ۽ اُتاهين آهي.

انهن ڏينهن اسان يعني مون، مير ٿيٻي، ڄام ساقي، مهر حسين شاهہ، نديم اختر ۽ هدايت حسين مختلف سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري سنڌ جي سُورن جو ڪيس انهن آڏو پيش رکيو. انهي سلسلي ۾ اسان سائين جي ايم سيد جي ڪراچي واري بنگلي تي عوامي ليگ جي صدر شيخ مجيب الرحمان سان، نوابشاهہ ۾ قاضي فيض محمد جي جاءِ تي عوامي ليگ جي سيڪريٽري قمر زمان سان، ڪراچي ۾ حيدرآباد ۾ ولي خان، غوث بخش بزنجو ۽ سردار عطاء الله مينگل سان، ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ، پنجاب ۾ مولانا عبدالحميد ڀاشاني ۽ ميجر اسحاق سان اسان سان گڏ شاهہ محمد شاهہ بہ هو ۽ آءُ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊرشن ۾ هئس. معراج محمد خان ۽ ڊاڪٽر رشيد مون سان منهنجي شوڪت منزل واري فليٽ تي ملڻ لاءِ آيا. اسان پوءِ اُتان نڪري اچي تلڪ چاڙهي تي هوٽل مشرق ۾ ويناسين. چانهہ بہ پيتيسين ۽ سياسي حالتن تي گفتگو بہ ڪئسين.

مرحوم ذوالفقار علي سان بہ ڄام ساقي ۽ ٻين دوستن سان گڏ مرحوم مير رسول بخش ٽالپر، سندس ڪراچي واري بنگلي، هوٽل انڊس حيدرآباد، پير غلام رسول شاهہ جيلاني واري بنگلي تي ملاقاتون ڪيونسين. ڄام ۽ ڀٽي صاحب درميان ڪافي گرما گرمي بہ ٿيندي هئي، پر ڀٽي صاحب جو خيال هر حال ۾ اهو هو تہ هو ڪنهن بہ حالت ۾ پنجاب کي ناراض نٿو ڪرڻ گُهري. سنڌ جي مظلوميت، سنڌ جي استحصال وغيره جي ڳالهہ کان هو باخبر هو اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هرحال ۾ پنجاب کي راضي رکڻ جو خواهشمند هو.

سنڌ لٽجي، ڦرجي تباهہ ٿي وڃي اُن سان هن کي ڪابہ دلچسپي نہ هئي. هُن اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ تہ پاڻ کي پنجابي آرائين سڏائڻ کان بہ نہ ڪيٻايو. مون کي ياد آهي تہ ڀٽو صاحب اڃان اقتدار ۾ نہ آيو هو ۽ تازو ئي پرڏيهي وزارت تان ايوب خان لاٿو هئس ۽ پنهنجي پارٽي بہ نہ ٺاهي هئائين، پر فقط هڪ نعري تہ "اسان هندستان سان هزار سالن تائين وڙهنداسين." ڪيس پنجاب ۾ وڏي مقبوليت ڏياري ڇڏي هئي. اقوام متحده ۾ تقرير دوران لاڙيل لڙڪ جنهن رومال سان اُگهيا هئائين اهو رومال پنجاب ۾ هزارين رپين ۾ وڪاميو هو. پنجاب ۾ ڀٽي صاحب جي مقبوليت جو مکيہ ڪارڻ هندستان دشمنيءَ جو نعرو هو. انهي ڳالهہ جي ڇنڊائي سندس پراڻي ساٿي حفيظ پيرزادي صاحب هفتيوار رسالي "ڪچهري" کي ڏنل انٽرويو ۾ بہ ڪئي آهي. پيرزادي صاحب ٻڌايو

تہ:

”اسان پنجاب جي اُنهن غريب ضلعن مان ايڏي اڪثريت سان نہ پر مالي طور خوشحال ضلعن مان سئو سيڪڙو سيٽون ڪٽيون. اِنهي جو ڪارڻ هندستان دشمني جو رويو هو نہ ڪ روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جو نظريو.“ انهيءَ سلسلي ۾ پيرزادي صاحب ڀيو مثال لاهور جي جلسي جو ڏنو آهي، جڏهن ڀٽو شملہ ڳالهہ ٻولهہ لاءِ وڃي رهيو هو. 19/20 ڊسمبر 1972ع تي راولپنڊي ۾ پارٽي ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ تقرير ڪندي ذوالفقار علي ڀٽي صاحب بنگلاديش جي مسئلي تي ڳالهائڻ چاهيو تہ ميڙ مان ”نامنظور، نامنظور“ جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا. ڀٽي صاحب چيو تہ جيڪڏهن توهان کي بنگلاديش نامنظور آهي تہ آءُ صدارت تان استعيفيٰ ٿو ڏيان تہ سڄي ميڙ هڪ آواز ٿي چيو ”لک پيرا ستعيفيٰ ڏيئي ڇڏ.“ انهي مان معلوم ٿيو تہ ڀٽو صاحب پنجاب وٽ فقط هندستان سان ٽڪراءُ واري صورتحال ۾ قابل قبول هو. انهي ڪنوينشن واري عرصي ۾ ڀٽو صاحب سن ۾ سائين جي-ايم سيد سان ملڻ لاءِ آيو هو. آءُ ۽ بابا سائين بہ موجود هئاسين. سائين جي ايم سيد کيس گهڻو ئي سمجهايو تہ ”تون جنهن پنجاب لاءِ تڙپين پيو اُن جي بيوفائي جو مثال ڊاڪٽر خان صاحب ۽ لياقت علي خان جي صورت ۾ موجود آهن. تُون سر شاهنواز جو پُٽ آهين، ڳچ وقت ايوب جي ڪئبنٽ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو تجربو بہ اٿئي ۽ توکي بين الاقوامي سياست جي بہ چڱي موچاري پرک آهي. پنجاب تي ڀروسو ڪرڻ بجاءِ سنڌ جي ڳالهہ ڪر.“ پر ڀٽو صاحب پنجاب کي ڇڏڻ لاءِ ڪابہ ڳالهہ ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ واسطي تيار نہ هو. تڏهن سائين چيس تہ ”ياد رکج! اهي پنجابي توکي استعمال ڪرڻ کان پوءِ ڊِگي جي ڪيس ۾ ٻڌرائي ڦاسي ڏياري ڇڏيندا.“

اڳتي هلي ڇا وهيو واپريو سو تاريخ جي صفحن تي بہ محفوظ آهي ۽ هن دور جي عيني شاهدن ڏٺو بہ. افسوس هن ڳالهہ جو آهي تہ ڀٽي صاحب جا پوئلڳ تاريخ جي انهي الم انگيز ۽ عبرتناڪ مثال مان ڪوبہ سبق حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. اقتدار جي هَوَس ۾ اُهي قاتلن سان ڳٺ جوڙ ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ جماعت اسلامي جهڙي رجعت پسند جماعت، جيڪا ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيارڻ ۾ فوجي جرنيلن جي پڪي مددگار هئي، تنهن سان بہ سمجهوتي جون ڳالهيون هلايون پيون وڃن. سنڌ جي سياسي وهڪري ۾ سنڌي اديبن، شاگردن ۽ محب وطن سياستڪارن جي محنت ۽ قربانين ڪري جيڪا تيزي ۽ حب الوطني پيدا ٿي هئي، تنهن تي پيپلزپارٽي راتاهو هڻي سڄو لوڪ ٻُهاري ويئي. سنڌي ماڻهن سمجهيو ٿي تہ ڀٽي صاحب جي ذريعي هن کي صدين جي ظلم ۽ استحصال ۽ قومي جبر کان نجات ملندي. پر اها سندن خام خيالي ثابت ٿي. پيپلزپارٽي جي دور ۾ هزارها سنڌي ماڻهو جيلن ۾ ويا، اديب گرفتار ٿيا، ڪتاب بندش هيٺ آيا ۽ پريسون سيل ٿيون. سنڌي رسالن سهڻي، اڳتي قدم، ملير ڊائجسٽ ۽ پيغام تي پابندي عائد ڪئي ويئي. سنڌي ادب ۾

روح رهاڻ ڪانپوءِ "سهڻي" قومي ادب ۽ قومي مسئلن تي ڀرپور ۽ جوشيلا ايڊيٽوريل لکي پڙهندڙن ۾ سجاڳي آندي. انهي قومي خدمت جي ڏوهه ۾ سهڻي تي بندش وڌي ويئي ۽ طارق اشرف کي جيل اُماڻيو ويو. طارق سان سرڪار جي اها ارهه زورائي ۽ خرمستي بعد جي عرصي ۾ بہ جاري رهي. سنڌي اديبن ۾ طارق کان وڌيڪ شايد ئي ڪنهن ڀوڳيو هجي. بهرحال ڀٽي صاحب جي دور ۾ هڪ تہ ڀٽي صاحب جي سنڌي هئڻ جي ناتي سنڌ جي قومي تحريڪ کي چاپ آئي ۽ ٻيو تہ ظلم بہ انتها تي پهتو. هاڻي جڏهن قومي جدوجهد وري نئين سگهہ ۽ ساڃاهہ سان اُڀري آهي تہ وري بہ پيپلزپارٽي ۽ بينظير کي اُن تي راتاهي هڻڻ لاءِ همٿايو پيو وڃي. سنڌي عوام کي گمراهيءَ جي کڏ ۾ ڪيرائڻ لاءِ پنجاب وٽ انهي کان وڌيڪ ڪو بہ اثرائتو هٿيار نہ آهي.

❖

# جيل کان رهائي

مون اڳين صفحن ۾ جيل وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي. بهتر ٿو سمجهان ته انهي سلسلي جي ٻين ڪجهه واقعن کي به پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريان ته جيئن انهي دور جي تصوير ڪجهه وڌيڪ چٽي ٿي پوي.

اسان جا وڪيل صاحبان قانوني صلاح مصلحت ۽ خبر گيريءَ لاءِ اڪثر اسان سان ملڻ ايندا هئا. اسانکي به ٿي ڀيرا مارشل لا وارن وٽ پيش ڪيو ويو. اسان کي جڏهن پوليس جي گاڏيءَ ۾ جيل کان مارشل لا اختياري وارن وٽ وٺي ويندا هئا ته اسان گاڏيءَ جي ڇت سان لڳ ننڍين درين مان جهاتيون پائي ٻاهر نهاريندا هئاسين. اسان پوليس گاڏيءَ ۾ به قومي گيت ڳائيندا اوچا ڳاٽ ڪٽيو فوجي عملدارن اڳيان پيش ٿيندا هئاسين.

رستي تان لنگهندي درين جي جارين تي منهن رکي ”جيئي سنڌ“ جا نعرا هڻندا هئاسين ته ٻاهران بيٺل ماڻهو دور دور تائين پوليس گاڏي ڏانهن پيا تڪيندا هئا، اسان کي ملٽري ڪورٽ وٽ وين مان لاهڻ وقت پوليس نهايت ڦڙتائي ۽ چستيءَ جو مظاهرو ڪندي هئي، گويا پنهنجي فوجي آقائن اڳيان پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪرڻ جا جتن ڪندي هئي. اسان هٿڪڙين ۾ ٻڌل جڏهن مارشل لا ڪورٽ اڳيان ايندا هئاسين ته سچ پچ اسان جي ڇاتيءَ ۾ رڪ جهڙي سختي ۽ اسانجي عزم ۾ ڪارونجهر جيڏي اوچائي پيدا ٿي پوندي هئي ۽ اسان سمجهندا هئاسين ته اسان مادر وطن جي سرهائي لاءِ پنهنجو فرض نڀائي رهيا آهيون، اهو احساس به اسان لاءِ وڏي وٽ ۽ وڏو اعزاز هوندو هو.

جيل جي دنيا به هڪ نرالي دنيا آهي، جنهن ۾ ڪيئي چڪر ۽ ڪئين معاملا ٿين. اڇو چڪر، ڪارو چڪر، بند وارڊ، ڦاسي گهاٽ، اسپتال، ماڙهي، اسپيشل وارڊ، عورتن جو وارڊ، ڪچا قيدي، پڪا قيدي، ڦاسيءَ جي اوسيئڙي ۾ ويٺل قيدي، آزادي جي انتظار ۾ قيدي، باغ ۾ ڪم ڪندڙ قيدي، قيدين جا خدمتگار قيدي، جن کي برداشتي چئجي، ڏاڙيل، رهزن، چور، سياسي قيدي، وڪيل قيدي جن سان قيدي صلاح مصلحت ڪن ۽ اُهي سندن ڪيسن جا جائزا وٺي کين ٻڌائن ته هن جي ڪيس جو ڇا ٿيندو.

مطلب ته هتي هر رنگ جا ۽ هر ڍنگ جا ماڻهو ملندا. ڪن جي زندگي ڏاڍي تلخ ته ڪي تلخين کي به منو ڪريو ويٺا آهن. قصا، ڪهاڻيون، ڳالهيون، داستان، تبصرا، تنقيدون، واڪاڻون، گلائون ۽ گاريون. غرض ته وقت گذارڻ لاءِ سڀ مانداڻ مندبيا وڃن ٿا. اڪثر ڏٺم ته جنهن قيدي کي خبر پوندي

هئي ته هو چند ڏينهن ۾ آزاد ٿيڻ وارو آهي ته سندس منهن تي سچي سرهائي موتي ايندي هئي ۽ پيو بهار بهار ٿيندو هو. انهي مان انسان جي آزاديءَ پسند نفسيات جو پورو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. قيد، چوديواري جو نالو نه آهي پر انهيءَ احساس جو نالو آهي، جيڪو انسان کي سوچڻ، لوچڻ ڪڇڻ ۽ ڪرڻ جي نسبت کان ڪسيو ويندو آهي. ماڻهن کي ڪٽي ڍورن وانگي لوڙهن ۾ واڙجي يا مٿن لانگ بوٽن جي روڏن تي ٺپ ٺڙاڪ ۽ مشين گنن جي نماءُ سان دهشت ڦهلائي پنهنجو مطيع بڻائجي، ٻنهي ۾ ڪو فرق نه آهي.

هڪ ڏينهن شام جو پنج کن ٿيا هئا ۽ اسان جو بحث مباحثو به چوٽان چوٽ هو ته اسان سيني کي جيل اختياري وارن کان نياپو مليو ته توهان سڀ پنهنجي سامان سميت تيار ٿيو. توهان کي هينئر جو هينئر مارشل لا هيڊ ڪوارٽر ۾ برگيڊيئر آڏو پيش ڪيو ويندو. اسان پنهنجا سامان سهيڙي تيار ٿي ٻاهر آيا سين. پوليس جو وڏو اٿالو ٻاهر موجود هو. اسان کي شهر جي ٻاهران ٻاهران ڦيرائي ملٽري هيڊ ڪوارٽر پهچايو ويو. اسان جي هٿن ۾ پيل هٿڪڙيون لاهي اسانکي هڪ ڪمري ۾ ويهاريو ويو. بعد ۾ اسان مان هر هڪ کي الڳ الڳ اندر ڪمري ۾ موڪليو ويو. جتي برگيڊيئر عبدالحميد، هڪ ڪرنل ۽ هڪ ميجر ويٺا هئا ۽ ڪين ملٽري يونيفارم بجاءِ خانگي پوشاڪ پهريل هئي. آءٌ جڏهن اندر گهرايو ويس ته برگيڊيئر مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ آءٌ اُتي پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي رهيس. برگيڊيئر مون کان نالو، تعليم ۽ ڳوٺ بابت پڇا ڪئي. هو نهايت نرم لهجي ۾ گفتگو ڪري رهيو هو. آخر ۾ پڇيائين ته گهر وڃڻ جو ارادو آهي يا وري جيل ڏانهن؟ مون وراڻيو "اهو منهنجي نه پر توهان جي وس ۾ آهي." چيائين ته "برابر اهو منهنجي وس آهي پر تنهنجي خواهش کي به ان ۾ داخل ٿي سگهي ٿو". مون چيو ته: "نه آءٌ پنهنجي مرضي سان آيو آهيان ۽ نه مرضي سان گهر موٽڻ جو اختيار رکان ٿو." برگيڊيئر چَپ ڍولا ڪندي چيو "برابر! برابر! چڱو ٺيڪ آهي . هن ڀيري آءٌ توکي محض انهي ڪري ڇڏيان ٿو جو تون پهريون ڀيرو جيل ۾ آيو آهين. ٻي دفعي اهڙي غلطي ڪندين ته پوءِ ههڙي رعايت نه ملندءِ. چڱو. تون هاڻي ڳوٺ وڃي سگهين ٿو." آءٌ ٻاهر اچي ساٿين سان گڏ ويٺس. جڏهن سيني کان پڇا ڳاڇا ختم ٿي ته مونکي، مسعود پيرزادي، رفيق صفي، شفيق صديقي ۽ شبير نوراني کي رهائي جو پروانو ڏيئي گهر روانو ڪيائون ۽ باقي ٽن ساٿين کي هن ڪار مُنهين سماج جهڙي ڪاري پوليس وين ۾ چاڙهي جيل موڪليو ويو. اسان کي اهڙي رهائي تي ڪابه خوشي محسوس نه ٿي، ڇاڪاڻ ته اسان جا ٽي ساٿي رها ٿيڻ کان رهجي ويا هئا. سچ پچ پاڻ کي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ به قيدي سمجهيو پئي. هونئن به هن ملڪ ۾ آزادي جو نالو وڏو ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو پر آزادي جو رُوح سان اُنجو ذري جيترو به رشتو نه

آهي.

## اندر قيدي ٻاهر قيدي
## قيدي آهيون سڀ

وارو عالم ۾ وايو منڊل آهي.

مون جيل کان ٻاهر پهچڻ بعد پنهنجن ساٿين نسيم اختر، هدايت حسين، عنايت ڪل شميري ۽ منير سنڌي (ماٽڪ) سان ملاقات ڪئي، جن مون ۽ نديم کي سنڌ جي ٽوئر تي روانو ڪيو. مون ۽ نديم سڄي سنڌ جو ٽوئر ڪندي نوابشاهه، ڪنڌڙو، شاهپور چاڪر، سانگهڙ، سکر، لاڙڪاڻو، دادو، هالا، ٽنڊو محمد خان، ٺٽو ۽ ڪراچي ۾ دوستن سان ملاقاتون ڪري سنڌ جي ۽ شاگرد هلچل جي خبر ورتي ۽ صلاح مشورا ڪيا. انهيءَ دوري تان موٽي ڪجهه ڏينهن حيدرآباد ۾ ترسياسين ۽ پوءِ وري ٽنڊو ڄام، ٽنڊوالهيار ۽ ميرپورخاص وياسين. بهرحال اسان جتي به وياسين ته شاگرد برادري سنو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ جلسا ۽ ميٽنگون ڪري پنهنجو پروگرام دوستن آڏو رکيوسين. جيل جي تجربن کان به دوستن کان آگاهه ڪيوسين. انهن گڏجاڻين دوران سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاخن کي منظم ۽ فعال بنائڻ لاءِ به سوچ ويچار ڪيوسين. اسان انهن دورن جي مڪمل رپورٽ حيدرآباد ۾ هڪ ميٽنگ ڪري دوستن اڳيان پيش ڪئيسين. دوستن وري ٻي ذميداري به مون ۽ نديم کي سونپي ته اسان هڪ هفتيوار اخبار ”پيغام“ شايع ڪرايون. اسان هن ذميداري کي خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ اخبار ”پيغام“ جون ڳچ ڪاپيون ڇپائي فيڊريشن جي سيني شاخن ڏانهن موڪليوسين. اسان هن اخبار کي ڪيترين مشڪلاتن جي باجود ڪافي وقت تائين ڪڍندا رهياسين. هيءَ اخبار فيڊريشن جي دوستن لاءِ رابطي جي ڪڙي، نظرياتي ۽ سياسي تربيت جو هڪ اهم ذريعو هئي.

انهيءَ دور ۾ وري هڪ ڀيرو ون يونٽ ٽوڙڻ جي خلاف سڄيءَ سنڌ ۾ هلچل شروع ٿي ويئي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي ڪارڪن پاڻ ملهايو. انهيءَ هلچل دوران ڪيترائي شاگرد گرفتار ڪيا ويا. منهنجي ۽ خليل بجاڻي جي خلاف به گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا. اسان دوستن جي صلاح ۽ هدايت مطابق انڊر گرائونڊ ٿي وياسين. ڇاڪاڻ ته دوستن جو چوڻ هو ته هن صورتحال ۾ ڪن ڪارڪن جو روپوشيءَ جي صورت ۾ ٿي صحيح، پر ٻاهر رهڻ ۽ ڪم جاري رکڻ ضرورت آهي. سندم والد محترم ارباب نور محمد پليجو به انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ موجود هئو جيڪو اسان کي جيپ ۾ چاڙهي ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي ويو ۽ اسان اتان لڪ ڇپ ۾ ڪراچي روانا ٿي وياسين. ڪراچي پهچندي اسان هڪ دوست مُراد وٽ وياسين ۽ ڪيس صورتحال کان واقف ڪيوسين. هن چيو ته هيءَ جا اِهي اوهين، آءُ اڳي ئي ڳوٺ لاءِ سنيريو وينو هئس، سو وڃان ٿو، وڏيڪ توهانجا ڀاڳ کٽن. اسان صبح سوير هٽ منهن ڌوئي پرواري هوٽل ۾ ناشتو ڪيو ۽ پوءِ لِڪ

ڇپ ۾ مختلف هنڌن تي مختلف دوستن سان بہ ملاقات ڪئيسين. حيدرآباد ۾ ٻين هنڌن جي تعليمي ادارن جي صورتحال، ۽ سياسي وايو منڊل تي خبرون چارون ڏينديون هيون ۽ دوستن ڪان گرفتار ٿيل ساٿين جي آزادي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ جلسا جلوس بہ ڪيااسين ۽ اخباري بيان بہ جاري ڪرايا سين. آءُ ۽ خليل، مجيب پيرزادي جي گهر وياسين ۽ سندس والد مرحوم پيرزادي عبدالستار سان بہ ملاقات ڪئيسين. مرحوم پيرزادي صاحب اسان جو سنو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ٻڌائين تہ مجيب سکر ويل آهي.

هڪ ڏينهن اسان فليٽ ۾ ويٺا هئاسين تہ اخبار واري اخبار ڦٽي ڪئي ۽ اسان اخبار پڙهي تہ اخبار ۾ وڏين سرخين سان لکيو پيو هئو تہ حيدرآباد پوليس ڪي گهربل شاگرد ممتاز جنيدي (ممتاز هينئر پيپلزپارٽي ۾ آهي) کي پوليس لياقت آباد جي هڪ سيمينا گهر جي ٻاهران گرفتار ڪري حيدرآباد وٺي ويئي. خبر پڙهڻ کانپوءِ مون خليل ڏانهن ڏٺو ۽ خليل مون ڏانهن نهاري زيرلب مسڪرايو. اسان پنهنجي چرپر کي هاڻي بنهہ محتاط رکيو. مراد هاڻي ڳوٺان موٽي آيو هو ۽ اسان کي هن جي غير موجودگي سبب کاڌي پيتي ۽ سامان وغيره گهرائڻ ۾ جيڪا دشواري پيش اچي رهي هئي، سا ختم ٿي ويئي. مراد ايڏو فراخ دل ۽ يار ويس هئو جو وٽس رهندي اسان کي ڪڏهن بہ اوپرائپ جو احساس نہ ٿيو. جيتوڻيڪ هو پيپلزپارٽيءَ جو سخت حامي هئو ۽ اسان پيپلزپارٽي جا مخالف هئاسين ۽ روزانو پيپلزپارٽي جي سياست ۽ خصوصي طرح قومي سوال تي سندس اڻ وڻندڙ پنجاب دوست رويي تي گرما گرم بحث ٿيندو هو پر ڪڏهن بہ مراد من ميرو نہ ڪيو ۽ نہ ئي تنگي يا تنگ نظري جو ڏيکاءُ ڏنو. مراد هڪ بهترين انسان ۽ بهترين دوست آهي. آءُ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي وڏو خوش نصيب سمجهندو آهيان جو مون کي حياتيءَ جي هر موڙ ۽ منزل تي ڏاڍا سٺا ۽ مخلص دوست مليا آهن.

سچ، هڏ ڏوکي ۽ همدرد دوست زندگيءَ جو املهہ سرمايو آهن. ڪنهن ڏاهي سچ چيو آهي تہ: ”اهو ماڻهو مسڪين آهي جنهن کي سٺا دوست نہ آهن.“

مراد اسان لاءِ سُک ۽ سهوليت جو وڏو وسيلو هو. ڪڏهن ڪڏهن بوريت کي دُور ڪرڻ لاءِ ڪا انگريزي فلم ڏسي ونندا هئاسين. خليل چوندو هو تہ انگريزي فلم ڪنهن خشڪ موضوع واري ڏسبي ڇاڪاڻ تہ اهڙي فلم کي ڏسڻ لاءِ پوليس وارا يقيناً نہ ايندا هوندا. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ انڊر گرائونڊ رهڻ کان ڪڪ ۽ تنگ ٿي پياسين. سوچيندا هئاسين تہ کلي عام هلون چلون، پوءِ ڀلي ڪٺي جيل وڃون. انڊر گرائونڊ يا روپوشي واري ذهني ڪيفيت کان سڏو سنئون جيل ۾ رهڻ بهتر آهي.

جڏهن اسان انهي ذهني ڪيفيت جو اظهار مراد سان ڪيو تہ مراد اسان کي احتياط ڪرڻ ۽ ڪنهن ابهري قدم کڻڻ کان گهڻو ئي روڪيو پر اسان فيصلو ڪري چڪا هئاسين. انهي ڪري

مراد ڪان موڪلائي حيدرآباد روانا ٿياسين. حيدرآباد ويندي اسان پاڻ کي ڏاڍو فرحت ۾ محسوس ڪيو ڇاڪاڻ تہ اسان پاڻھي پان تي مڙھيل روپوشيءَ جي ذھني پيڙا کان پاڻ کي آجو ڪرائي چڪا ھئاسين. حيدرآباد پھچي اسان پھريائين منھنجي فليٽ تي وياسين ۽ پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ خليل جي ڪمري تي پھتاسين.

رات گذاري صبح يونيورسٽي ڪلاسن ۾ بہ وياسين، جتي ساٿين ٻڌايو تہ شروع ۾ ڪجھ گرفتاريون ٿيون ۽ پوءِ ناپر ٿي ويئي. اھڙيءَ ريت اسان ٻيھر باقاعدگي سان انڊر گرائونڊ زندگي کي ڇڏي کلي عام ڪم ڪرڻ لڳاسين.

جيئن تہ سنڌ جي قومي سوال تي مهاجر ۽ پنجابي ليفٽسٽ/مارڪسوادي ڪامريڊ جو عمل ۽ نقطہ نظر مظلوم قومن جي حق خوداراديت جي خلاف ھو انھي ڪري اسان چار ساٿي وارن کان الڳ ٿي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي نيشنلسٽ گروپ جو نالو ڏيئي الڳ جماعت ٺاھي. انھن ڏينھن سائين جي-ايم سيد سنڌ متحده محاذ بہ ٺاھيو ھو ۽ اسان فڪري طرح قومي سوال کي ترجيح ڏيڻ واري سائين جي ايم سيد جي نقطہ نظر جا حامي ھئاسين. اسان جي قائم ڪيل نيشنلسٽ گروپ جو صدر شاھہ محمد شاھہ (جيڪو ھينئر پاڪستان نيشنل پارٽي PNP ۾ آھي) ۽ آءُ (عبدالحئي پليجو)سيڪريٽر جنرل چونڊيا وياسين. مون ۽ شاھہ محمد شاھہ سڄي سنڌ جو دورو ڪري ھن شاگرد جماعت جون شاخون مختلف شھرن ۾ منظم ڪيون.

پاڪستان جي سياست ۾ ھيءُ دور اھو ھو جڏھن بنگالي بہ سنڌ وانگي پنجاب جي بالادستي خلاف جدوجھد ۾ مصروف ھئا، اسانجا ۽ بنگال جا ڏک درد ھڪجھڙا ھئا ۽ اسان سڀ ھڪ تيغ ستم جا ڪُٺل ھئاسين، انھي ڪري اسان بہ چاھيو ٿي ۽ بنگالي شاگردن بہ تہ اسان مظلومن ۾ ويجھڙائپ پيدا ٿئي. لطيف سائين تہ گھڻو اڳ چئي ويو ھو:

ڏکيون جان جان نہ مڙن، تان تان پنڌ نہ ٿئي،
پنڌ واريون پڌريون ڳاڙھا ڳل سندن
ٻيون ھوئين ھٿ ھڻن، روئنديون روئڻ واريون.

اھو سبب ھئو جو اسان کي ڍاڪا جي شاگردن طرفان ڍاڪا جي ھڪ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ملي. آئون ڪن مجبورين سبب وڃي نہ سگھيس، پر شاھہ محمد شاھہ سائين جي ايم سيد جي ننڍي فرزند سائين امداد شاھہ سان گڏجي اوڏانھن ويو.

انھي ڪانپوءِ پنجاب جي ھڪ شھر ٽوبہ ٽيڪ سنگھ ۾ ھڪ عظيم الشان مزدور ھاري ڪانفرنس ٿي جنھن ۾ مولانا عبدالحميد ڀاشاني آيو ھو. ھن ڪانفرنس ۾ نيشلسٽ گروپ طرفان آءُ ۽ شاھہ محمد ساھہ شريڪ ٿياسين. عوامي تحريڪ طرفان رسول بخش پليجو ۽ سنڌي شاگرد

تحريڪ طرفان غلام نبي، غلام قادر پليجو ۽ پناهہ جگر سنڌي شريڪ ٿيا. اسان کان سواءِ ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ٻيا سنڌي وفد بہ شريڪ ٿيا هجن، پر سندم يادگيري ۾ نہ رهيا آهن تنهن ڪري انهن جي نالن ڏيڻ کان قاصر آهيان. اسان اتي گڏجي جيئي جيئي سنڌ ۽ سدا جيئي سنڌ جا نعرا هنيا. ٻي ڏينهن اتي آيل ڪراچي ۽ جي هڪ وفد سان ملاقات ٿي. بحث دوران رسول بخش پليجي انهن همراهن کي ڏاڍو هيسو ۽ چيو تہ توهان پهريائين پنجاب جي ڳوٺ ڳوٺ تبليغ ڪري پنجابي عوام کي سمجهايو تہ توهان ننڍين قومن جا حق غصب ڪيا آهن. اهو سلسلو بند ڪريو. اسان بہ انهي وفد اڳيان اهو نقط نظر رکيو تہ مظلوم طبقن جا حامي مظلوم قومن جا بہ حامي هئڻ گهرجن. هتي تہ ڪامريڊن جو عجيب عالم آهي. قومن جي ڦرلٽ ۽ مظلوميت تي تہ سندن ذري جيتري بہ دل نٿي ڪڙهي، باقي هاري ۽ مزدور جي ڳالهہ ڪندي نہ پيا ٿڪجن. هن هيڏي وڏي ڪانفرنس ۾ قومن جي مظلوميت جي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪئي ويئي ۽ سنڌ کي ڪابہ نمائندگي نہ ڏني ويئي.

اسان انهي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري موٽي نوابشاهہ آياسين. انهي دوران سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ ۽ ون يونٽ ٽوڙائڻ جي سلسلي ۾ جدوجهد شروع ٿي چڪي هئي. انهي جدوجهد ۾ ساري سنڌ جي شاگردن ڀرپور نموني حصو ورتو. سوين ۽ هزارين شاگرد بک هڙتالن تي ويٺا ۽ گرفتار ڪيا ويا. انهي دوران سرڪار ووٽرن جي لسٽن کي اردو ۾ ڇاپڻ جو اعلان ڪيو، جنهن تي بہ وڏو احتجاج ڪيو ويو. لالا قادر، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا بک هڙتال تي ويٺا. سڄي سنڌ ۾ انهي مطالبي کي مڃرائڻ لاءِ بک هڙتالون ڪيون ويون ۽ هزارين شاگردن، هارين ۽ مزدورن سان جيل ڀرجي ويا. نيٺ حڪومت ووٽرن جي لسٽن کي سنڌي ۾ ڇاپڻ جو مطالبو قبول ڪيو. انهي سلسلي ۾ آءُ بہ گرفتار ڪيو ويو هئس. اڳي اسان جڏهن گرفتار ٿيا هئاسين تہ فقط اٺ ڄڻا هئاسين پر هينئر سوين هئاسين ۽ انهي واڌاري ۽ سجاڳيءَ تي اسان کي سرهائي هئي. انهي ساڳئي وقت ۾ يحيٰ خان جي ملٽري حڪومت ون يونٽ ٽوڙڻ جو بہ اعلان ڪيو. گرفتار ٿيل سڀ شاگرد ۽ پورهيت ۽ سياسي ماڻهو آزاد ڪيا ويا.

عرض تہ سنڌي شاگردن جي بي پناهہ قربانين ۽ اڻ ٿڪ محنتن جي نتيجي ۾ قومي حقن جي حاصل ڪرڻ جو شعور گهر گهر پهچي ويو. اڄ جيڪي سياسي جماعتون ۽ شاگرد جماعتون قومي حقن جي جنگ ۾ مصروف آهن، سي ماضيءَ جي سلسلي جو هڪ حصو آهن. اڄ جي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، جيڪا موجوده وقت ۾ قوم پرست سنڌي شاگردن جو وڏو مورچو آهي سا سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (نيشنلسٽ گروپ) جي ترقي يافتہ شڪل آهي. اڄ سنڌ ۾ شاگردن جون مختلف جماعتون سرگرم آهي. جهڙوڪ جساف-سپاف، سنڌي شاگرد تحريڪ، وطن دوست اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، ڪنفيڊرل اسٽوڊنٽس آرگنائيزشن،

سنڌ ساگر شاگرد جماعت وغيره وغيره.

انهن جماعتن جي ڪارڪردگي تي ايندڙ وقت ۾ ڪو ليکڪ قلم آرائي ڪري سنڌي شاگرد سياست جي هن دستاويز کي مڪمل ڪندو، هن ڳالهه چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته سنڌ جي قومي سياست کي پنهنجي رت ست سان سائي ۽ سگهاري بڻائڻ ۾ سنڌي شاگرد جماعتن وڏو ۽ يادگار ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ قوم پرستيءَ جو فروغ سنڌي شاگردن جي طفيل ٿيو آهي ۽ اڄ به قومي جدوجهد جو مُهڙ وارو دستو شاگرد ئي آهي. 4 مارچ کان وٺي ٿوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن تائين لَهو جي لڪير صراط المستقيم بڻي بيٺي آهي.

اسان جي ڪيترن ئي شاعرن سنڌي شاگردن جي انهي جاکوڙ ۽ قربانين کي ساراهيو آهي. انهن جا چند مثال هيٺ ڏجن ٿا.

چوٿين مارچ جيڪو سنڌي شاگرد سياست ۽ قومي جدوجهد جو يادگار علامتي ڏينهن اهي، انهي تي لکيل چند منتخب شعر اجهو هي آهن:

## بيت

## شيخ "اياز"

اُڀري ايندا هو اوچتو ڌرتيءَ جا لالَ،
آءُ ڏسان ٿو پُونءِ تي ايندا جي پُونچال،
ماٺهو مڏيون، مالَ، ڊاهي هٽندا ڍير ۾.

❋

آئون ٿو ڏسان پُونءِ تي اڄ به سو انسانَ،
اُڀري ايندو باک سان جيڪو سج سمان،
ناهي تِر به گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهه ۾.

❋

# شاگرد
# (4 مارچ جي ياد ۾)

## اياز قادري

ڪوپا ڪوڙ مان ڪاهي هليا،
سورهيہ جي ساٽيھ جا.

نعرا هڻندا، حق جا هلندا،
گهوٽ گهوڙي چڙهندا الا،
سورهيہ جي ساٽيھ جا.

وِڙهندا، وڍندا ڪين ڪي هٽندا،
ملڪ مٿان مرندا، الا،
سورهيہ جي ساٽيھ جا.

رڻ رنگيندا رت سان،
مانجهي جڌهن مچندا، الا،
سورهيہ جي ساٽيھ جا.

سانگ نہ رکندا سوڍا سِر جو،
سوپون سپ ڪٽندا، الا،
سورهيہ جي ساٽيھ جا.

❖

# 4 مارچ

## غلام حسين رنگريز

وَهيو رتُ جيڪو اوهان جو سپوتو،
اُهو رت آهي امر.
اُهو رُت سنڌڙيءَ جو آهي،
۽ جيجل جي جندڙيءَ جو آهي،
اُهو رت آهي سيڻ جو
اُهو رت منهنجي ٻه آهي رڳن جو
اُهو رت سنڌوءَ جيان
سنڌ جي سينڌ ۾ سينڌور آهي،
اُهو رت آ ڪهڪشان ساٿيو،
اُهو رت منزل جو آهي نشان ساٿيو،
اُهو رت آ ست صدين جو
اُهو رت تاريڪين ۾ آ مشعل،
اُهو رت رات جي ڳُڪ ۾ ڪان آهي
اُهو رت سوراج سيج آهي
اُهو رت ساٿيو اسانجو ته ايمان آهي.

❖

# 4 مارچ جي جوڌن دودن جي شان ۾

## امداد حسيني

ڪهڙو گهوٽ چڙهيو آ گهوڙي
ڌرتي لالَ ڪنوار بڻي آ.
ڳوٺ سمورو ڳاهٹ آهي
تارن جي ڇا ڇاٽ ڇڻي آ
ريتي رت جا سونا سڪا
گهٽي گهٽي گلزار بڻي آ
دودي جوڌي من ئي من ۾
اهڙي ڪهڙي ڳالهہ ڳڻي آ
چنڊ جُڳن کان هِن گهڙي لئي
ڪن ڪن گهڙي گهڙي ڳڻي آ
اکيون ادل جون ٻَرن مَشالا
هن ڌرتيءَ جو ڌاڄ ڌڻي آ
ريتي رت جو تلڪ نرڙ تي
سنڌڙي ماءُ جي پيڙ پڻي آ.

❖

# اڄ مارچ مهينو آيو آ

## فتاح ملڪ

اي سنڌو تنهنجي ڪنڌيءَ تي اڄ مارچ مهينو آيو آ،
تون پنهنجو پيارو پاند نہ ڏس ڇا ڇا نہ ڦڳڻ ڦلهاريو آ.

ڪلهہ مُند مڙيو ئي ساڳيءَ ۾ ڪنهن ڳگ ۾ ڪان وهايو هو،
ڇا ڪانئر ڄاتو ڪانيءَ سان ڪنهن واهر ورق واريو آ.

ڇا ٻاجهارن جي ٻُوليءَ لئہ ڇا گوندر جن جي جهولي لئہ،
تو سيني اندر سمنڊ رکي ڇا چَپ سان چنگ چلايو آ.

ڪي ٻالڪ تنهنجي ٻاجهہ ڏسي ٿا ڳاڙها اجرڪ آڇ ڪرن،
تن ور ور تنهنجي وَڏ وجهي هي ڳاڙهو جهنڊو ٿاهيو آ.

ڇا ڇوڪر ڇوڪر مستي آ جڻ موڪِي مَنڌ وڪامي ويو،
اڄ آزاديءَ جي سونهن سٽي ڇا هر ڪنهن نيڻ خماريو آ.

ڏس هر ڪنهن ڏاتا چمڪن ٿا ۽ گيت چپن تي ڇهڪن ٿا،
اي سنڌ جا دشمن دُور رهو اڄ مارچ مهينو آيو آ.

❖

[ٿوڙي جي شهيدن جي ياد ۾ سنڌ جي عظيم شاعر محترم شيخ اياز هيٺيون نظم لکيو. هنن شهيد شاگردن جو تعلق جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان هو.]

## اپريل 1985ع

ڪنهن جو خُون وَهيو ٿوڙيءَ ۾
او ڊِايرَ؟
توکي ڪيئي سال مُئي ٿيا
رُوم رُمَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي بہ مٽيءَ سان مِٽي ٿي ويا۔
ڪالهہ مگر تو ٿوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!
توکي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊِايرَ!
مُون تہ ٻُڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي،
ظالم قائم دائم ناهي“
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ کي
مات ڏيئي ويو آهين!

❖

# ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، ميرپور بٺورو

3 سيپٽمبر 1966ع

**[آجيان جو خطبو-از ارباب نور محمد پليجو]**

جناب صدر ۽ مُعزز حضرات، آئون اوهان سڀني آيل صاحبن جي تشريف آوريءَ تي دل و جان سان اوهان جي مرحبا ڪندي، اوهان جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جو دور دراز پنڌ ڪان، وقت سيڙائي تڪليف وٺي، مجلس کي رونڪ بخشي آٿوا!

ميرپور بٺورو تعلقو جيتوڻيڪ سنڌ جي هڪ گوشي ۾ هن وقت ڪا وڏي اهميت رکندڙ خطو نظر نٿو اچي، ليڪن تاريخي حيثيت سان ان جي وڏي اهميت رهي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سما گهراڻي جو دؤر، سونهري زمانو شمار ڪرڻ جي لائق آهي، اهو سنڌ جو رومانوي دؤر هو جنهن مومل راڻي، ليلا چينسر، عمر مارُئي، سسئي پنهون ۽ نوري ڄام تماچيءَ جي عظيم داستانن کي جنم ڏنو. انهن جو مرڪز هن سرزمين تي هو. از انسواءِ سنڌ جي سياسي آزادي، عِزت وقار ۽ روايات قائم ڪرڻ لاءِ دودي سومري جي قرباني، سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ پهريون مثال آهي، جنهن تي اسان جيترو به فخر ڪري سگهون ٿا. اهو ٿورو آهي هيءَ اها سرزمين آهي، جنهن حضرت شاهه عبدالڪريم عليه رحمت بُلڙي وارو ڏهين صدي هجريءَ ۾ پيدا ڪيو جنهن جي خاندان مان شاهه عبداللطيف عليہ رحمت پيدا ٿيو انهن بزرگن جون عوام جي نفسياتي اصلاح، اخلاقي درستيءَ ۽ قومي تهذيب لاءِ حاصل ڪيل ڪاميابيون ۽ سندن اعليٰ ڪارناما وسري نٿا سگهن. ان ڪان پوءِ ٻارهين صدي هجريءَ جي اول ۾ هن سرزمين شاهه شهيد شاهه عنايت عليہ رحمت پيداڪيو جنهن تصوف ۽ حق گوئيءَ جي بهترين اصولن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ شهادت حاصل ڪئي ۽ جنهن جي فيض بشارت ڪري، سنڌ جي گوشي گوشي ۾ وحدت مذاهب، اتحاد انساني ۽ حق لاءِ ايثار ۽ قربانيءَ جو آواز پکڙجي ويو. اسين انهيءَ مقدس سرزمين تي اچ گڏ ٿي رهيا آهيون، اسان جا مقصد به معمولي نہ آهن، اسان انهن بزرگن طرفان سنڌ جي اُن عظيم پيغام کي نيئن سر زنده ڪري رهيا آهيون. هن وقت جڏهن اسان جو قومي شيرازو خود مطلبيء، نفاق ۽ نفرت، ڪمزوريءَ ۽ بزدليء ۽ قومي شعور جي عدم موجودگيء سبب پرزا پرزا ٿي پيو آهي، تڏهن اسان انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ هنن ڪانفرنسن ذريعي مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪري، سنڌ جي ان پيغام جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو عزم رکون ٿا، جيڪو امن، انصاف ۽ آزاديءَ جو پيغام آهي، اج اسين انهيءَ ئي

عظيم مقصد لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون. منهنجي نظر ۾، اسان کي مٿي ذڪر ڪيل قومي خامين دور ڪرڻ لاءِ سنڌ جي جنهن خاص پيغام کي پکيڙڻو آهي، ان پيغام جا مکيه جزا هيٺيان آهن.

(1) مذهب جي غلط تشريح ڪري جا ايڪسپلائيٽيشن (استعمال غرضيءَ) جي ڪوشش ٿي رهي آهي، ان کي دور ڪري، اسان کي مذهبي رواداريءَ ۽ محبت جو سبق پکيڙڻو آهي.

(2) مذهب جي صحيح تعليم جي عدم موجودگيءَ ۾ اتحاد انساني ۽ امن عالم جو حصول ممڪن ٿي نه سگهندو ۽ ملڪ نفاق ۽ نفرت جو مرڪز بڻجي پوندو.

(3) اتحاد ۽ امن انسانيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ دنيا ترقي جي عيوض تباهيءَ ڏي وڌندي رهندي.

(4) اتحاد ۽ امن انسان جي عالمي مِشن جي سرانجاميءَ جي سلسلي ۾ سرزمين سنڌ کي خاص رول ادا ڪرڻو آهي.

(5)ان پيغام جي پکيڙڻ لاءِ سنڌ جي اندروني خود اختياري ۽ ذهني آزادي جو حصول لازمي آهي.

(6) سنڌ جي اها خود اختياري ۽ آزادي پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ حفاظت جي ضمانت ٿي سگهي ٿي.

(7) ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي آزاديءَ اتحاد امن ۽ ترقيءَ لاءِ عالمي محبت جو پيغام پکيڙڻ ضروري آهي.

(8) ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي آزادي، عالمي اتحاد ۽ امن عالم لاءِ هڪ مکيه منزل جو ڪم ڏيندي.

(9) انهن ڪمن جي سرانجاميءَ کي سنڌ جي صوفي سڳورن، اسلام جي چوڏهن سؤ ورهين جي مشن جو بنيادي مقصد سمجهيو هو اچ اسين پڻ ان کي ايئن سمجهون ٿا.

انهن سڀني مقصدن جي حصول لاءِ اسان کي هيٺيان ڪم سرانجام ڏيڻا آهن.

(1) سياست عملي جي جٿابندين ۽ خلفشارن کان علحده ٿي ڪلچرل پليٽ فارم تان هن وقت ماڻهن جي نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.

(2) سنڌ جي صوفياڻي ڪرام ۽ مخلص قومي ڪارڪنن جي پيغام کي نئين زبان ۽ نئين انداز ۾ هر طرف پهچائڻو پوندو.

(3) سنڌ جي گوشي گوشي ۾ ڪانفرنسون ڪري، مٿيئن پيغام ذريعي، پنهنجن مقصدن جي تعليم ڏيئي، سنڌي عوام جي تربيت طرف متوجه ٿيڻو آهي.

(4) مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪرڻو آهي، جي مٿينءَ مِشن لاءِ پاڻ (کي) وقف ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.

انھن لفظن سان وري بہ آءُ اوھانجي شڪر گذاري ادا ڪندس ۽ جناب جي ايم سيد صاحب کي عرض ڪندس تہ پاڻ ھن مجلس جي افتتاح لاءِ پنھنجي خيالات جو اظھار ڪرڻ فرمائين.

خادم

**نور محمد پليجو**

❖

# انهي دؤر جا ڪجهہ خط

20_5_1967ع

**سائين جي-ايم سيد**

جناب من ميان عبدالحي صاحب
السلام عليڪم:

بزم صوفيائي سنڌ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس 9 اپريل 1967ع تي سن ۾ گڏ ٿيو. جنهن ۾ هيٺين پاسي ڪيل ٺهرائن سان اوهان جو تعلق آهي، انڪري ان جي سرانجامي لاءِ هي ٺهراءَ اوهان ڏي موڪلجن ٿا.

زياده خير و السلام.

**غلا مرتضيٰ**

❖

ٺهراءَ نمبر 4: رٽ آئي تہ شاگردن ۾ بزم صوفيائي سنڌ جو پرچار ڪرڻ ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ شاگردن جي ڪميٽي مقرر ڪجي ۽ انهيءَ جماعت جو نالو مقرر ڪجي. يڪراءَ بحال ٿيو تہ بزم جو پيغام پهچائڻ لاءِ اپر سنڌ لاءِ سيد باقر شاهہ ۽ لوور سنڌ لاءِ عبدالحي پليجو مقرر ڪجي ٿو ۽ جماعت جو نالو سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن (Sindh Students Culture Organinstion) مقرر ڪجي ٿو.

(S.S.C.O.)

❖

31-1-1971ع

**محترم رسول بخش پليجو**

جيئي سنڌ

سچي سڪ سان.

ڀاءُ عبدالحي پليجي کي سندس سالگره جي مبارڪ موقعي تي

جيئي شال:

هن عظيم داستان جي سورمي سارنگ جيان تون بہ سنڌڙي ۽ سندس سنگهارن جي سُک ۽ سڪار جي جنگ ۾ ساهہ ۽ سر جو سانگهو نہ ڪج.

تنهنجو ڀاءُ

**رسول بخش پليجو**

❖

13_9_1971ع

**محترم عبدالواحد آريسر**

محترم جناب پليجا صاحب

تسليم جيئي سنڌ.

احوال تہ جناب شاهہ محمد شاهہ صاحب اوهان جي نالي پيغام ڏنو آهي تہ براءِ مهرباني هلندڙ مهيني جو پنجويهہ 25 تاريخ سندس ڳوٺ ڀاٽوٺ ۾ توهان ضرور اچجو جو ضروري مشورو ڪرڻو آهي ۽ ميٽنگ آهي.

زياده خير.

فقط

**عبدالواحد آريسر**

❖

27 جولاءِ 1969ع
سينٽرل جيل پشاور

**محترم ڄام ساقي**

**اج آزادي جي نعرن سان درد ويا دلگيرن جا.**
**جيئي سنڌ**

مٺا ياءُ عبدالحي

تنهنجو خط مليو. ڏاڍو مزو آيو. هڪ ته ايڏو پري ويهي خط لکڻ ۾ پڙهڻ جو مزو اچي ٿو ۽ وري ملاقات بند هجڻ جي صورت ۾ ڳالهه ئي ٻي آهي. ڪلهه ناٿون ڏينهن هو جو ڪنهن جو به خط نه مليو هو ۽ هاڻي آئون انهيءَ صدقي وجي پهتو هوس جو ايندڙ گاڏيءَ جي سيٽي تي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويندي هئي ته هن ملير مان ڪو ماڻهو ڪو نئون نياپو اچي. حالانڪ ملاقات بند آهي. اچڻ جو فائدو به ڪونهي ۽ ويندڙ گاڏيءَ جي سيٽيءَ تي به ساڳيو حال ته اها منهنجي ملير مان لنگهيندي ڪڏهن اها مون کي به ڪٺي هلندي. پيارا تو لکيو آهي ته منهنجو خط پڙهڻ مهل اهو محسوس ٿيندو آهي ڄڻ آئون پاڻ روبرو پيو ڳالهايان. شايد لاشعوري طور تي ملاقات جي خواهش پوري ڪندو هجان. جاني اها ڇا، تو هڪ هنڌ مونکي توهان لکيو آهي. پاڻ ساٿي ۽ ٻي تڪليف دوست آهيون. تون، تون لک جيئن پاڻ ۾ ڳالهائيندا آهيو ته خط پڙهڻ مهل ڪچهري جو مزو اچي ٿو.

ياءُ تو جو لکيو آهي ته جيجي به تنهنجي لاءِ دُعا گهرندي انهيءَ کي هڪ نظر سان ڏسندي-ته تمام گهڻو مزو ايندو. اسان جا ساٿي گڏ هجن اها سٺي ڳالهه آهي. امان ۽ بابا دعاڳو هجن اها تمام سٺي ۽ وڏي ڳالهه آهي، جو پراڻو نسل دعاڳو هجڻ بدران مخالفت ڪندو آهي ۽ جيجي جيڪا امان جي به امان آهي، انهيءَ جي دعاءُ معنيٰ اسان جون پيڙهيون اسان جون دعاڳو آهن. اها غير معمولي خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جيجي کي چئجان تنهنجي ڏوراهين ڏيهه ۾ ڏاڍي ٿيل ڏهتي چيو آهي ته انشا الله اسان جو ازم پختو رهندو ۽ ڪامياب ٿي موٽنداسين. ادا هڪ ڏينهن هتي راولپنڊي ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيل نغمون "سنڌڙيءَ دا شهباز قلندر ٻڌم" اهو هتان جي اسٽيشن جو تيار ڪيل ٿي معلوم ٿيو.

ڌن چڱي هئي (Content) ٻول ڪي خاص نه آهن، پر هڪ عجيب طرح جو مزو آيو. هڪ عجيب جذبو محسوس ٿيو. جنهن ۾ غم به هو ته خوشي به ۽ ان وقت مون سمجهيو ته ثقافت دليلن سان سمجهائڻ يا سمجهڻ کان وڌيڪ محسوس ڪرڻ جي شئي آهي. ادا روبينا تو به ڏٺي آهي ۽ مون

بہ. مون ساڻس سياست تي بہ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ پاڻ لنوائي غير سياسي موضوع تي ڳالهائيندي آهي. آخر سرڪاري ملازم آهي، سو ڳالهہ تي ڪيم تہ سندس ڪا بہ خاص ڳالهہ محسوس ڪونہ ڪئيسين. پر هتي -هفتو ڪن اڳ آچر جي ڏينهن راولپنڊي اسٽيشن تان نشر ٿيل روبينا جا بہ نغمہ ٻڌم، هڪ سچل سائين (سرمست بابا نہ) جو ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا ۽ ٻيو پٽ ڏٽيءَ جو- "اچي لالڻ لٽ ميان مئي جو لوڙهہ لڪن ۾" تہ ڇا ٻڌايان ڇا محسوس ٿيو. پٽ ڏٽي ۽ سچل سائين تہ عظيم آهن ئي پر اڄ روبينہ جي عظمت جو بہ احساس ٿيو هوءَ بہ اسانجي ثقافت جي سٺي ترجمان آهي. 19 جولاءِ تي B.Class جو آرڊر آيو آهي. هاڻي نوار بہ اڌ ٽاهڻي پوندي ۽ ماني بہ ڪجهہ فضيلت واري ملندي. تنهنجي دوست شميم صاحبہ جا ڪهڙا حال آهن. ملڪ جا ڪهڙا آهن.

يار معارف ڪجانءِ جو خط ڪجهہ ڏڳهو ٿي ويو آهي. تون امتحان جي تياريءَ ۾ هوندين، پر ڇا ڪريان چاهيم تہ توسان ڪچهري ڪري وقت گذاريان.

**سلام:** بابا (ارباب نور محمد پليجو) شمشير، غلام رسول، موسيٰ نديم، اقبال ڏوگر، بروهي، پيرزادو، علي اڪبر ڪبر، پير مظهر، ظهور انصاري، قاضي خادم، شيخ علي محمد، قمرالدين ميمڻ، يوسف ميمڻ، رجب ضياءُ، علي اڪبر شاهہ، قائم شاهہ، جن کي ڏجان، منير جا ڪهڙا حال آهن.

ڪالهہ تنهنجي خط سان گڏ اقبال جا موڪليل ڪتاب مليا. ڪيس ٻڌائجان سندس ٽپال Check (چيڪ) ٿيڻ جو امڪان آهي. يونيورسٽيءَ مان سلپ جلدي موڪلرائي تہ اچان.

تنهنجو

**ڄام ساقي**

❖

2۔ آگسٽ 1969ع
سينٽرل جيل پشاور

چورون مڙيون، جندڙي رني ناهي رت،
ساٿي اُٽ سٽت، تہ ساڙيون هن سماج کي.

جيئي سنڌ.

منا عبدالحي

تنهنجو خط ڪلهہ مليو. هن مان ئي اندازو لڳاءِ تہ تو خط اٺ ڏهہ دفعا پڙهيو آهي، جڏهن تہ تون ٻاهر آهين، وطن ۾ آهين. يارن دوستن سان ملين ٿو ڪچهريون ڪندو هوندين، ان هوندي بہ خط توکي ايڏو مزو ڏنو تہ منهنجي متعلق تہ توکي اندازو بہ نہ هوندو تہ مون ڪيترا دفعا پڙهيو هوندو ۽ ڪيترو حظ حاصل ڪيو هوندم.

اج ارادو ڪيو اٿم تہ دوستن جا خط۔جيڪي هتي مليا آهن يا ملندا. اهي شايع ڪرائيندس. پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تون محتاط ٿي لکين. اها بي تڪلفي ۽ بي ساختگي برقرار رهڻ گهرجي. هن قسم جي خطن مان ئي ملاقات جو مزو اچي ٿو. پانيان ٿو تہ تون بہ مون وانگر خط سامهون رکي جواب لکندو آهين.

يار اهو ڇا آهي؟ پنج دفعا توهان لکي پوءِ ڪاٽي تون لکيو اٿيئي. ڳالهائڻ ۾ تہ پاڻ ٻئي پاڻ ۾ توهان استعمال نہ ڪندا آهيون.ڏينهن جا ڏينهن بلڪ ورهين جا ورهيہ گڏ گهاريا اٿئون. يار تون تہ پلجي بہ توهان نہ لک.

تنهنجي جوش ۽ بي ساختہ خوشي جو اظهار خط جو مزوئي ٻيو ڪري ڇڏيو.

**شاهہ محمد شاهہ کي سلام چئج.**

توهان جي موڪليل اخبار "پيغام" ملي. پڙهي طبيعت کي تراوت اچي ويئي. باقاعدي ڪيندا رهو (توهان معنيٰ تون۔نديم۔اقبال شاهہ ۽ منير وغيره سڀ) ادا خوشحال خان خٽڪ اياز وانگر نہ پر پٽائي وانگر آهي. هو پوڙها چار سؤ سال اڳيئي گذاري ويو. موجود شاعرن ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر اجمل خٽڪ آهي، جو پنهنجي فيڊريشن جي ڪنوينشن تي آيو هو.

خوشحال جو شعر عرض آهي جو اورنگ زيب جو قيد ۾ چيو اٿس:

ٻير جا پن ڪائو جبلن ۾ رهو
پر آزاد رهو

اورنگ زيب پان ۽ پيون نعمتون تہ ڏي ٿو
پر غلام رکي ٿو.
اي خدا مون کي هن غلامي کان ڇڏاءِ.

اجمل خٽڪ جو هڪ شعر آهي:

**اهو ڪافي نہ آهي تہ اسان مان دونهن نڪري.**
**اڇو تہ پاڻ باهہ جا شعلا بنجي وڃون.**
**نئون سهڻو ۽ دلپسند باغ ٺاهڻ لاءِ ضروري آهي،**
**تہ پراڻي باغ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.**

خوشحال خٽڪ جو هڪ بيو شعر آهي:
هن ۾ شڪ نہ آهي تہ جڏهن اورنگ زيب جو ملازم هوس تہ سردار هوس.
پر اهي زنجيرون ٽوڙڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ هوندي بہ مرضيءَ جو مختيار بادشاهہ آهيان.
هاڻي تہ خوش تنهنجي فرمائش پوري ٿي؟

ادا اڙدو ۾ غالب-اقبال-فيض ۽ ساحر-پڙهيا آهن. ٽئگور، چٽرجي ۽ نذر السلام بہ پڙهيا اٿم ۽ انگريزي ۾ شيڪسپئر. شيلي، ڪيٽس ۽ ورڊ سورٿ بہ ٿورو پڙهيا اٿم ۽ تو وانگر بين ادبن ۾ فرينچ، جپاني-روسي ۽ چيني ادب ٿورو پڙهيو اٿم. پر مزو مون کي ڀٽائي ۽ اياز مان جهڙو اچي ٿو اهڙو بئي ڪنهن مان نٿو اچي. ميران ڀائي ين ٽن دوهن کان وڌيڪ پڙهي ڪو نہ اٿم. جو راءِ جو اظهار ڪريان. نڪو مير پڙهيو اٿم. هاڻوڪو خط ڪافي ڊگهو لکيو اٿئي، ان لاءِ ٿورائتو آهيان، ٿيون ڏينهن نديم جو موڪليل بيان امتحان بابت بانگ حر ۾ پڙهيم- ڪيس مبارڪون ڏجان.

هتي ڏينهن تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ مصروف گذري ويندو آهي. رات البت آهي چانڊوڪي رات. يادون ۽ اداسيون بہ ڪٺي ايندي آهي. چنڊ کي ڏسي حضرت انسان جي عظمت کي سلام ڪرڻ تي بہ دل چوندي آهي.

انسان اڍائي لک ميل پنڌ ڪري چنڊ تي بہ پهتو آهي ۽ انسان هن چوڪڙي زمين تي ٻارهن فوٽ ديوارن کان ٻاهر بہ نٿو وڃي سگهي.

اونداهي راتين ۾ ڪي ٻيا خيال ايندا آهن. تارن ڀريون راتيون تہ ڪي ٿوريون ڏسندا آهيون، گهڻو ڪري شهرن ۾ رهون، خبر ئي ڪانہ پوي ۽ ٻهراڙين ۾ تارا تہ ڏسون، جيڪر پر ڳوٺ وڃڻ جو موقعو ئي سال ۾ ويهارو ڏينهن مس ملندو آهي. ڪاري رات ۾ نيري آسمان تي تارا ائين نظر ايندا آهن جيئن ڳچَ تي ٽڪون.

ڳوٺ وڃڻ جي ڳالهہ تي ياد آيو تہ هڪ دوست مون کان پڇيو تہ شادي تہ ڪيئي پر ڪو ٻار بہ

آهي....؟ مون جواب ڏنو ماڻس تہ آئون تہ گهڻو وقت جيل ۾ آهيان يا ريل ۾. ٻار بسترن مان تہ ڪو نہ پيدا ٿيندا. ڏاڍو کلياسين.

يونيورسٽيءَ جي ڊرائيورن جا سلام پڙهي، دل خوش ٿي. پرديس ۾ آهيان پر منهنجي ديس جي پورهيتن مون کي وساريو نہ آهي. ڪين منهنجا گهڻا سلام چئجان. انهن مان ڪن جا نالا هي آهن. خان محمد، جانو لڪانو رحيم، مسڪين، حاجي ۽ شوڪت وغيره.

**سلام:** اقبال، نديم، منهنجي سئوٽ، موسيٰ سندس والد محمد رحيم، شاهہ محمد شاهہ، منير، غلام رسول، بابا (ارباب نور محمد پليجو) شمشير ۽ ڀين کي ڏيندا.

سلام هاشم خان (ايوب خان تي گولي هلائڻ وارو) اڪبر علي خٽڪ، ليق احمد، گلشن ۽ زين الله ديوانہ جا قبول ڪج.

سلام امداد حسيني، نياز همايوني، عبدالحق عالماڻي، غلام رباني، ابن حيات پنهور، گرامي صاحب، مقبول صديقي (عبرت)، شيخ علي محمد ۽ قاضي خادم جن کي ڏج، پرواني ڀٽيءَ کي بنگال جي دوري لاءِ مبارڪون ڏج.اديبن وارا سلام جتوئي صاحب، سيد باقر علي شاهہ، الانا صاحب، محرم صاحب جن کي ڏجان.

پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي ڊاڪٽر صاحب، ڀٽو صاحب، شيخ صاحب، مس زاهده، آخوند صاحب، تنوير صاحب ۽ وارثي صاحب کي ڏج.

سيني سنگتين ڏوگر، نانڪ، چوني لال، آغا زهد، علي اڪبر بروهي، علي اڪبر ڪنير، ضمير چنا، قمرالدين ۽ يوسف ميمڻ، پير مظهر، اعجاز قريشي جن کي ڏج.

مير ٽيٻي ۽ مهر شاهہ کي بہ خط لکندا رهو دوستن کي چئجان.

امتحان لاءِ آگسٽ جي آخر ۾ ايندس. غالباً 24 يا 25 تيستائين خط لکندار هو.

تنهنجو

**ڄام ساقي**

❖

13_آگسٽ 1969

سينيٽر جيل پشاور

هي ماڻهو وه جوڙڪ ٿيا، جيئن لڪ لڳي تيئن رُڪ ٿيا.

جيئي سنڌ.

پيارا عبدالحي

سنا ياءُ ڪلهه تنهنجو خط مليو اڄ جواب لکان ٿو پيو. مون کي اميد آهي ته پيغام هن خط پهچڻ کان اڳي روانو ڪري چڪو هوندين. جاني تو لکيو آهي ته وي_سي اسانکي ريسٽڪيٽ ڪيو. اهو ٿيڻ وڏي ڳالهه نه آهي. پياري وطن جي آزادي ۽ ان جي لکين پورهيتن جي خوشحاليءَ لاءِ اسين زندگيءَ مان ريسڪٽ ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. هتي ته يونيورسٽي آهي. پر خاطري ٿئي ته هرويرو ڪورس پڙهي مغز نه کپايون. ڪارخاني ۾ نوار ناهي ٽڪجي واپس اچي پڙهڻ جو اجايو بوجهه کڻون.

توهان جي دوري لاءِ مبارڪون هجن جو سچ ته ڪيرون لهڻو. هڪ احوال ڏجان ته مون نديم کي سندس ايڊريس تي جواب موڪليو هو سو مليو هوس يا نه. اقبال ۽ بروهي کي خط لکيا اٿم. سي مليا يا نه. اقبال کي پاڻس جي ائڊريس تي ۽ بروهي کي چاچس جي ائڊريس تي، شفيق کي جواب لکيو هئم، اهو مليس نه. مسعود پيرزادي کي سندس خط جو جواب لکيو هئم اهو مليس نه. سندس هڪ خط جو احوال ڳوٺان آيو آهي جو بابا کي لکيو هئائين ان ۾ پاڇايس (منهنجي زال) کي تسلي به لکي هئائين (ڏاڍو سنو ڪيائين) گرفتار ٿيل همراهن جو ڇا پيو ٿئي؟

مٿين سوالن جا جواب جلد ڏج. منهنجي حال جو قدر ڪر ۽ ايڏي دير نه ڪندو ڪر.

گرفتارين جو تفصيل ۽ بيو احوال سڄي سنڌ جي برانچن کي لکو ۽ کين هدايت ڪريو ته ڳوٺن ۾ پکڙجي وڃن اتي پيغام پهچائين ۽ نعپ، مزدورن، هارين ۽ شاگردن جي متحده محاذ جون ٿي سگهي ته شاخون قائم ڪن.

کهڙي جي خلاف شاگردن جي مظاهري جي خبر پڙهيم خوشي ٿي. اهو سمجهه ۾ نه آيو ته جي_ايم سيد کهڙي جي دعوت ڪيئن ڪئي؟

ڪراچيءَ ۾ پروفيسر مظفر آيو هو. سيد ان جي دعوت ڪئي، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن ون يونٽ جي سوال تي ڪڏهن سمجهوتو نه ڪيو آهي ۽ مجيب جي دعوت ڪيائين. جيتوڻيڪ عوامي ليگ هڪ دفعو 1956ع ۾ حڪومت ڪئي آهي ۽ ون يونٽ کي ٽوڙڻ کان انڪار ڪيو هئائين. ٻڌو اٿم ته منعم، پاڳارو ۽ ٻيا سڀ ڪنوينشن ليگي عوامي ليگ ۾ شريڪ ٿيا آهن. پارليماني نظام ۾ ۽ ان

جي وزارتن جي آسري ۾. سيد کي شايد وري بہ پارليماني نظام ۾ ستٽيهن وزارت ڏاهڻ يا ٺاهڻ جو پراڻو شوق جاڳيو آهي.

اسلم آزاد کي خط لکيو اٿم. هن سوال پڇيو هو تہ توهان شاگردن جا پاڻ ۾ کهڙا اختلاف آهن. ڇهن صفحن تي جواب لکيو اٿم. پڇجانس تہ مليس يا نہ؟ ايندڙ خط ۾ ان جو جواب لکجان.

سلام-هدايت-نديم-اقبال-منير-خليل بچاڻي-بابا نور محمد پليجو-شمشير-غلام رسول-موسيٰ-اسلم-آغا زاهد ۽ ٻين دوستن کي ڏج.

تنهنجو

**ڄام ساقي**

❖

29 آگسٽ 1969

سينٽر جيل پشاور

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ بہ نعرا نيهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي.

جيئي سنڌ.

مٺا عبدالحي

هن پرديس جي پڃري ۾ تنهنجو پرت جو پرزو مليو. ڪجهہ ڏينهن کان مونکي تو تي ڏاڍو ڏک ٿيو هو جو جيل ۾ ڪاوڙ گهٽ ايندي آهي ۽ معمولي ڳالهہ جو ڏک ڏاڍو ٿيندو آهي. ماڻهو پنهنجي روح سان سچو ۽ تمام گهڻو حساس ٿيندو آهي. ڪافي ڏينهن تنهنجو خط نہ مليو هو. بار بار انهيءَ فڪر پئي پريشان ڪيو تہ ڇا عبدالحي بہ خط لکڻ بند ڪري ڇڏيو آخر. ڪلهہ خط مليو ۽ تاريخ ڏٺم تہ سڄو معاملو سمجهہ ۾ آيو تہ جنهن تاريخ خط ٽپال ۾ وڌو ان تي 19 جي حيدرآباد جي مهر آهي. پوءِ حيدرآباد CID آفيس ۾ سنسر ٿيڻ لاءِ هڪ هفتو رهيو ۽ اتان 26 تاريخ روانو ڪيو ويو ۽ مون کي 27 تاريخ مليو. هتي بہ سنسرشپ جي سختي ڪجهہ ڏينهن کان تمام وڌي ويئي. ڪجهہ هن ڪري جو نواب شاهہ وارو ڪيس ٿي پيو ۽ ڪجهہ انڪري جو هتي نئون سپريڊنٽ آيو آهي جو "يونٽي" ذهنيت جو خالص چوڌري آهي. اتان جا سنسر ٿيل خط وري هتان پشاور جي آفيس (CID) ڏي موڪلين ٿا، اتان الائي ڪڏهن موٽن؟ 25 ڪانپوءِ تي خط اوڏانهن ويا آهن، اڃا نہ موٽيا آهن. انهن ۾ شايد تنهنجو ڪاوڙ ڀريو خط بہ هجي تہ جواب ڇو نہ ڏنو اٿئي؟ سنسر جو هونئن تہ ڪو بہ ڊپ نہ آهي ڀلي ويچارا پڙهن پر دير نہ ڪن. اسانجو پروگرام تہ برسري عام آهي، ان ۾ ڪابہ ڳالهہ خفيہ نہ آهي. حڪومت البت اهي ڊراما ٺاهي ٿي هندوستان جا ايجنٽ آهن وغيره. توڪي شايد خبر هجي تہ هن ذهني گرفتاريءَ کان اڳي منهنجي لاءِ وائرليس ذريعي اهو نشر ڪيو ويو هو تہ ساڦي بارڊر ٽپندو. فلاڻي طريقي جو حليو اٿس ۽ گرفتار ڪريوس. مون ڪورٽ ۾ چيو تہ خود حڪومت کي بہ يقين آهي تہ اهو ڪوڙ ۽ واهيات الزام آهي. نہ تہ سمري ڪورٽ ۾ ڪيس نہ هلايو جيڪا صرف هڪ سال سزا ڏئي ٿي سگهي. جيڪڏهن شهزاد جا ترڪ بارڊر ٽپي سگهن ٿا تہ مون کي بہ هي پوليس روڪي نہ سگهي ها، پر مان پاڻ هن کي غلط ٿو سمجهان. آئينده مونکي خط هن ايڊريس تي لکندو ڪر "فضل الرحمان ٺيڪدار مشمل ڊيئري فارم سڪندرپور پشاور"، ائڊريس اردو يا انگريزي

۾ لک ۽ هن ائڊريس کان اسلم آزاد، بروهي، اقبال، نديم ۽ مسعود کي پڻ آگاهه ڪج. منير کي به اها ائڊريس ڏج. ڪراچيءَ وارو ڪم سنو ڪيو اٿو.ان لاءِ مبارڪون. حيدرآباد واري ڪم لاءِ به کيرون لهڻو. اعجاز کي منهنجا سلام ڏيئي چئج ته ائين نه ڪر. پوءِ به باز نه اچي ته چئج ته هڪ عوامي تنظيم مان ڪنهن فرد جو نڪرڻ ائين آهي جيئن درياءَ مان هڪ ڦڙي جو نڪرڻ.

پڻي ائين چئي ته ”لطيف زنده هجي ها ته يونٽ جو مخالف هجي ها ۽ هي هن کي جيل ۾ وجهن ها“ اهو تسليم ڪيو آهي ته پٽ ڌڻي جا وارث پاڻ آهيون. پٽو ۽ سندس ٻار ئي نه آهن ياد. اڻئي ته اڳي چيو هئائين ته پٽائي زنده هجي ها ته ايوب خان کي گلن جا هار وجهي ها. سو ادا پٽو موقع پرست ته آهي هن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي.

بهرحال ائين ئي ڪم ڪندا رهو.

سلام منير، نديم، اقبال، بروهي، شفيق، اسلم آزاد، غلام رسول، بابا، موسيٰ ۽ سندس والد محمد رحيم کي ڏج.

نوٽ: اقبال کي چئج ته منهنجو سوئيٽر جو سندس ڪمري ۾ ٽنگيل آهي، سو 15 سيپٽمبر ڌاري موڪلي ڏئي جو هتي 15 کان سيءُ پوڻ شروع ٿي ويندو آهي.

**تنهنجو ڄام ساقي**

فضل الرحمان واري ائڊريس تي لفافي تي منهنجو نالو نه لکو. خط پاڻهي ملي ويندو.

شاهه ۽ جمالي وارن کي سزا ملي، خبر پيئي. هاڻي توهانجون ذميداريون اجا به وڌي ويون آهن، احساس هوندوءَ. اسان کي سزا ملي هئي ته خوب کليا هئاسين اڄ منهنجي ٽهڪن کي به ٽيپ اچي ويئي آهي. اسان کي سزا کان ڏيڍ مهينو پوءِ، بي ڪلاس ملي هئي. اگر هنن کي به ڏيڍ مهيني اندر نه ملي ته مان احتجاجن بي ڪلاس واپس ڪندس. 5 آڪٽوبر تي.

❖

## محترم شاهه محمد شاهه

**پيارا عبدالحي**

**جيئي سنڌ**

امید تہ خوش باش هوندا. احوال هن ريت آهي تہ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سنڌ) جي ورڪنگ ڪميٽي جو اجلاس نواب شاهہ 21-1-1969ع بروز آچر 11 وڳي صبح جو منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت لاءِ اوهان جو نالو منتخب ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ ساڳئي ڏينهن 3 وڳي هڪ عام جلسو پڻ منعقد ڪيو ويو آهي. ان ڪري اوهان دوستن سان گڏ هن اجلاس ۾ ضرور بہ ضرور شرڪت فرمائي هن پروگرام کي ڪامياب فرمائيندا.

هي پروگرام اوهان جو پنهنجو آهي ان ڪري ڪنهن بہ حالت ۾ دوستن سميت اوهان کي هتي نواب شاهہ ۾ اچڻو پوندو.

اوهانجو پنهنجو

**شاهه محمد شاهه**

قائم مقام جنرل سيڪريٽري سنڌ

نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سنڌ)

❖

1971_5_27
حيدرآباد سنڌ

## شهيد عبدالرزاق سومرو

برادرم پليجا صاحب
السلام عليڪم

ادل افسوس آهي جو اوهان اجا تائين اسان کي ياد نہ ڪيو آهي جيڪڏهن ڪا ناراضگي هجي تہ معافي وٺڻ لاءِ تيار آهيون. اميد تہ اوهان ناراض نہ ٿيندؤ. مون کي خبر پئي هئي تہ اوهان تقريباً هر هفتي يا 15 ڏينهن حيدرآباد ايندا آهيو مگر افسوس جو اوهان جي ڏسڻ جو شرف حاصل نہ ٿي سگهيو آهي. سائين چنڊ بہ پنهنجي صحيح صورت 14 تاريخ تي ڏيکاريندو آهي، مگر اوهان تہ ان کان بہ مهانگا ٿي ويا آهيو اميد تہ هاڻي حيدرآباد ايندو تہ اسان گنهگارن تي رحم ڪندو ۽ صورت ڏيکاريندو. ادل هن آچر تي گوتم هتي آيل هو ۽ ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. هاڻي اوهان هتي ضرور گهمڻ ايندا. هتي انوڙر کي بنگلو ملي چڪو آهي ۽ پاڻ Family سميت رهندو آهي. اسين بہ ٿي توهان کي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون. وڌيڪ ڪو خاص احوال ڪو نہ آهي.

**بس پنهنجي ڪمزورين تي روئي**
**ڏينهڙا گهاري رهيا آهيون_الائجي**
**ڪڏهن اسين دلير ۽ سجاڳ ٿينداسين**
**پو غمن جي درياهن کي پار ڪنداسين.**

فقط اوهانجو پنهنجو
**عبدالرزاق سومرو**

❖

16-8-1972ع

**سنڌو هٽندي توکي ڇپر ان جي هڪ ڇولي سان**
**تون ڇاڻ مري وئين مکڙ موڳا گذر کهاڙي گولي سان**

## محترم مير نصير پليجو

پيارا ڀاءُ سدا سلامت خوش هجو.

اسلام عليڪم: جيئي سنڌ

ادا- هت سڀ خير آهي اميد ته وهان به خوش هوندا.

ادا-توهان سان ملڻ جي ڏاڍي سڪ آهي پر توهان هتان کان هڪ هزار ميلن جي مفاصلي تي آهيو. خط رستي ملاقات ٿي سگهي ٿي پر ادا توهان 3 خطن جو جواب ڪو نه ڏنو آهي، شايد Busy آهيو.

ادا- 1- سائين بنوري آيو هو اتي هڪ ميڙ ٿيو. ان بعد 2 تاريخ سائين سان گڏجي بدين، ماتلي، تلهار، گولاڙچي وياسين. اتي عظيم الشان ميڙ جلوس ٿيا. رات جو حيدرآباد آياسين. رستي ۾ مون کي آڱوٺي ۾ ڏڪ لڳو. پوءِ ڏاڍو بخار آيو. ساڍي 9 وڳي پهتاسين، مسلم ڪاليج ۾ اتي Receipation هئي. اتي بم ڦاٽو. آءُ، غلام رسول، شمشير ۽ بابا حضور به اتي موجود هئا. الله رحم ڪيو ميڙ ۾ هڪ شهيد ٿيو 17 زخمي، عمر شورو به زخمين ۾ شامل آهي. شهيد جو نالو دوست محمد پراچه آهي، پنجابي ڀاءُ هو. ٻئي ڏينهن پرڳڙي هائوس ۾ شهرين جو ميڙ هو ڪافي ماڻهو هئا. سائين پوءِ حيدرآباد ضلعي جي دوري تي روانو ٿي ويو. 8 تاريخ گرفتار ٿيو. گرفتارين ۾ رسول بخش، حفيظ صاحب ۽ وڏيڪ ٻيا شاگرد آهن.

ادا- ٻي ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي ته پيارو دوست محترم عبدالرزاق سومرو تازو مخالفن جي ڪيل حملي ۾ پاليٽيڪنڪ ڪاليج ۾ شهيد ٿي ويو.

شهيد رزاق اڳئي سنڌي قوم، ٻولي لاءِ شهيد هو ۽ شهيد ٿيو. ادا-اُها شهادت هن ۾ ان وقت به ڏسڻ ۾ آئي، جڏهن جاءِ تي حيدرآباد ۾ ايندو هو. پر رزاق عظيم آهي، امر آهي ۽ زنده رهندو.

بقول اياز: تون ڇا بہ چوين پر مرڻو ناهين
ويس مٽائي ورڻو آهين

رزاق جسماني طرح مري ويجي، پر هو زندهہ آهي ۽ رهندو.

گوتم کي خط لکيو هئائين. جيڪو گوتم اخبار عبرت ۾ ڇپايو آهي. جنهن ۾ توهان جو ذڪر پڻ آهي. توهانجي باري ۾ گوتم کان پڇيو اٿس.

تنهنجو ننڍو ڀاءُ

**مير نصير پليجو**

❖

# ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ❖ | The Ruled Sind for Fifteen Years | ڇپيل |
| ❖ | هي وري نہ ورندو وڻجارو | ڇپيل |
| ❖ | ڏوريم ڏيسارو (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | هوجي وڻ ولات جا (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | سنڌي شاگرد سياست | ٻہ دفعا ڇپيل |
| ❖ | ڪجل ڀِنل نيڻ | ڇپيل |
| ❖ | اُتر لڳا آءُ پرين (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | ديس پرديس (سفرنامو) | ٽي دفعا ڇپيل |
| ❖ | بندر مون ڏور ٿيا (سفرنامو) | ٽي دفعا ڇپيل |
| ❖ | عالمي عجائبات | ڇپيل |
| ❖ | ٿوئر ٿو آمريڪا (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | ٻنون ٿو ٽوڪيو (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | پريان سندي پار ڏي (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون(سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | اسان پنڌ پرين ڏي (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | دنيا جا مشهور شهر | ڇپيل |
| ❖ | ڪنواريون ۽ ڪنول (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ | ڪيڏي نہ مختصر زندگي (آتم ڪهاڻي) | ڇپيل |
| ❖ | لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽلينڊ جون راتيون | |
| ❖ | تن سپون سوجهي ڪڍيون | ڇپيل |
| ❖ | واقعاتِ عالم (حصو پهريون) | |
| ❖ | اسپين جو سفر نامو | پريس ۾ |

# اڻ ڇپيل ڪتاب

- خاڪا (مختلف شخصيتون)
- سفرنامو (استنبول)
- خط
- مونتي لڪيل مضمون
- آتم ڪٿا (حصو چوٿون)